# سي پير ٿيون رکين پاڇهين



الطاف شيخ

سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين

(سفرنامو)

## الطاف شيخ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1997ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٽيهون

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | القادر پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ | ڪرسٽل ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سينٽر، قاسم آباد، حيدرآباد سنڌ. |
| پهريون ايڊيشن | وفائي پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| ٻيون ايڊيشن | جون 1982ع |
| ٽيون ايڊيشن | ڊسمبر 1997ع |

قيمت 60/- رپيا

پڪي جلد سان 80/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

SE BERYOON RAKHEEN BAAJH SEIN (A Travelogue in Sindhi) By ALTAF SHAIKH. Published By New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad, Sindh. Pakistan. Second Edition June 1982. Third Edition December 1997. Price Per Copy Rs. 60/-

Book No. 30

Library of Congress No. P-SI 79-931174

ٽائيٽل ڪيليگرافي: راز ناٿن شاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

## ڪمانڊر قربان علي ارباب نالي

ڪمانڊر قربان علي ارباب جنهن جو هن ڪتاب ”چالنا جي سفر“ ۾ نالو آيو آهي اسان جي ڳوٺ هالا جو آهي. هو منهنجو نه ته دوست آهي نه وري اعليٰ عملدار پر هي ڪتاب ڪين اربي خوشي محسوس ٿو ڪريان جو ارباب صاحب هڪ اهڙو نيڪ انسان آهي جنهن سڄي زندگي ماڻهن جي مدد ڪئي ۽ ڪندو اچي. ڳوٺ جي نوجوانن جي رهنمائي ڪرڻ ۽ کين روزگار سان لڳائڻ لاءِ ان لائق بنائڻ ۾ نه فقط قربان علي ارباب صاحب پر سندن سڄي فئملي اڳيان اڳيان رهي آهي. مونکي ته نه فقط هالا ۽ سنڌ جي ٻين شهرن جا پر پاڪستان جي ٻين صوبن جا به ڪيترائي مليا هوندا (خاص ڪري نيوي ۽ بئنڪن جا) جن هالا جو نالو ٻڌي قربان علي ارباب يا هن جي ڀائرن: ڪمانڊر اختر علي ارباب، مسعود علي ارباب (سکر ڊويزن جو سابق چيف انجنير)، منور علي ارباب (UBL جو سنڌ لاءِ ريجنل چيف ايگزڪيوٽو) يا ڪنهن ٻئي ڀائر جو پڇيو هوندو ۽ دعا ڏني هوندي ته هن منهنجي فلاڻي يا فلاڻي ڪم ۾ مدد ڪئي هئي.

گهٽ ۾ ڏيرج سان ڳالهائڻ واري ۽ هميشه Composed، محنتي ۽ ذڪئي وقت ۾ ڪم ايندڙ هالا جي هيءَ ideal ارباب فئملي اڄ سنڌ يا پاڪستان ۾ هالا جي مخدومن بعد ٻئي نمبر تي جاتي سڃاتي وڃي ٿي. قربان علي ارباب ائين ڀائرن ۾ هڪ ڀيڻ زبيده (مومل) ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو نمبر آهي. ڪانٽس وڏو ڀاءُ مرحوم حسين علي ٽيهہ سال اڳ گذاري ويو. هُن ڀائرن لاءِ چيو ويندو آهي تہ Self-Made ماڻهو آهن. اها حقيقت آهي تہ هُن غريب هجڻ جي باوجود محنت ۽ همت سان نہ فقط تعليم حاصل ڪئي پر هميشہ متاهيون Positions ڪٽي پنهنجي قابليت تي اعليٰ نوڪريون هٿ ڪيون.

پاڪستان ٺهڻ بعد پهريون سنڌي قربان علي ارباب هو جيڪو بحري فوج (پاڪستان نيوي) ۾ شامل ٿيو. پاڻ اسانجي ڳوٺ جو پهريون ماڻهو آهي جنهن نياڻين جي تعليم تي زور ڏنو. (سندس وڏي ڌيءُ نسيم جنهن جي شادي فاروق نديم صوفي سان ٿي آهي ڊاڪٽر آهي، ٻيو نمبر ڌي رخسانا جنهن جي شادي هالا جي مشهور شخصيت مرحوم گل حسن ميمڻ جي پٽ ڊاڪٽر اشفاق سان ٿي آهي ڪسٽم ڊپارٽمنٽ ۾ سينئر پروينٽو آفيسر آهي ۽ ٽيون نمبر ننڍي ڌيءُ، جيڪا ڊاڪٽر غلام علي ارباب جي زال آهي، ايم اي پوليٽيڪل سائنس ۾ ڪئي اٿس).

ارباب صاحب جا وڏا ارڙهين صديءَ جي اڌ ڌاري، مرزا قليچ بيگ جي خاندان وانگر وچ ايشيا کان ٿيندا اچي سنڌوندي جي ڪناري واري هن ڳوٺ ۾ آباد ٿيا. ارباب تہ عزت خاطر هر وڏي کي سڏيو وڃي ٿو پر هو اصل ذات جا هلا هئا جنهن قبيلي جا ماڻهو اڄ بہ سعودي عرب، ترڪي ۽ ٻين ڪيترن هنڌ ملن ٿا. اوڻهين صديءَ جي لڏڻ پلاڻ ۾ ويندي هن ڪٽنب جا ڪجهہ ماڻهو ڪوريا تائين وڃي نڪتا. سندن هن ذات پويان هن ڳوٺ جو ِالو هالا پيو. ڪانٽن پوءِ ٻيا جيڪي هن ڳوٺ ۾ اچي رهيا تن ۾ پڻ ڪيترا اهڙا هئا جن جا ڏاڏا پڙڏاڏا ٻاهران- خاص ڪري عرب، افغانستان ۽ وچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايشيا کان لڏي، رستي تي ڪيترن هنڌن تي رهندا، اچي هتي رهائش پذير ٿيا. هالا جا عرساڻي، قريشي، قاضي، ابڙا ۽ ٻيا جيڪي هاڻ اسانجي سنڌي ڪلچر ۾ رچي بسي ويا آهن ۽ جن جون سنڌ ڌرتي لاءِ خدمتون قابل تعريف آهن، اصل ۾ ٻين هنڌن تان آيا.

هالن جي شهر ۾ جن ٻن ڇٽن سڀ کان پهرين متڙڪ ڪئي انهن ۾ هڪ محمد اسماعيل عرساڻي هو (جنهن جو تڙ بابت ڪتاب 'بدنصيب ٽري' تمام گهڻو مشهور ٿيو) ۽ ٻيو قربان علي ارباب صاحب جو والد صاحب حاجي عبدالغني ارباب هو. پاڻ هالا ۾ محمد پريل جي نالي سان پڻ سڃاتو ويجي ٿو. حاجي عبدالغني 1896ع ۾ ڄائو ۽ ڪراچي جي سنڌ مدرسي مان تعليم حاصل ڪيائين. پاڻ 1390 هجري سال (1970ع) ۾ وفات ڪيائين. پاڻ 1963ع ۾ حج ڪيو هئائين. حج تان موٽڻ واري ملاقات مونکي به ياد آهي. اسان انٽر ڪري موڪل تي هالا ۾ هئاسين ۽ بس اسٽاپ وٽ واڪ ڪري رهيا هئاسين ته خبر پئي ته اربابن جا حاجي اچي ويا آهن جن سان گڏ، رسم موجب، سيد مخدوم محمد زمان طالب المولي جن وٽ پهتاسين. سندن نوراني چهرو اڃا تائين ياد اٿم. پر ان وقت نه اها ڄاڻ هيم نه معلوم ڪرڻ چاهيم تي ته ارباب فئملي ۾ تعليم وٺڻ جو جذبو پيدا ڪندڙ هي شخص هو. ۽ حاجي عبدالغني ارباب صاحب نه فقط پنهنجن ٻارن پر ٻين مٽن مائٽن کي به علم حاصل ڪرڻ ۽ پکيڙڻ لاءِ نصيحت ڪئي. سندن ننڍي ڀاءُ عزت علي جو پٽ عبدالرحيم ارباب صاحب منهنجو پهرين درجي ۾ ڪلاس ٽيچر هو. پاڻ هالا جي جهونن استادن مان هو جنهن منهنجي والد کي به پڙهايو. قربان علي ارباب جو چوٿون نمبر ڀاءُ

ظفر عليءَ پڻ ماستري جهڙي نوڪري کي اُتم ۽ اعليٰ سمجهيو. هو منهنجو ٻئي درجي (يعني ڇهين ڪلاس) ۾ ڪلاس ٽيچر هو. پڙهائيءَ سان گڏ هن جو راندين ۾ حصو وٺڻ تي پڻ زور هوندو هو. (جنهن ۾ وڏو هٿ اسڪول جي ڳوٺائي هيڊ ماستر سائين غلام رضا پٽو صاحب جو هو جنهن جو وڏو فرزند نواز علي پٽو سنڌ يونيورسٽي ۾ رجسٽرار تي رهيو آهي ۽ ننڍي عمر ۾ راڳ جي فن ۾ اعليٰ مقام رکندڙ پري وش جو پيءُ آهي.) سائين ظفر علي ارباب جو وڏو پٽ الطاف آرمي ۾ ڪرنل آهي ۽ اميد آهي ته جلد برگيڊيئر جي رئنڪ تي پهچي ويندو. باقي نيوي ۽ مرچنٽ نيوي ۾ ته هن خاندان جا ڪيترائي آهن. قربان صاحب جو پنجون نمبر ڀاءُ ڪمانڊر اختر علي ارباب پڻ نيوي ۾ تمام مقبول شخصيت آهي. هينئر رٽائرڊ ٿيڻ بعد به ڊفينس سوسائٽي آفيس ۾ ليگل ائڊوائيزر طور ڪم ڪري رهيو آهي جتي روزانو هن جو ملڪ جي بري، بحري ۽ هوائي فوج جي ماڻهن سان واسطو پوي ٿو.

ڪمانڊر قربان علي ارباب حيدرآباد جي نورمحمد هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڪئي ۽ 1947ع ۾ B.A ڪرڻ بعد نيوي جي Executive برانچ ۾ سب ليفٽيننٽ ٿيو. 1961ع ۾ ليفٽيننٽ ڪمانڊر رئنڪ سان مشرقي پاڪستان جي بندرگاهه چالنا ۾ پائلٽ مقرر ٿيو.

جيئن هن ڪتاب جي شروعات ۾ ڏنل ”ضروري چاڻ“ ۾ پائلٽ بابت لکي چڪو آهيان ته هوائي جهاز هلائيندڙ ڪئپٽن کي به پائلٽ سڏجي ٿو ۽ پاڻيءَ جو جهاز هلائيندڙ ڪئپٽن جنهن کي ڪنهن خاص بندرگاهه جي ڀرپور ڄاڻ هجي ان کي پڻ پائلٽ سڏجي ٿو. ملڪي توڙي ڌارين جا جهاز هلائيندڙ ڪئپٽن پنهنجي

جهاز کي فقط بندرگاهہ جي منهن تائين آڻين تا باقي بندرگاهہ ۾ اندر وٺي هلڻ ۽ جيٽيءَ سان جهاز کي لڳائي بيهارڻ ان بندرگاهہ جي پائلٽ جو ڪم آهي. ۽ چالنا بندرگاهہ هڪ ڏکيو بندرگاهہ سمجهيو ويجي ٿو جنهن تائين پهچڻ لاءِ جهاز کي ڪلٽي سمنڊ کان وٺي پهرين پسر ندي ۾ هلائڻو پوي ٿو- جنهن ۾ ڪٿي ور وڪڙ آهن تہ ڪٿي پاڻيءَ جي اونهائي گهٽ وڌ بہ آهي. قربان علي ارباب چالنا بندرگاهہ جو ڏهہ سال کن پائلٽ ٿي رهيو. کين 1965ع واري جنگ ۾ ستاره هرب جو تمغو مليو. پاڻ 1971ع ۾ ڪراچي بندرگاهہ جو پائلٽ مقرر ٿيو ۽ 1973ع ۾ پاڪستان نيوي مان رٽائرڊ ڪيائين. ان ئي سال کيس پورٽ قاسم بندرگاهہ جو هاربر ماسٽر مقرر ڪيو ويو. ان بعد ڊپٽي ڪنزرويٽر ٿيو ۽ پوءِ آخر ۾ PQA جو جنرل مئنيجر (آپريشن) ٿيو. پاڻ پورٽ قاسم ۾ بہ ڏهہ سال کن رهيو ۽ 1983ع ۾ سٺ سالن جي عمر ۾ نوڪري کان رٽائرڊ ڪيائين.

سرڪاري نوڪريءَ کان تہ ارباب صاحب ڪٺي رٽائرڊ ٿيو هجي پر اهو ماڻهو جنهن سڄي عمر سخت مشغول زندگي گذاري سو ڪيئن ماٺ ڪري ٿو وهي. هو اڄ ڏينهن تائين مختلف خير جا ڪم ڪندو رهي ٿو. سگها وارن جو ڪم هجي يا ڪنهن بہ NGO جو، هو پنهنجي هڙان بہ ڏئي ٻئي جي مدد ڪندو رهي ٿو. قربان علي ارباب صاحب جي نظرن ۾ سڀ کان اهم شيءِ تعليم آهي. ۽ هن ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي هن کي تعليم جي اعليٰ معيار ۾ ئي نظر اچي ٿي. شايد اهو ئي سبب آهي جو هو پوٽاڻ ڏهٽاڻ کي بہ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جهڙي نيڪ ڪم لاءِ آماده ڪندو رهي ٿو. قربان علي ارباب صاحب جو وڏو پٽ سليم پرويز (جيڪو مون سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ هو ۽ هاڻوڪي وزيراعليٰ لياقت جتوئي جو ڪلاس ميٽ هو) جون ۾ ڏيئون ثروت ۽ سامرينا ۽ پٽ خالد سٺي اسڪول ۽ ڪراچي اسڪول جهڙن نالين تعليمي درسگاهن ۾ تدريسي ڪم ڪن ٿا ۽ هنن ٽيچنگ جي سکيا آئرلئنڊ (انگلنڊ) مان حاصل ڪئي آهي. ارباب صاحب جو ٻيو نمبر پٽ اسلم پڻ وڏي پاءِ وانگر بئنڪنگ ۾ آهي.

قربان علي ارباب صاحب جي جنم تاريخ 25- ڊسمبر 1923ع آهي.

**الطاف شيخ**
آڪٽوبر 1997ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| -1 | پيش لفظ - | سلطانا صديقي | 13 |
| -2 | اظهار خيال - | الطاف شيخ | 15 |
| -3 | ليڪ طرفان - نئين چاپي لاءِ - الطاف شيخ | | 21 |
| -4 | جهاز بابت ڪجهه ڄاڻ | | 26 |
| -5 | چالنا - بيلي منجهه بندرگاهه | | 39 |
| -6 | دوحا (قطر)- عربي نار جو هڪ امير ملڪ | | 53 |
| -7 | ڳالهيون هيوسٽن (ٽيڪساز) جون | | 70 |
| -8 | ڪوريا جون ڪجهه يادون | | 96 |
| -9 | ٽڪل ۽ ٽڪل | | 107 |
| -10 | One is enough | | 122 |
| -11 | آمريڪاڌ نيوجرسي، بالٽيمور ۽ نيويارڪ | | 141 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# الطاف شيخ جا ڇپيل ڪتاب

1- انامڪا
2- منهنجو ساگر، منهنجو ساحل
3- پيار جي گهٽ
4- وايون وڻجارن جون
5- سي پيڙيون رکين پاڄهه سين
6- دنيا آهي ڪاڪ محل
7- سمونڊ جن ساٿيهه
8- بندر بازاريون
9- سمونڊ جي سيوين
10- سي ٿي جوين ڏينهن
11- بندر ديسان ديس
12- خبرون ڪيڙائن جون
13- ڪويت ڪنارا
14- ڇا جو ديس، ڇا جو وديس
15- جاني تہ جهاز ۾
16- جپان جن جي جيءَ سان
17- ڳالهيون تنهن جپان جون
18- خدا ڏي خط
19- جپان رس
20- سانباهو سمونڊ جو
21- موج نہ سهي مڪڙي
22- الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان
23- بهترين سفرناما
24- لنڊن تائين لفٽ
25- پارن جون آڪاٺيون
26- مس سدا بهار چنبيلي
27- مڪليءَ کان ملاڪا تائين
28- سنگاپور ويندي ويندي
29- ڪوالالمپور ڪڄهه ڪوهہ
30- ماستر هريام جو بئنڪاڪ وڃڻ
31- دنگيءَ منجهه درياهہ
32- ڏاهي جهرڪي ۽ پيون آڪاٺيون
33- جت جَر وهي تو جال
34- يادين جي انڊلٺ
35- ڳالهيون آهن ڳچ
36- اي جرني ٽو ٿائليند
37- سوزيءَ سان پيار
38- Proverbs of Far-East
39- اوهريا جي عميق ڏي
40- اڃن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا
41- ملير کان مالمو
42- جت برف پئي تي جام
43- ڪراچي کان ڪوبي هيگن
44- ارائونڊ دي ورلڊ
45- رنئي آهي ڳهوت سان
46- يورپ جا ڏينهن يورپ جون راتيون
47- اي روڊ ٽُ مدينہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پيش لفظ

الطاف شيخ جا هي مختلف ملڪن جا سفر پڙهي اسان جهڙن جو گهمڻ لاءِ شوق وڌي ٿو. سفرنامو ايترو تہ سهڻي ۽ تفصيلي نموني سان لکيل آهي جو مون ان کان اڳ اهڙا سٺا سفرناما نہ پڙهيا آهن. سوچيان پئي تہ ڪٿناڊا وڃڻ کان اڳ جي اهي پڙهان ها تہ هوند روم ۽ نيويارڪ کان وٺي ڪئناڊا تائين اهي مسئلا مون سان درپيش نہ اچن ها ۽ اها حيراني ۽ پريشاني نہ ٿئي ها جيڪا هر نئين ماڻهوءَ کي ڌارين جي ڌرتي تي ٿئي ٿي، ۽ شايد منهنجو سفر وڌيڪ دلچسپ، تفريح آموز ۽ سولو رهي ها.

ادب جي هن حصي (سفرنامي) جي هوڻ بہ اسان کي تمام گهٽي ضرورت آهي، ۽ مونکي خوشي آهي تہ الطاف انهيءَ تي ڪافي لکيو آهي ۽ اميد تہ اڳتي بہ لکندو رهندو.

اڄ فارين وينڌڙ ٽوڪيو ايمبسي ۾ سيڪنڊ سيڪريٽري مسٽر ظفر شيخ کان ناروي ۾ تعليم وٺندڙ مس ساجده تائين، لنڊن ۾ ڊاڪٽري ڪندڙ اسلم گهلو کان ماسڪو ۾ رهندڙ جيالاجسٽ عبدالرزاق ابڙي تائين شايد ئي ڪو سنڌي هجي جنهن الطاف جا سفرناما نہ پڙهيا هجن.

الطاف جنت، جهنم ۽ هن بناوٽي دنيا جي ٽواٽي تي نہ، پر ان بواٽي تي آهي جنهن جو هڪ طرف ادب ڏي آهي تہ ٻيو مئرين انجنيئرنگ ڏي. ڪيترن پڙهندڙن کي اهو معلوم نہ هوندو تہ الطاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهاز جي دنيا ۾ هڪ مشهور انجنيئر آهي، جنهن جا مئرين انجنيئرنگ تي لکيل Technical Papers شايد ڪو جهازي انجنيئر هجي جنهن نہ پڙهيا هجن، ۽ ساڳي طرح جهاز جي دنيا ۾ رهندڙن ڪي شايد اهو علم هجي تہ اهو الطاف جنهن جي هٿن ۾ هو هميشہ پانا ۽ متر ڪا ڏسن ٿا، ۽ جيڪو انجڻ جي گوڙ گهمسان ۽ سامونڊي طوفانن واري دنيا ۾ رهي ٿو سو اديب پڻ آهي، جنهن جا ڪتاب نہ فقط سنڌ ۾ پر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ جتي بہ سنڌي آهن شوق سان پڙهيا وڃن ٿا.

سلطانا صديقي
پاڪستان ٽيليويزن
ڪراچي

تاريخ - جنوري 1980ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اظهار خيال

ڪتاب ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرين ۾ سفرناما ڳالهه جي روپ ۾ آهن. ٿوري گهڻي جرنلزم واري رپورٽنگ ۽ تاريخ جاگرافي واري ڪٿا به شامل آهي. ٻئي حصي ۾ افسانوي رنگ آهي ۽ ٽئين ۾ ڊائري نمونو آهي.

دراصل سفرنامو ڪهڙي انداز ۾ وڌيڪ مؤثر ۽ بهتر رهي سگهندو- ان لاء شروع کان ڪجهه تجربا ڪري رهيو آهيان- خطن جي روپ ۾، ڪهاڻين ۽ انٽرويو جي ڍنگ ۾، 'گائيڊ بڪ' جي نموني ۾- مختلف ڪتاب اچي چڪا آهن.

هن ڪتاب جو پهريون حصو هن کان اڳ به پريس جو منهن ڏسي چڪو آهي. 1972ع ۾ طارق اشرف، سهڻي پريس طرفان پاڪيٽ سائيز ڪتابن جو سلسلو شروع ڪيو هو، ان ۾ اهو حصو ڇپيو هو.

اهو حصو سال 1968ع ۽ 1969ع سان تعلق رکي ٿو، جڏهن آئون جهاز تي ففٿ انجنيئر هوس. ڪتاب جو ٻيو حصو 1972ع کان 1973ع تائين واري دور جو آهي، جڏهن آئون مختلف جهازن تي ٿرڊ ۽ سينيئر ٿرڊ انجنيئر جي حيثيت سان Sail ڪري رهيو هوس. ان حصي ۾ سفرناما افسانوي انداز ۾ ڏنل آهن. اهي ڳالهيون مون سان ٿيون يا ٻئي ڪنهن سان، پر پنهنجي جاء تي اهي افسانا حقيقتون آهن، جي مون 1st Person Singular ۾ پنهنجو پاڻ بيان ڪيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو ٽيو حصو جنهن ۾ مون سيڪنڊ انجنيئر جي حيثيت سان Sail ڪيو آهي، سال 1973ع کان 1974ع تائين آهي، ۽ ڊائري نمونو آهي.

ڪجهه پڙهندڙن جو اهو خيال رهيو آهي ته هي سفرناما فقط ڪتابي صورت ۾ اچن ۽ اخبار يا رسالي ۾ نه. اها بجا ڳالهه آهي ته اخبار ۾ اچڻ ڪري اهو مزو نڪريو وڃي، پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته اسان وٽ ڪيترا آهن جي ڪتاب خريد ڪرڻ جي حيثيت رکن ٿا. اڄ ڪلهه جي مهنگي ڇپائي ۽ ڪميشن ايجنٽن جي هيڪاندي هبڇ ڪري ڪتاب جي قيمت ڳري ٿيو وڃي ۽ ڪتاب فقط چند شوقين رڪارڊ خاطر وٺي سگهن ٿا. نه ته هي سفرناما گهٽي کان گهٽ ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ- جيڪا هر اديب جي تمنا هوندي آهي، اخبار ئي هڪ واحد ۽ مؤثر طريقو آهي. بهرحال هن ڪتاب ۾ پڙهندڙن کي اهڙو ڪافي مواد پڙهڻ لاءِ ملندو جو پهرين نه ڇپيو آهي.

پڙهندڙن لاءِ هڪ ٻي ڳالهه واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته هن ڪتاب جو ڪجهه اسڪرپٽ پنج سال اڳ جو لکيل آهي ۽ باقي ٻه ٻه سال کن اڳ جو آهي. ان بعد ڪافي سياسي ۽ سماجي تبديليون آيون آهن ۽ ساڳي وقت مونکي ٻه ڪيترائي ڀيا ۽ ساڳيا ساڳيا ملڪ وري ڏسڻ جو موقعو مليو آهي ۽ ظاهر آهي ته ان دوران منهنجا ڪيترين ڳالهين بابت خيال ۽ رايا بدليا هوندا. پر هتي اهو ئي مواد اصلي صورت ۾ ڏنو پيو وڃي.

منهنجي پوزيشن ولائت تي لکڻ جي حيثيت ۾ تمام ڏکي آهي. آئون ولائت ۾ پرديسي ٻه آهيان ته ساڳي وقت ملڪ کان وڌيڪ ولائت ۾ وقت گذري ٿو. ڪٿي ولائت جي تعريف ڪئي اٿم ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي ڳلا، ساڳي وقت پنهنجي شهر، ملڪ ۽ ڪنڌ جي پڻ. ۽ ميان تو تہ پڙهندڙن کي ڪيترن هنڌ ڪيترين ڳالهين بابت منهنجي Approach بلڪل Objective نہ لڳندي، پر تنهن هوندي بہ اميد اٿم تہ منهنجا مختلف وقتن ۾ مختلف خيال ۽ تبصرا پڙهڻ بعد پڙهندڙن جي دماغ ۾ ضرور ڪا تصوير اڀرندي جا ڪين دنيا جي ملڪن، اتي جي ماڻهن، ريتن ۽ رسمن بابت ڪافي قريبي ۽ صحيح Idea ڏئي سگهندي.

– الطاف

ڪراچي 1976ع



نيويارڪ جي ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ مٿان الطاف شيخ ۽ ٽنڊو
قيصر جو نور احمد نظاماڻي. 1969ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نيويارڪ U.S.A ۾. ساڄي کان کاٻي: جهڏي جو مبارڪ ٽالپر، ٽنڊو قيصر جو نور احمد نظاماڻي، الطاف شيخ ۽ ڪراچي جو عاشق ميمڻ.




ڪوريا ۽ جپان جي وچ واري سمنڊ تي بيٺل جهاز ۾: ساڄي کان کاٻي: آصف [illegible]، الطاف شيخ ۽ [illegible] 1970ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



الطاف شيخ پنهنجي جهاز جي ڪئبن ۾. (فوٽو 70-1969ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ليکڪ طرفان - نئين ڇاپي لاءِ

”سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين“ جو هي ٽيون ايڊيشن ان ئي اصلي صورت ۾ آهي جنهن ۾ پهريون ۽ ٻيو ڇپيو. ان وچ ۾ ڪيتريون ئي تبديليون دنيا جي گولي تي رونما ٿي چڪيون آهن. اوير پاڪستان اڄ بنگلاديش آهي. روس ۽ يوگوسلاويا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو آهي. يورپ جا ٻيا ملڪ ڳنڍجي هڪ ڪميونٽي ٿاهڻ ۾ ڪافي حد تائين ڪامياب ٿي رهيا آهن.

ويهارو سالن کان متي، اڳ جا هي پنهنجا لکيل سفرناما پڙهي ڪن هنڌن تي پاڻ کي داد ڏنو اٿم جو هي لکڻ جو ڪم ان عمر ۾ ڪيو اٿم جنهن ۾ هڪ هنڌ ڪرسيءَ تي ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ لکڻ، پوءِ پڙهي درستيون ڪري وري فيئر ڪرڻ ۽ ان کان علاوه هن قسم جو مواد لکڻ لاءِ ڪيترائي Supportive ڪتاب پڙهڻ، ڪجهه ڏکيو ۽ بور ڪم لڳي ٿو- ۽ سو به انجڻ روم جي گرمي ۽ خراب موسمن ۾، ڏينهن رات ڊيوٽي ڪندي. اهو سڀ ڪجهه سوچي اڄ پنهنجي پٺي پاڻ ئي ٺپريان ٿو. ۽ ائين جيڪو وقت ڪاٽيندو رهيس ان تي افسوس نه اٿم. اڄ اهو به سوچيان ٿو ته لکڻ پڙهڻ جو شوق نه ڏاريان ها ته ڊگهن ساموندي سفرن تي سخت بور محسوس ڪريان ها ۽ وقت ڏاڍو ڏکيو گذري ها. پنهنجا هي سفرناما پڙهي ڪن ڳالهين تي پنهنجي اڻ ڄاڻائي تي افسوس به ٿئيم ٿو ته گهٽ معلومات هجڻ ڪري ڪيترين ڳالهيون تفصيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان لکي نہ سگھيو آهيان يا ڪن هنڌن تي details ۾ لکڻ ضروري هو پر نہ لکيو اٿم. ﭘي ڳالهہ تہ يڪساهي - يعني هڪ ئي sitting ۾ سڄي ڳالهہ نہ لکي اٿم. يڪو وقت نہ ملڻ ڪري قسطن ۾، مختلف هنڌن ۽ moods ۾ لکيون اٿم. ان ڪري ڪيترن هنڌن تي jumping ٿي وئي آهي. يعني ڪڏهن ڪٿان وڃي نڪتو آهيان تہ ڪڏهن ڪٿان. هڪ ڳالهہ شروع ڪئي اٿم تہ ﭘئي ڏينهن يا ﭘي موقعي تي لکڻ جو وقت ملڻ تي ان ڳالهہ ڪي مڪمل ڪرڻ بدران ان ڳالهہ کي ڇڏي ﭘي ڳالهہ کي اهميت ڏني اٿم. ان ڪري ڪٿي ڪٿي سلسلو ٽٽل هوندي ﭘہ اميد آهي تہ پڙهندڙن لاءِ منهنجيون هي ﭘاءُ (چوٿو) صدي اڳ جون ڪچيون ڦڪيون لکڻيون دلچسپ ثابت ٿينديون. ها هڪ ﭘي ڳالهہ ﭘہ. ڪن هنڌن تي مونکي لفظ ’عورت‘ يا ’نوجوان عورت‘ لکڻ ڪتو ٿي پر ڏسان پيو تہ جتي ڪٿي انهن لاءِ ’ڇوڪريءَ‘ جو لفظ استعمال ڪيو اٿم. اهو شايد ان ڪري جو جهاز تي اها ئي termnology استعمال ٿئي ٿي- يا گهٽ ۾ گهٽ انهن ڏينهن ۾ ٿيندي هئي جنهن موجب جهازين (Sailors) جي نظر ۾ سورهن ڪان ٽيهہ چاليهہ سالن تائين (بلڪ نشي جي حالت ۾ پنجاهہ سالن جي عمر تائين) جي عورت ﭘہ ’ڇوڪري‘ هوندي هئي. ۽ ان بعد ’اولڊ وومن‘.

1968-69ع وارا دبئي ۽ دوحا، جيڪي اڄ جي يورپي شهرن جو مقابلو ڪن ٿا، ان وقت سنڌ جي نوشهري فيروز ۽ روهڙي کان ﭘہ ننڍا شهر هئا جن ۾ هالا جي بازار کان ﭘہ ننڍي ۽ ڪچي بازار هئي. بندرگاهہ هو پر ننڍا ﭘيڙا ۽ ﭘيڙيون بيٺيون ٿي ۽ اسانجو ويهہ هزار ٽن وارو جهاز ’سندربن‘ جي بيهڻ لاءِ ﭘہ ڪا سنئين سولي نہ جيٽي

هٿي ۽ نہ اندر اچڻ لاءِ اونهو بندرگاهہ. ويهہ ميل کن پري ڪلٽي سمنڊ ۾ وچي بيٺا هئاسين. جهاز جو هڪ ٻہ پائيپ ٽٽي پيو هو تہ ان کي ويلڊنگ ڪرڻ لاءِ ٻہ اسانکي وڏي مشڪل سان دبئي مان ڪو ورڪ شاپ وارو هٿ آيو هو. ان وقت اسان جهاز جا انجنيئر هن قسم جون ڳالهيون ڪندا هئاسين:

”هنن عرب رياستن وٽ پئسو جام اچي رهيو آهي. هڪ ڏينهن پنهنجا جهاز بہ خريد ڪندا. انهن جي مرمت، Dry Docking توڙي سيڊي سامان ۽ Spare Parts لاءِ هو اسان ڏي ڀڄندا. اسان جي حڪومت کي کپي تہ اسانجي ملڪ ۾ هڪ ٻدران ٻہ ٽي ڊراءِ ڊاڪ ٺهرائي ڇڏي. هن پوري ريجن ۾ ٽيڪنيڪلي، انڊين ۽ اسان پاڪستاني سڌريل آهيون ۽ مسلمان جي ناتي هن پوري علائقي جو جهازي بزنيس اسان پاڪستاني capture ڪري سگهون ٿا...“ وغيره وغيره.

۽ اڄ دبئيءَ جهڙا ننڍا ملڪ (جيڪي تيل نڪرڻ ڪري پئسي جي معاملي ۾ تہ امير ضرور هئا پر سائنس ۽ ٻئي علم ۾ اڳيرو نہ هئا)، اهي اڄ اسان کان گهٽو گهٽو اڳ نڪري ويا آهن. دبئيءَ ۾ اهي اهي ڪارخانا ۽ اعليٰ نموني جا ڊراءِ ڊاڪ ۽ جهازن جي مرمت جا يارڊ کلي ويا آهن جو اڄ اسان جا جهاز Repair Facilities لاءِ اوڏانهن وڃن ٿا. نہ فقط وڃن ٿا پر وڃڻ لاءِ سفارشون هلائي اڳ واٽ جي ائڊوانس بڪنگ ڪرائين ٿا.

دبئي جهڙي رڻ پٽ ۾ نہ مينهن آهي نہ درياهہ. سمنڊ جي کاري پاڻيءَ مان مٺو پاڻي ٺاهي پاڻ بہ استعمال ڪن ٿا ۽ ٻين کي بہ وڪڻي ناڻو ڪمائين ٿا. اسان جي بندرگاهہ ۾ اينڊڙ جهاز پاڻيءَ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيا دانهون ڪندا. رلائي رلائي ڪن جهازن کي پاڻي مهيا ڪيو ويندو تہ ڪن کي نہ. نتيجي ۾ ويندي اسانجي ملڪ جا جهاز بہ دبئي مان پاڻي خريد ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا. تيل تہ اتان وٺن ٿي وٺن ٿا پر گوشت، ڀاڄيون، ميوا بہ اتان خريد ڪن ٿا. دبئي دوحہ ۾ چار پئسا ڪٿي وڌيڪ مهنگائي هجي پر شيءِ تہ وقت تي، جلدي ۽ صاف ستري مليو وڃي. مثل مينهن ۽ بيمار ڍڳين جو گوشت تہ نتو ملي. اسان جي ملڪ ۾ ٻڪري جي نالي ۾ گڏهن ڪتن جي گوشت جي وڪري جو اخبارن ۾ پڙهي دنيا جا ماڻهو (مسلمان توڙي غير مسلم) ڏندين آڱريون ڏين ٿا.

اهي ڏينهن جن ۾ مون هي سفر (Travels) ڪيا ۽ اڄ جي دؤر ۾ جيتوڻيڪ ڪو وڏو عرصو نہ گذريو آهي. ڪو ويهہ پنجويهہ سالن جو فرق مس آهي. پر ان ۾ ڪن ڪن ملڪن (ڪوريا جهڙن) جا تہ زبردست ترقي ڪئي آهي. اڄ جو نوجوان منهنجي هنن سفرن جي ڪٿا پڙهي يقين نہ ڪرڻ جي حد تائين تعجب ڪائيندو هوندو تہ ڇا اڄ جي سهٽي ۽ ترقي يافتہ ڪوريا (ڏکڻ ڪوريا) فقط ويهارو سال ڪن اڳ اهڙي غريب ۽ گدلي هئي. هائو. سواءِ سيول (Seoul) گادي واري شهر جي ڪوريا جا باقي شهر ائين هئا. نہ صفائيءَ ۾ سٺا هئا نہ هائيجن ۾. معاشي حالت بہ ڪا خاص نہ هئي. ڪپڙن جي سلائي سا سٺي ٿيندي هئي ٻيو مڙيئي خير هو. ڏور اوڀر جي ملڪن ۾ ٿائلنڊ وانگر ڏکڻ ڪوريا بہ چڪلن ڪان مشهور ٿي رهيو هو. هيڪاندي بي روزگاري، وڌندڙ آدمشماري ۽ سُستي هن ملڪ کي تباهہ ڪري رهي هئي پر ڀوءِ ڏسندي ئي ڏسندي ڪو اهڙو جادو يا پير فقير پيدا نہ ٿيو پر سٺن ۽ محب وطن اڳواڻن، دل ۾ جذبو

رکندڙ سرڪاري ڪامورن هن ملڪ کي چڻ ڪاهيءَ ۾ ڪِرڻ کان ڪنيي مٿي ڪٽي ورتو. هاڻ ڪورين ۽ جپاني چڻ هڪ ٿي سگهي جا ٻہ پاسا ٿي پيا آهن.

سخت محنت، قاعدو قانون (۽ ان تي عمل)، عدل انصاف جي اصولن تي هلي جپان وانگر اج ڪوريا پڻ ٻين لاءِ مثال بنجي پيو آهي. جپان وانگر ڪوريا ۾ بہ ڇا ڇا نہ ٺهي ٿو. ڪارون، جهاز، ڪمپيوٽر، فرجون، ٽي ويون- هر قسم جون مشينريون تيار ٿين ٿيون. ۽ اج ڪورين ڪاهل سڏجڻ بدران محنتي ۽ وقت تي ڪم پورو ڪري ڏيڻ ۾ (نہ فقط پنهنجي ملڪ ۾ پر ولايتن ۾ بہ) مشهور آهن.

سعودي عرب جا گرم واريا سا رڻ پٽ نہ ڏسو، سئيڊن ۽ ناروي جا برفاني پيٽ نہ ڏسو، ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جا مينهوڳي واري موسم نہ ڏسو، وينزوئلا ۽ ڪولمبيا جا گهاٽا جنگل نہ ڏسو- جتي ڪٿي ڪورين جي حوالي وڏا وڏا پروجيڪٽ آهن. ويندي اسان جهڙن ملڪن ۾ بہ هاءِ وي ٺاهڻ کان وٺي بندرگاهہ ۽ هيوي انڊسٽري جو ڪم ڪورين حوالي آهي. نہ تہ اج کان ٽيهارو سال اڳ ڪورين حڪومت طرفان هڪ (Delegation) جتو پاڪستان آيو هو- اهو ڏسڻ ۽ سکڻ تہ پاڪستان ايڏو تيز رفتاريءَ سان ڪيئن ترقي ڪري رهيو آهي.

**الطاف شيخ**

5- سيپٽمبر 1997ع

# جهاز بابت ڪجهہ ڄاڻ

هن ڪتاب ۾ ڪجهہ اهڙا نالا ۽ Terms استعمال ٿيا آهن جن جو واسطو جهازي دنيا سان آهي. عام ماڻهوءَ لاءِ انهن جي سمجهاڻي ڏيڻ هتي ضروري سمجهان ٿو.

ڊيڪ (Deck): جهاز جو مٿيون حصو. جهاز جي ڏاڪڻ چڙهي هن حصي تي پهچجي ٿو. هي جهاز جي اڳين ڪنڌ کان آخري ڪنڌ تائين هڪڙو ئي حصو (پَٽُ) آهي. جهاز کي واٽر ٽائيٽ رکڻ لاءِ لوهي پليٽن جي هيٺين حصي کي باٽم، ساڄي ۽ کاٻي پاسي جي پليٽن کي Shell پليٽنگ ۽ مٿين حصي کي ڊيڪ سڏجي ٿو. ڊيڪ جي هيٺان سامان رکڻ جا گدام، انجڻ روم، خلاصين جا ڪمرا ٿين. ڊيڪ جي مٿان بہ چار ماڙ جون ڇتون ٿين جن تي آفيسرن جا ڪمرا ۽ برج (جهاز جو ڪنٽرول روم) ٿئي. ڊيڪ جي مٿان وارا ڪمرا وڏيڪ هوادار ۽ سهڻا ٿين جن جون دريون کولي ٻاهر جو نظارو بہ ڪري سگهجي ٿو. مسافرن جا فرسٽ ڪلاس ۽ ڊيلڪس ڪلاس ڪمرا بہ مٿي ٿين. ڪجهہ ملڪن جي 'مسافر جهازن' تي گهٽ ڀاڙي وارا مسافر کڻڻ لاءِ ڊيڪ جي هيٺ سامان جي گدام ۾ هنڌ بسترا لڳايا ويندا آهن. ان ۾ رهندڙ مسافرن کي ڊيڪ ڪلاس پئسينجر سڏجي ٿو. اسان جي حاجين جي پراڻن جهازن: سفينهٔ حجاج، سفينہ عرب، شمس وغيره تي پڻ ڊيڪ ڪلاس هو جنهن کي اسان جي سنڌ جا حاجي 'ديڳ' سڏيندا هئا. اونهاري جي ڏينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ بحراحمر (ڳاڙهي سمنڊ) جي سخت گرمي مان لنگهڻ وقت ڊيڪ ڪلاس جا مسافر پاڻ کي ديڳ ۾ ٿي محسوس ڪندا هئا.

**وائيج** (Voyage)، عام طرح سامونڊي سفر کي وائيج چئجي ٿو. جهازي دنيا ۾ ملڪي بندرگاهہ کان نڪري جهاز مختلف ملڪن مان ٿي واپس پنهنجي ملڪ ۾ پهچڻ سان هن جو هڪ سفر يعني Voyage ٿئي ٿو. مثال طور ڪراچي کان نيويارڪ تائين جهاز کي وڃڻو ۽ موٽڻو آهي. ويندي ۽ ايندي ٿي سگهي ٿو ساڳين بندرگاهن ۾ وڃڻو پوي يا مختلف بندرگاهن ۾؛ ويندڙ سفر کي Outward جرني سڏجي ٿو ۽ ملڪي بندرگاهہ ڏي موٽڻ واري سفر کي Homeward جرني سڏجي ٿو. جهاز جي سفر شروع ٿيڻ تي سينئي آفيسرن ۽ خلاصين کي سفر جي معاهدي Contract تي صحيح ڪرڻي پوندي آهي جنهن کي "Sign On'ڪرڻ سڏجي ٿو. ان معاهدي جو پگهار، ڊيوٽين ۽ سهوليتن جو تفصيل هوندو آهي جنهن موجب جهازيءَ کي سڄو سفر پورو ڪرڻو آهي ۽ سفر پوري ڪرڻ تي وري رجسٽر تي صحيح ڪرڻي پوندي آهي، جنهن کي 'Sign Off" سڏجي ٿو. ان بعد ساڳيو آفيسر يا خلاصي ٻيو سفر ڪرڻ چاهي تہ هن کي ان وقت Sign Off ڪري وري Sign On ڪرڻو پوندو آهي.

**ڪئبـن بئاءِ**: ڪمرو صاف رکڻ وارو ڇوڪرو. هن جو ڪم ڪئبن (ڪمرو) صاف ڪرڻ، هنڌ جون چادرون بدلائڻ ۽ ماني ڪارائڻ آهي.

**ڊيڪ ڪسب**: جهاز جي اسٽور ڪيپر کي ڊيڪ ڪسب سڏجي ٿو. جهاز جون لوهي چادرون صاف ڪرڻ لاءِ ڪرپيون ۽ اسڪريپر، رنگ، روغن، گريز، رسيون وغيره هن جي حوالي

هونديون آهن جيڪي جهاز جي منهن وٽ ٺهيل اسٽور ۾ رکندو آهي.
پئنٽري: چانهه، ڪافي ۽ سئنڊوچون ٺاهڻ لاءِ ننڍڙو رڌڻو.
رڊر (Rudder): جهاز جي پويان لڳل سکان کي رڊر سڏجي ٿو. جهاز کي ساڄي يا کاٻي موڙڻ لاءِ سکان کي موڙڻو پوندو آهي. ننڍين ٻيڙين جو سکان اسٽيرنگ ويل سان رسين ذريعي ٻڌل هوندو آهي. وڏن جهازن جو سکان (رڊر) تمام Complicated ٿئي ٿو ۽ هئڊرالڪ، اليڪٽرڪ يا نيوميٽڪ ذريعي Steering Wheel سان لاڳو ٿئي. ڪن جهازن تي اهي سڀ سسٽم گڏ ٿين ۽ اليڪٽرانڪ ۽ ڪمپيوٽر سسٽم به ٿئي جنهن ذريعي جهاز کي Auto تي رکي سگهجي ٿو. يعني بندرگاهه کان نڪرڻ بعد جيڏانهن جهاز کي وٺي هلڻو آهي اها Data ان ۾ وجهي ڇڏجي ۽ ماڻهوءَ جي مدد بنا اسٽيرنگ ويل سکان کي ڪنٽرول ڪري ٿو. جيئن هوائي جهاز جو پائلٽ جهاز کي Auto تي رکي پوءِ هلندو رهندو آهي.
رڊار (Radar): ٽي وي نما، گول اسڪرين وارو اوزار ٿئي جنهن تي ليڪن ۽ ڏيئن جي صورت ۾ سامهون ايندڙ جهاز، ٻيٽ، زمين ۽ سمنڊ هيٺ ٽڪريون ۽ تباهه ٿيل جهاز نظر اچن. اتراهن ملڪن ۾ هر وقت مينهن، برفباري ۽ اونداهه ڪري سامهون فرلانگ تائين به نظر نه پوندي آهي. پر رڊار جي شيشي تي چاليهه ميلن تائين ٻيڙيل ۽ چرندڙ شيون ڏسي سگهجن ٿيون. سامهون ايندڙ جهازن جي رفتار ۽ رخ جي به خبر پئجي سگهي ٿي جنهن مان حساب ڪري اهو معلوم ڪري وٺبو آهي ته آيا سامهون ايندڙ جهاز پاسي کان لنگهي ويندا يا اسان کي پاسو ڪرڻو پوندو. ۽ اگر ڪرڻو پوندو ته ڪڏهن ۽ ڪهڙي هنڌ تي جيئن حادثو نه ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**پورٽ هول:** جهاز جي ڪمري (ڪئبن) جي دريءَ کي Port Hole سڏجي ٿو. هي دريون هميشہ واٽر ٽائيٽ ۽ ايئر ٽائيٽ هئڻ کپن جيئن خراب موسم ۾ يا اتر قطب جي ويجهو وارن ملڪن ۾ سمنڊ جو پاڻي يا ٿڌي هوا اندر نہ اچي.

**گئنگ وي:** جهاز جي اها ڏاڪڻ جنهن ذريعي ڪناري تان چڙهي جهاز تي پهچجي ٿو Gang-way سڏجي. لنگر ڪٽڻ مهل هيءَ ڏاڪڻ ڪرين ذريعي مٿي جهاز تي ڪنئي ويندي آهي ۽ پاسيري ڪري رکبي آهي. هن ڏاڪڻ جي هيٺان ڦيٿا ٿين جنهن ذريعي سمنڊ جي چاڙهہ ۽ لاهہ وقت پاڻهي صحيح ٿي بيهي.

**ائلي وي:** جهاز جي گهٽين کي ائلي وي سڏجي ٿو.

**بٽلر:** بورچين مٿان وڏي بورچي کي بٽلر سڏجي ٿو. روز جو کاڌو تيار ڪرائڻ ۽ ڊائننگ ٽيبل تائين پهچائڻ بٽلر جو ڪم آهي.

**پرسر:** سئلون ڊپارٽمينٽ جي انچارج کي پرسر سڏجي ٿو. جهاز جا بورچي، بٽرا، صفائي وارا Purser (پرسر) جي هٿ هيٺ ڪم ڪن. ڪجهہ جهازن جا پرسر ريڊيو آفيسر کي پگهارون ڏيڻ ۾ بہ ڏيتي ليتي جي ڪمن ۾ پڻ مدد ڪن جن لاءِ هنن کي جهازن جي مالڪن طرفان ڪجهہ وڌيڪ پگهار ملي.

**سُڪاني:** انگريزيءَ ۾ ان کي Quarter-Master سڏجي ٿو. سڪاني اهو خلاصي آهي جيڪو ڪئپٽن يا ڊيوٽي تي موجود نيويگيٽر سان گڏ چار ڪلاڪ ڏينهن جو ۽ چار ڪلاڪ رات جو ڊيوٽي ڪري. ڪلئي سمنڊ ۾ هن جو ڪم سامهون ايندڙ جهازن تي نظر رکڻ ۽ ان بابت ڊيوٽي آفيسر کي ٻڌائڻو آهي، جيئن هو اڳواٽ پنهنجي جهاز لاءِ ڪو سلامتيءَ وارو رستو اختيار ڪري سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بندرگاهه ۾ گهڙڻ يا نڪرڻ وقت سڪانيءَ جي ڊيوٽي Steering-Wheel وٽ هوندي آهي ۽ ڊيوٽي آفيسر (ڪئپٽن، چيف آفيسر) يا پائلٽ جي حڪم موجب جهاز کي اوترين ڊگريون ساڄي يا کاٻي موڙيو هوندو آهي.

**پائلٽ:** هوائي جهاز هلائيندڙ ڪپتان کي تہ پائلٽ چئبو آهي پر پاڻيءَ جي جهاز هلائيندڙ ان ڪئپٽن کي بہ چئبو آهي جيڪو بندرگاهه جو واقف (سونهون) هجي. ڪنهن بہ ملڪ جي بندرگاهه ۾ گهڙڻ کان اڳ جهاز کي ان بندرگاهه کان ڏهه پنڌرهن ميل ٻاهر کليل سمنڊ ۾ بيهاريو ويندو آهي. بندرگاهه ۾ اندر وٺي هلڻ لاءِ بندرگاهه طرفان مقرر ڪئپٽن لانچ ۾ چڙهي ايندو آهي ۽ پوءِ جهاز کي اندر وٺي هلندو آهي. ان ڪئپٽن کي بندرگاهه جو پائلٽ ٿو سڏجي. هن کي بندرگاهه جي چپي چپي جي خبر هوندي آهي. ڪراچي جي بندرگاهه کي بہ اهڙا اٺ ڏهه پائلٽ آهن جيڪي پنهنجي ۽ ڌارين ملڪن جي جهازن کي اندر وٺي ايندا آهن يا رواني ٿيڻ وقت بندرگاهه کان ٻاهر کليل سمنڊ تائين اماڻي ايندا آهن. بندرگاهه ۾ جهاز هلائڻ تمام ڏکيو ڪم آهي جيڪو هر بندرگاهه جا مڪاني پائلٽ سرانجام ڏين. ان ڪم جي فِي بندرگاهه وارا جهازران ڪمپنيءَ کان وٺن جنهن کي Pilotage-Fee سڏجي ٿو.

ڪي ڪي بندرگاهه- خاص ڪري يورپ جا يا جپان ڪوريا جا ايترو ويجهو ٿين جو اهوئي هڪڙو پائلٽ هڪ بندرگاهه مان جهاز کي ڪيڏي ٻئي بندرگاهه اندر پهچائي ايندو آهي. اتر يورپ جي ملڪن وارو سمنڊ 'North-Sea' خاص ڪري سياري ۾ اهڙو تہ خراب ۽ اونداهو هوندو آهي جو جهازران ڪمپنين جا مالڪ جيترا

ڏينهن جهاز اتر انگلنڊ، پولنڊ، ڊئنمارڪ، جرمني جهڙن ملڪن ۾ هوندو آهي تہ يڪو هڪ پائلٽ رکندا آهن جيڪو 'نارٿ سي' پائلٽ سڏجي ٿو. جهاز جي ڪئپٽن کي جهازن جي مالڪن طرفان Instructions هوندا آهن تہ سياري ۾ نارٿ- سي سمنڊ ۾ جيڪڏهن جهاز هلائي سگهو ٿا تہ توهان جي مرضي پر جي ٿورو بہ شڪ يا ڊپ ڊاءُ محسوس ڪريو تہ مهرباني ڪري 'نارٿ سي پائلٽ' Hire ڪريو. نارٿ سي پائلٽ جي في جيتوڻيڪ لکن ۾ ٿي ٿئي پر جهاز جي سلامتي ڪارڻ مالڪ اهو ڏاهو ڦڪيندا آهن. يورپ ڏي هلندڙ جهازن ۾ ان قسم جي پائلٽن جي رهائش لاءِ هڪ وڌيڪ ڪئبن پڻ هوندي آهي جنهن کي 'پائلٽ - ڪئبن' سڏجي ٿو.

**خلاصي:** جهاز هلائيندڙ مٿيون عملو آفيسر سڏجي ٿو ۽ هيٺيون اسٽاف خلاصي (Crew) سڏجي ٿو. خلاصين ۾ ڪي انجن روم جا خلاصي سڏبا آهن تہ ڀيا ڊيڪ ۽ گئلي (بورچيخاني) جا. ڊيڪ وارن خلاصين جو ڪم جهاز جي لوهي پليٽن کي سمنڊ جي پاڻيءَ ڪري زنگ لڳڻ کان بچائڻ لاءِ صاف رکڻ، رنگ لڳائڻ ۽ رسا ڇڪڻ ۽ سڪانيءَ جي ڊيوٽي ڪرڻ آهي. انجن روم جا خلاصي تيل وارا ۽ آڳ وارا سڏبا آهن. گئلي جي ڊيوٽي ۾ اسٽيوورڊ (بٽرا)، بورچي، پنڊاري (پاڃي چلڻ وارا) ۽ ٽوپس (پنگي) اچي وڃن ٿا.

**ٿرڊ انجنيئر، فورٿ انجنيئر، سيڪنڊ آفيسر، چيف آفيسر، وغيره وغيره:** جهاز هلائيندڙ عملي جا ٻہ اهم حصا آهن. هڪ نيويگيٽر (جن کي ڊيڪ آفيسر بہ سڏجي ٿو) ۽ ٻيو انجنيئر. ڊيڪ آفيسر (Navigators) جو ڪم سمنڊ تي رستو ڳولهڻ ۽ جهاز کي ان رخ ۾ وٺي هلڻ آهي. منڊن موسمن، سمنڊ ۽ هوائن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڇاڻ رکڻ ۽ ان جي نقصانن کان جهاز کي بچائڻ، بندرگاهہ ۾ ڪارگو (سامان) رکڻ ۽ لاهڻ آهي. انجنيئرن جو ڪم جهاز جي انجڻين کي هلائڻ ۽ انهن جي نگهباني ڪرڻ آهي. جهاز هڪ شهر مثل آهي، جنهن ۾ نہ فقط جهاز هلائڻ جي انجڻ آهي، پر اليڪٽرسٽي پئدا ڪرڻ، پاڻي ۽ تيل جا ڪيترائي پمپ هلائڻ، بئالر، جنريٽر ۽ ٻيون مشينون پڻ آهن. ڊيڪ آفيسرن جو سڀ ۾ وڏو باس جهاز جو ڪئپٽن آهي. ڊيڪ ڪئڊٽ سڀ ۾ جونئر ڊيڪ آفيسر آهي، ان بعد فورٿ آفيسر، ٿرڊ آفيسر، سيڪنڊ آفيسر ۽ پوءِ چيف آفيسر آهي. اهڙي طرح انجنيئرن ۾ سڀ کان ننڍو انجنيئرنگ، ڪئڊٽ يا جونئر انجنيئر سڏجي ٿو. ان بعد ففٿ انجنيئر، فورٿ انجنيئر، ٿرڊ انجنيئر، سيڪنڊ انجنيئر ۽ آخر ۾ سڀ کان مٿاهون چيف انجنيئر آهي.

دنيا جي هر ملڪ جي هر جهاز تي انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جون ڊيوٽيون مقرر ٿيل آهن. مثال طور ٿرڊ انجنيئر جي ڊيوٽي رات جو ۽ ڏينهن جو ٻارهين کان چئين تائين جهاز هلائڻو آهي ۽ بندرگاهہ ۾ سندس ڪم جنريٽرن جي سار سنڀال آهي. ٿرڊ انجنيئر سان گڏ واري ڊيوٽي ڊيڪ آفيسرن مان سيڪنڊ آفيسر ڪندو آهي. هڪ ئي وقت جاڳي ڊيوٽي ڪرڻ ڪري هر جهاز جي ٿرڊ انجنيئر ۽ سيڪنڊ آفيسر جي سٺي دوستي رهي ٿي. اهڙي طرح ٻين انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جي ڊيوٽي مقرر آهي.

ريڊيو آفيسر: انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن کان علاوه هر جهاز تي هڪ ريڊيو آفيسر پڻ هوندو آهي. ريڊيو آفيسر جو ڪم ريڊيو ذريعي ٻين جهازن ۽ بندرگاهن ڏي نياپا موڪلڻ ۽ وٺڻ آهي. جهاز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڪم ڪندڙ آفيسرن ۽ خلاصين جي پگهارن جو حساب ڪتاب ۽ مختلف ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ Visa ۽ ٻيون ڪاغذي ڪارروايون پوريون ڪرڻ پڻ ريڊيو آفيسر جو ڪم آهي.

**اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ فرج انجنيئر:** مٿين انجنيئرن (جيڪي مئرين انجنيئرآهن) کان علاوه جهاز تي ٻہ ڪن اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ هڪ فرج انجنيئر پڻ ٿئي. جن جو خاص ڪري اليڪٽرسٽي ۽ ريفريجريشن جو ڪم هوندو آهي. اهي انجنيئر سيڪنڊ انجنيئر ۽ چيف انجنيئر جي هٿ ۾ ڪم ڪن ٿا.

**نيويگيشن:** سمنڊ تي رستو ڳولڻ جي هنر کي Navigation سڏجي ٿو. سمنڊ تي خشڪي جي رستن وانگر رستا نہ آهن. سمنڊ تي رستو ڳولڻ ۽ لڳندڙ هوائن ۽ لهرن کان فائدو وٺي يا بچاءُ ڪري جهاز هلائڻ نيويگيٽرن (ڊيڪ آفيسرن) جو ڪم آهي. نہ فقط جهاز هلائڻ پر ڏينهن ۾ ٽي چار دفعا سج، چنڊ ۽ تارن جي مدد سان جانچيو پوندو آهي تہ جهاز واقعي صحيح رستي ۽ رخ ۾ هلي پيو يا نہ. البت هاڻ ڪجهہ اهڙا اوزار نڪتا آهن جن ذريعي وقت بوقت اها خبر پوندي رهي ٿي تہ جهاز ڌرتي جي گولي تي ڪهڙي هنڌ آهي. ان اوزار کي Sattelite Navigator سڏجي ٿو.

**جهازي:** هر اهو ماڻهو جيڪو جهاز تي ڪم ڪري ٿو ان کي جهازي يعني Sailor سڏجي ٿو. هونءَ Sailor ۽ Seaman نيوي جي جنگي جهاز تي هيٺين عملي جون Ranks پڻ آهن.

**سيڪيورٽي انجنيئر:** بندرگاهہ ۾ موڪل ڪرڻ وقت هڪ سينئر انجنيئر ضرور جهاز تي ڇڏبو آهي، جيئن هو باهہ لڳڻ جهڙي ايمرجنسي کي منهن ڏئي سگهي. ان انجنيئر يا ڊيڪ آفيسر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي سيڪيورٽي انجنيئر يا سيڪيورٽي آفيسر سڏجي ٿو. سيڪيورٽي انجنيئر سان گڏ هڪ يا ٻه جونئر انجنيئر يا ففٿ انجنيئر به هوندو آهي، جنهن کي انجن روم ۾ رهڻو پوندو آهي.

**انجڻ روم:** جهاز جي انجن روم سمجهو ته پنج ڇهه ماڙ پلازا بلڊنگ آهي، جنهن جي هر فلور تي ڪيترين ئي مشينون آهن. جهاز جو پنکو Propellor هلائڻ واري مشين Main Engine سڏجي ٿي، جيڪا ٽي چار ماڙ ٿئي. جنهن جو هڪ هڪ سلينڊر ايڏو وڏو ٿئي جنهن ۾ ٽي ماڻهو آرام سان ويهي سگهن ۽ اٺ نو فٽ ڊگهو ٿئي. مين انجن کان علاوه ٻيون اهم مشينون هي آهن. جنريٽر، پمپ، پيوريفائر، ٻائلر، ايئرڪمپريسر، ايووپريٽر، ڪولر، هيٽر، Sewage پلانٽ، وغيره.

**پروپيلر:** جهاز جي پٺئين پاسي پاهر لڳل پنکي کي Propeller سڏجي ٿو. جهاز کي ڦيٿا نه ٿين. پنکي هلڻ سان جهاز اڳيان پويان وڃي ٿو. جهاز جو پنکو هلائڻ واري انجن کي مين انجن سڏجي ٿو.

**سيلنگ بوٽ:** جيڪا ٻيڙي سڙهه (Sail) تي هلي ان کي Sailing Boat سڏجي ٿو. انجڻ جي ايجاد ٿيڻ کان اڳ پاڻيءَ جا جهاز سڙهن تي هلندا هئا ۽ Sailing Ships سڏبا هئا. جيڪي ٻيڙيون ڪاٺ جي چپن سان هلن ٿيون اهي Rowing Boats سڏجن ٿيون.

**ڊراءِ ڊاڪنگ:** لڳاتار سمنڊ ۾ ويهڻ ڪري جهاز جي تري تي سپون ۽ ٻيون سامونڊي شيون (Sea-Growth) چهٽيو وڃن جيڪي جهاز جي لس هلڻ ۾ رختو وجهن ٿيون ۽ رفتار ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ لڳي ٿي. جهاز جي تري جي صفائي ۽ چڪاس لاءِ جهاز کي خشڪ گوديءَ ۾ اچي ويهاريو آهي جنهن کي ڊراءِ ڊاڪ

(Dry-Dock) سڏجي ٿو. ڊراءِ ڊاڪ ۾ ڪيل صفائي، رنگ روغن ۽ مرمت کي Dry-Docking سڏجي ٿو. هر ڪارگو جهاز لاءِ ضروري آهي تہ ٻن سالن ۾ هڪ دفعو ڊراءِ ڊاڪنگ ڪرائي ۽ مسافر جهاز لاءِ هر سال هڪ دفعو ضروري آهي.

**جيٽي:** بندرگاهہ جو ڏڪو جنهن سان جهاز لڳي بيهي ٿو جيٽي سڏجي ٿي. ڪن جهازن کي بندرگاهن ۾ جيٽي نہ ملندي آهن تہ پوءِ جيٽي سان لڳل جهاز جي پرسان ٿي بيهندا. اهڙي صورت ۾ چئبو آهي تہ اسان جو جهاز بندرگاهہ جي فلاڻي جيٽي تي بيٺل فلاڻي جهاز جي Alongside آهي. هانگ ڪانگ، سنگاپور جهڙن مشغول بندرگاهن ۾ جهازن کي عام طرح 'الانگ سائيڊ' بہ بيهاريو ويجي ٿو. اهڙي صورت ۾ جهاز جو ڪارگو ڪناري بدران سمنڊ واري پاسي بيٺل بارجز ۾ لاهڻو پوندو آهي. بارج (Barge) ٽانگهي ۽ بنا انجڻ واري ٻيڙي ٿئي جنهن کي 'ٽگ بوٽ' يا عام لانچ ڇڪي.

**ڊيرڪون:** جهاز تي سامان چاڙهڻ يا لاهڻ لاءِ بندرگاهہ تي ڪرينون (Cranes) ٿين. ڪن بندرگاهن ۾ اهي نہ ٿين ۽ جهاز تي لڳل ڪرين ذريعي سامان لاٿو ويندو آهي. جهاز جي Cranes کي ڊيرڪ Derrick سڏجي ٿو.

**ڪئبن:** جهاز تي رهائشي ڪمرا ڪئبنون (Cabins) سڏجن ٿيون.

**ڊيوٽي ميس:** جهاز کي هڪ وڏي ميس ٿئي جنهن کي Dinning Saloon سڏجي ٿو جنهن ۾ سڀ آفيسر گهٽو ڪري يونيفارم ۾ ماني کائين. سئلون کان علاوه هڪ ننڍڙي ڊيوٽي ميس ٿئي جنهن ۾ ڊيوٽي وارا انجنيئر ۽ ڊيڪ آفيسر ماني کائين. ڊيوٽي ميس خبرن ۽ ڪچهري کان مشهور ٿئي. هرڪو فري اسٽائيل ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻناک سناک هٿندو آهي. ٻنهي ۾ وڏن آفيسرن جي اچ وڃ نہ هجڻ ڪري ناقابل اشاعت لطيفہ، شعر و شاعري ۾ پنهنجا پراوا Scandal آزادانہ نموني سان بيان ڪيا ويندا آهن.

**برج رومر:** جهاز جي ڪنٽرول روم کي برج سڏجي ٿو. برج جو هڪ حصو چارٽ روم هوندو آهي، جنهن ۾ هلڪي روشنيءَ جو بندوبست هوندو آهي، جيئن مختلف سمنڊن جا چارٽ ڏسي ۽ ماپي سگهجن. باقي حصي ۾ اونداهہ ڪئي ويندي آهي جيئن رات جو سامهون ايندڙ جهاز ڏسي سگهجن. برج جي ڪاٻي ۽ ساڄي پاسي واري حصي کي Wing سڏجي ٿو.

**بل ورڪ:** جهاز جي چوڌاري ڏنل ٻنوڙي کي Bulwark سڏجي ٿو.

**بنڪر:** جهاز جون مشينون هلائڻ لاءِ جيڪو تيل ونجي ٿو ان کي Bunker سڏجي ٿو. بنڪر وٺڻ وارو سچو ڏينهن يا رات انجنيئرن لاءِ ڊوڙ ڊوڙان جو هوندو آهي. جهاز لاءِ هڪ قسم جو تيل نہ پر ڪيترن ئي قسمن جو ٽنن جي حساب سان ونجي ٿو، جنهن کي مختلف ۾ مقرر تيل ٽانڪين ۾ جمع ڪيو وڃي ٿو. هڪ ويهہ هزار ڪن ٽن جهاز لاءِ اٽڪل هي تيل وٺبا آهن، جيڪي مهينو ڪن هلن ٿا.

هيوي فيول H.F.O - ٻارهن سؤ ڪن ٽن

مئرين ڊيزل آئل - چار سؤ ٽن

ڪرئنڪيس آئل - چار هزار گئلن

سلينڊر آئل - ٻہ هزار گئلن

ٽربائين آئل - هڪ هزار گئلن، وغيره وغيره.

**ائنڪر:** جهاز جي اڳئين منهن وٽ لنگر (Anchor) ٿئي ٿو

جيڪو سمنڊ ۾ جهاز کي بيهارڻ مهل هيٺ زمين تي ڪيرايو ويندو آهي. ائنڪر زمين جي تري ۾ وڃي ڦاسندو آهي ۽ جهاز کي اڳيان وڌڻ نہ ڏيندو آهي. وري جڏهن جهاز کي هلڻو هوندو آهي تہ ونڊلس مشين ذريعي لنگر کي ٻاهر ڇڪي ڪيبو آهي. بندرگاهہ ۾، جيٽيءَ پرسان جاءِ ملڻ تي لنگر ڪيرائڻ بدران جهاز کي جيٽيءَ تي ڪتل ڪلي سان ٻڌو وڃي ٿو. لنگر (Anchor) لاءِ مشهور ڳجهارت آهي تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي جنهن جي جڏهن ضرورت پوندي آهي تہ اڇلائي ويندي آهي ۽ جڏهن ضرورت نہ هوندي آهي تہ پٽ تان کڻي رکي ويندي آهي.

**ائنڪريج:** جهاز سڄو سفر پورو ڪري جڏهن ڪنهن ملڪ ۾ پهچي ٿو تہ هن کي اجازت نہ آهي تہ بندرگاهہ ۾ يڪدم گهڙي پوي. بندرگاهہ ۾ اچڻ کان اڳ ڪلئي سمنڊ ۾ لنگر (Anchor) ڪيرائڻو پوي ٿو. پوءِ بندرگاهہ اٿارٽي طرفان ان ملڪ جي ڪسٽم ۽ اميگريشن جو عملو ڪلئي سمنڊ ۾ جهاز تي پهچي جهاز، جهاز جي عملي ۽ مسافرن وغيره جي ڪاغذن جي چڪاس ڪري ٿو. ان بعد بندرگاهہ طرفان پائلٽ اچي ٿو جيڪو جهاز کي آهستي آهستي ڪري اندر بندرگاهہ ۾ مقرر ڪيل جيٽيءَ تي اچيو بيهاري.

هر بندرگاهہ جي ٻاهران، ڪلئي سمنڊ جو اهو حصو جتي جهاز ائنڪر ڪيرائي اندر اچڻ لاءِ انتظار ڪري، ان کي Anchorage (ائنڪريج) سڏجي ٿو. ائنڪريج تي بيهڻ وارو وقت جهازيءَ لاءِ آرام ۽ انتظار جو هوندو آهي. آرام جو ان ڪري جو ائنڪريج تي نہ جهاز هلائڻ جي ڊيوٽي ڪرڻي پوي ٿي نہ ڪا مشينري کولي ان جي مرمت (Overhauling) ڪرڻ. سو مسافري جو ٿڪ ڀڃڻ ۽ آرام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ ائنڪريج سنو آهي. ساڳي وقت انتظار به ڪرڻو پوي ٿو ته خبر نه آهي جهاز کي ڪڏهن اندر گهرائڻ جيئن ڪناري تي پير رکي سگهجن ۽ گهمي ڦري سگهجي. اڄ ڪلهه ڪيترائي بندرگاهه ماڊرن ٿي ويا آهن ۽ ڏينهن اڌ جي انتظار بعد اندر گهرايو وڃي ٿو. هڪ اهڙو به سفر ياد اٿم جنهن ۾ ڪراچي کان ڪيوبا سفر ۾ مهينو لڳو. ان بعد ڪيوبا جي ائنڪريج تي انتظار ۾ مهيني کان به مٿي لڳو. ان بعد مهيني کن لاءِ جڏهن جهاز بندرگاهه ۾ گهڙيو ته ڪيوبا جي ڪميونسٽ حڪومت اسان کي ڪناري تي پير رکڻ جي هڪ ڏينهن جي به اجازت نه ڏني.

ائنڪريج کي ڪڏهن ڪڏهن فقط ائنڪر به چيو وڃي ٿو. جي اسان جو جهاز چار ڏينهن ائنڪر تي بيٺو ان بعد اندر آيو.

ڊيوميسٽڪ فرج: جهاز تي به ٽي ڪمرا، گوشت، مڇي ۽ ڀاڄي ميوي کي ٿڌو رکڻ لاءِ هوندا آهن. انهن ڪمرن کي جنهن مشين ذريعي ريفريجريٽر وانگر ٿڌو رکيو ويندو آهي ان کي 'ڊوميسٽڪ - فرج' سڏجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ته ٻن ٽن مهينن جي سفر جو راشن اٽڪل چاليهه کن رڍون، ٻڪريون ۽ ڍڳيون هونديون آهن. ان خيال کان ڊوميسٽڪ فرج مشين تمام اهم سمجهي وڃي ٿي، جنهن جي خراب ٿيڻ تي سڄو گوشت خراب ٿي سگهي ٿو - جنهن کي پوءِ سمنڊ ۾ ٿي اڇلڻو پوي ٿو ۽ نئين گوشت لاءِ ويجهي بندرگاهه جو رخ رکڻو پوي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چالنا- ٻيلي منجهہ بندرگاهہ...

هي منهنجو ٽيون سامونڊي سفر هو. اسان آگسٽ 1969ع جي پهرين هفتي ۾ چانورن سان جهاز ڀري ڪراچيءَ کان چالنا ڏانهن رخ رکيو. ائين ڏينهن جو سفر، خراب سمنڊ ملڻ ڪري، ڏهن ڏينهن ۾ پورو ڪري، خليج بنگال جي طوفانن ۽ مانسون (Monsoon) جي مينهن ۾ سٽبا اچي پُسر نديءَ جي ڇوڙ وٽ سمنڊ ۾ لنگر ڪيرايو.

اوڀر پاڪستان ۾ ٻہ سامونڊي بندرگاهہ آهن. هڪ چٽگانگ ۽ ٻيو چالنا. هونءَ تہ سڄو بنگال دريائن جو ديس آهي ۽ جتي ڪٿي دريائن جي ڄار وڇائي پئي آهي. هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچڻ لاءِ ٻيڙين، آگبوٽن ۽ اسٽيمرن کان ڪم ورتو ويجي ٿو. ۽ بنگال جو هرهڪ شهر، ڳوٺ وستي بندرگاهہ آهي ۽ اهي نديون ۽ درياهہ آخرڪار سمنڊ ۾ اچيو ڇوڙ ڪن. پر 'ڪرناڦلي' ندي جيڪا چٽگانگ شهر وٽان لنگهي، اچيو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي ۽ ٻي 'پُسر' ندي جيڪا کلنا شهر وٽان لنگهي خليج بنگال ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، سي ايتريون اونهيون آهن ۽ سندن پيٽ ايترو ويڪرو آهي جو روز جنهن وقت وير چڙهي ٿي، ان وقت چڱا خاصا وڏا جهاز اچي نديءَ جي ڇوڙ وٽ لنگر ڪيرائين ٿا. ۽ پوءِ بندرگاهہ کان ڪو پائلٽ اچي جهاز کي اندر وٺي هلندو آهي.

چوويهن ڪلاڪن ۾ ٻہ دفعا دنيا جي هر سمنڊ ۾ وير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙهندي آهي ۽ ٻه دفعا لهندي آهي، ۽ پاڻي مٿي چڙهي ايندو آهي. اها ڪشش چنڊ ۽ سج جي ڪري ٿئي ٿي. ان وقت سمنڊ جي پاڻيءَ جي ليول درياءَ جي پاڻيءَ جي ليول کان مٿي چڙهي ويندي آهي ۽ سمنڊ جو کارو پاڻي درياءَ جي پاڻيءَ کي پٺتي ڌڪي ڇڏيندو آهي يا مٿان چڙهي ويندو آهي. بهرحال ٻنهي صورتن ۾ درياهه جي ليول به ڪجهه وڌي ويندي آهي. اهوئي سبب آهي جو وير چڙهڻ وقت درياءَ جي پڇڙي واري حصي جو پاڻي کارو ٿي ويندو آهي. سمنڊ ۽ درياءَ جي ليول مٿي چڙهڻ ڪري وڏا جهاز به آسانيءَ سان لنگهي سگهندا آهن، نه ته تانگهي پاڻيءَ ۾ جهاز (جنهن جو اڌ کان وڌيڪ حصو اندر پاڻي ۾ رهي ٿو- اٽڪل ٽيهه فوٽ کن) سو درياءَ جي تري سان لڳي Ground ٿي سگهي ٿو.

منهوڙي تي ويجبو ته سمنڊ جو ڪنارو ڪڏهن تمام پري نظر ايندو، پوءِ ٻه چار ڪلاڪ کن ترسبو ته ڏسبو ته سمنڊ وڏين لهرن جي صورت ۾ ويجهو ايندو رهندو ۽ منهوڙي تي رکيل سيمنٽ جي بينچن ۽ هوٽل کان اچي نڪرندو. پوءِ هڪ حد تائين پهچي وري آهستي آهستي پٺتي هٽندو آهي. ساڳيو لقاءُ ڪراچي ۾ ڪلفٽن، سئنڊس پٽ، هاڪس بي، پيراڊائيز پوائنٽ، بابا ڀٽ آئلنڊ ۽ ٻين هنڌن تي نظر ايندو. ڪلفٽن جن ويجهڙائيءَ ۾ ڏٺو هوندو، انهن کي معلوم هوندو ته اڄڪلهه ڪلفٽن واري سمنڊ جي چوڌاري سيمنٽ جي ڇهه فٽ کن ڀت ڏئي ڇڏي اٿن، جيئن وير چڙهڻ تي پاڻي اڳتي نه وڌي، نه ته ٽي چار سال اڳ جڏهن اها ڀت نه هئي، ته پاڻي روزانو وير چڙهڻ وقت اچي 'ڄاجم پارڪ' ۽ 'ماهي خاني' وٽ پهچندو هو. ان وير جي روزاني چڙهڻ ۽ لهڻ کي بنگال ۾ ڏکڻ

هندستان جا رهاڪو ’جوار‘ ۽ ’ياٽا‘ (Ebb and Tide) سڏين ٿا ۽ اسان وٽ وير جو چڙهڻ لهڻ، اُيامڻ ڦاٽڻ، نشيب و فراز سڏيو وڃي ٿو.

غريب ماڻهن جي زندگيءَ تي ان جوار ياٽا جو وڏو اثر آهي. غريب ماڻهو ۽ مهاڻا جن وٽ بنا انجڻ يا سڙهہ جي، ڪمزور ننڍيون ننڍيون پيڙيون آهن، سي ان جوار ۽ ياٽا جو انتظار ڪندا آهن، جڏهن وير لهندي آهي، ۽ پاڻيءَ جي ليول لهندي آهي، تہ ظاهر آهي تہ درياءَ جي پاڻيءَ جو وهڪرو سمنڊ جي طرف هوندو آهي. ان وقت هي مهاڻا پاڻيءَ جي وهڪري جي آڌار تي سمنڊ جو رخ ڪندا آهن ۽ سٺائي هنڌ تي لنگر ڪيرائي مڇيون ماريندا آهن ۽ وير چڙهڻ وقت هو واپس پنهنجي ماڳ ڏي موٽندا آهن.

O

اسان جي Marine Academy، چٽگانگ جي پرسان هڪ جابلو بيٽ ’جُلديا‘ تي هوندي هئي. جتان ڪرناڦلي ندي، سمنڊ جي ڇوڙ (Delta) تائين صاف ۽ چٽي نظر اچي ٿي. وير لهڻ وقت نظر ڪبي، تہ هزارين ننڍيون ننڍيون پيڙيون (سمپان)، سيٺي سمنڊ طرف لڙهنديون وينديون. اهي مهاڻا سمنڊ مان مڇيون ڦاسائڻ خاطر اوڏانهن رخ رکندا آهن. وير چڙهڻ يا لهڻ جو روزانو ساڳيو وقت مقرر نہ هوندو آهي، پر چنڊ جي ايرڻ ۽ لهڻ مطابق وقت ڦرندو رهي ٿو. روزانو چنڊ پنجاهہ منٽ کن دير سان ايري، ساڳيءَ طرح وير جي وقت ۾ بہ فرق اچي ٿو. مثال طور هڪ ڏينهن وير ٻارهين لڳي وڃي ڇيهہ ڪيو تہ ٻئي ڏينهن ان جي حد ٻارهين لڳي پنجاهہ منٽن تي ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن تہ شروع ۾ لکي آيو آهيان، تہ پاڻيءَ جو اهو لهڻ ۽ چڙهڻ سج ۽ چنڊ جي ڪشش ۽ ڇڪ ڪان آهي. انهيءَ ڦيرگير ۾ جڏهن رات جي وقت وير لهندي آهي، تہ ان وقت تہ هنن ٻيڙين جو نظارو ويتر پرڪشش هوندو آهي. هر ٻيڙيءَ ۾ هڪ يا ٻہ ڏيا ضرور هوندا آهن. اهڙي طرح رات جو پري سمنڊ ڏي ڏسبو تہ هتي جي غريب ۽ بيوس ماڻهن جي ٽمٽمائيندڙ زندگين وانگر هزارين ٽمٽمائيندڙ ڏيا سمنڊ تي لڏندا نظر ايندا. اهي ڏيا ۽ سندن سمنڊ تي اولڙا شب برات يا ڏياري جي رات جو ڏيک ڏين ٿا. ايترا سارا ڏيا فقط سلون ۾ ٻڌن جي پگوڊائن ۾ گوتم ٻڌ اڳيان ٻرندي نظر اچن ٿا.

پاڻ سان لالٽين رکڻ جو وڏو سبب (نيويگيشن ڪان علاوه) مڇين کي پاڻ ڏي ڇڪڻ آهي. مڇي فطري طور روشني طرف وڌي ٿي ۽ اچيو پنهنجو پاڻ کي ڄار منجهہ ھٽي. وير چڙهڻ جو وقت جڏهن ويجهو ايندو آهي، تہ سڀ پنهنجي پاڳ کي سٽائون ڪري، ڄار ڇڪي، واپس ورڻ جا سانباها ڪندا آهن. پوءِ جڏهن سمنڊ جي پاڻيءَ جي ليول چڙهندي آهي ۽ پاڻي درياءَ طرف رخ رکندو آهي تہ ان وقت هي ان سان گڏ واپس ورندا آهن.

چوڏهينءَ جي چنڊ تي سج، ڌرتي ۽ چنڊ هڪ سڌي ليڪ ۾ اچڻ تي پاڻيءَ ۾ وڌيڪ ڇڪ ٿئي ٿي ۽ عام وير ڪان وڌي وير چڙهي ٿي. (پوءِ پلي چنڊ ۽ سج ٻئي ڌرتي جي هڪ ئي پاسي هجن يا ڌرتيءَ جي هڪ پاسي سج ۽ ٻئي پاسي چنڊ) اهڙي وير کي انگريزيءَ ۾ Spring-Tide اسپرنگ ٽائيڊ سڏجي ٿو. ۽ جڏهن سج ۽ چنڊ، ڌرتيءَ سان گوني ڪنڊ Right-Angle ٺاهي ٿو، تہ اهڙي وير ڪجهہ ننڍي ٿئي ٿي ۽ ان کي Neap-Tide سڏجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

اسان جي جهاز پسر نديءَ جي چوڙ وٽ اچي لنگر ڪيرايو، ۽ وير چڙهڻ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. ان ڏينهن ٻي لڳي منجهند جو وير چڙهي راس ٿيڻ جو وقت هو. ٻن ۾ ڪجهہ وقت هو تہ چالنا بندرگاهہ جو پائلٽ ٻيڙيءَ ذريعي اسان جي جهاز تي پهتو ۽ جهاز جي انجڻ اسٽارٽ ڪرڻ لاءِ چيائين ۽ جهاز پسر نديءَ جا ڏکيا وروڪڙ اڪرندو چالنا طرف وڌڻ لڳو.

هر جهاز کي بندرگاهہ ۾ آڻڻ لاءِ ان بندرگاهہ جا مقرر پائلٽ وٺي اچن ٿا، جي ان اٽانگي رستي جا آزمودگار ۽ سونهان هوندا آهن. ڪمانڊر 'قربان علي ارباب' چالنا جي پائلٽن مان هڪ پراڻو ۽ آزمودگار پائلٽ آهي. ان ڏينهن اسان جي جهاز کي وٺڻ لاءِ ارباب صاحب آيو هو. ڪمانڊر ارباب صاحب اسانجي ڳوٺ هالا جو آهي، پاڻ ڪجهہ وقت پاڪستان نيوي ۾ رهڻ بعد مرچنٽ نيوي جي جهازن جو پائلٽ آهي. ان وقت آءُ ڊيوٽي تي نہ هوس، سو ساڻس ملڻ لاءِ ڪنٽرول روم (برج) تي پهتس. ارباب صاحب سفيد قميص، نِڪر ۽ يونيفارم ڪئپ ۾ سمارٽ لڳي رهيو هو. ساڻس ٻہ سال اڳ عيد تي ڳوٺ ۾ ٿي ملاقات ٿي هئي، ان ڪان پوءِ هتي جهاز تي ٿي. هڪ ٻئي سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. ڪيتري دير خبرون چارون ڪندا رهياسين. خاص ڪري ڳوٺ جو حال احوال معلوم ڪرڻ لاءِ ارباب صاحب آتو هو.

اسان جو جهاز پسر نديءَ ۾ آهستي آهستي رڙهي رهيو هو. چوڌاري بنگال جو مشهور ٻيلو 'سندربن' هو. جيستائين نظر وٺي ٿي، گهاٽا ۽ ڊگها وڻ ۽ گاهہ هو. رکيو رکيو ڪٿي پڻ جو

چرڙاٽ ٿيو ٿي، پکين ۾ ٿاهہ پيو ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پڇندڙ جانور جي پٺ نظر آئي ٿي. ارباب صاحب ٻڌايو تہ هن ٻيلي ۾ هر قسم جا جانور ٿين. اهڃان ٿائين ڪي ڪي آدمخور شينهن پڻ رهن ٿا جن بابت انگريزي جي مشهور ليکڪ ۽ شڪاريءَ 'جم-ڪاربيٽ' ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ۽ مشاهدا لکيا آهن. پر اڄڪلهہ تہ ڪي اهڙا بہ شڪاري نڪري پيا آهن، جي بند ڪمري ۾ ويهي، ٽيبل تي خيالي بندوقن ۽ ڪتن ذريعي اهي اهي خوفناڪ شڪار قلمبند ڪن ٿا، جو پڙهڻ وارا دنگ رهجيو وڃن.

(ڪنهن سچ چيو تہ اڄڪلهہ جا ڊائجسٽ جيڪر جهنگل جا جانور پڙهن، تہ ڪِلي ڪِلي ڪيرا ٿي پون. جيئن هڪ ڪتا مشهور آهي، تہ هڪ آرٽسٽ هڪ تصوير ٺاهي شينهن کي ڏيکاري، جنهن ۾ هو ڪنهن شينهن کي دَسي، ان مٿان لَت رکيو بيٺو آهي. شينهن تصوير ڏسي وراڻيس، "منهنجا ڳهيلا ڀاءُ! اها تصوير تو ٺاهي آهي، جيڪڏهن ڪو شينهن ٺاهي سگهي ها تہ توکي هيٺ دسيل ڏيکاري ها ۽ پاڻ کي مٿي.")

پسر نديءَ وارو رستو اهڃان اڌ ڪان گهٽ پورو ٿيو هو، هڪ هنڌ نديءَ ڪجهہ وڪڙ کاڌو جنهن کي اڪرڻ لاءِ ارباب صاحب جهاز جي رفتار گهٽائڻ لاءِ انجڻ روم ۾ ٽيليگرام ذريعي نياپو موڪليو. جهاز هاڻ جونءِ وانگر سُرڻ لڳو. انهيءَ موڙ وٽان لنگهندي، ننڍا ننڍا ٻار پنهنجين ننڍين ٻيڙين کي اسان جي جهاز پرسان آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

نٿهڻ اُس ۾ سندن منهن ۽ اگهاڙا پنا ڪاراٽيل نظر اچي رهيا هئا. سڄو جسم ضعيف ۽ ڏبرو، پيٽ پٺيءَ سان لڳل ۽ اکيون ڏرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنل، مٿو پير اگهاڙا، هيٺ تي فقط ڦاٽل ميرو انگوڇو ويڙهيل هين يا ڪڇو. ويچارا نڏٽڪا ۽ گهبرايل لڳي رهيا هئا. پنهنجي پيٽ طرف اشارو ڪري جهاز جي ڊيڪ تي بيٺل ماڻهن کان بچيل سچيل کاڌو گهرڻ لڳا. ڪن ڪين مٿان بيهي گاريون ڏنيون، ته جهاز کان پري هٽو نه ته گرم پاڻيءَ جا ڦوهارا هٽنداسين، ڪن سندن نِبل حال تي ٺٺولي ڪئي. ڪن ڪين ’بکيو بنگالي‘ سڏيو. ايتري ۾ جهاز جو بنگالي بورچي هڪ وڏي ڪچري جي باردي، جنهن ۾ منجهند جو بچيل پَتَ، ڀوڙ، چوسيل هڏا، دال، بصر ۽ پٽاٽن جون کلون پيل هيون، انهن اڳيان هيٺ اڇلائي. سرٽن وانگر، انهن ٻارن پنهنجيون ڪاٺ جون ننڍڙيون ٻيڙيون ڇڏي، جان جو ڪو خيال نه ڪندي، ڪٽي ان تي لامارا هنيا. پاڻيءَ ۾ هيٺ ٻُڏڻ کان کاڌو بچائي پنهنجين ٻيڙين جي تخن تي رکندا ويا. پوءِ مزي سان بصر ۽ پٽاٽن جون کلون کدي، پيٽ کائڻ لڳا. اڌ ۽ چوسيل هڏا چٻاڙڻ لڳا.

منهنجيون اکيون آليون ٿي ويون. نڙيءَ ۾ چڻ ڪو ڳنڍيو ڦاسي پيو. وڏيڪ مون کان ڏٺو نٿي ٿيو. خبر ناهي ڇو ڪڏهن ڪڏهن انسان بي قصور هوندي به پاڻ کي ڏوهاري سمجهندو آهي. آئون به پنهنجو پاڻ کي ان وقت مجرم سمجهڻ لڳس. هن غربت، بيروزگاري ۽ بک جو جوابدار ڪير-؟ اسانجي ملڪ جو ليڊر، سياستدان، ٻارن جا ماءُ پيءُ، ماحول-؟ ڪير به هجي. پر آءُ پنهنجو پاڻ کي ان لاءِ ڏوهاري سمجهڻ لڳس. جهاز جو چيف آفيسر، جو منهنجي پر ۾ بيٺو هو، سو منهنجي سوچ جو مطلب سمجهي مون سان اتفاق راءِ ٿيو:

”هتي غربت ڏاڍي آهي.“ هن چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي سنڌ جو ويران ٿنو، دادو ۽ ٿرپارڪر ضلعا ۽ سندن ڏتڙيل ۽ غريب ماڻهو اکين اڳيان ڦرڻ لڳا. ڪيڏي نہ هڪجهڙائي آهي.

نديءَ جو خطرناڪ وڪڙ اُڪري ويو. پائلٽ جهاز جي رفتار وڌائڻ لاءِ چيو.

”آئون توهان کي جهاز ڇهين ڪان اڳ چالنا پُهچائي ڏيندس. تون جيڪڏهن اڄ رات ڊيوٽي تي نہ هجين تہ پلي مون سان گڏ ڪلنا هل.“

ارباب صاحب هتي گهٽي عرصي کان رهيل آهي. اڄ کان ڇهہ سال کن اڳ جڏهن اسان چٽگانگ جي مئرين اڪيڊمي ۾ جهازرانيءَ جو علم سکي رهيا هئاسين تڏهن کان ڪلنا گهمڻ جو ارادو هو. پر چٽگانگ کان ڪلنا By Road پهچڻ ڏکيو هجڻ ڪري موڪلن ۾ سلهٽ ۽ راجشاهيءَ کي ترجيح ڏيڻي پوندي هئي. اڄ بندرگاهہ ۾ رات جي ڊيوٽي اٺين کان چار هئي. مون موڪل واري انجنير سان ڊيوٽي بدلائڻ چاهي:

”يار اڄ رات تون ڊيوٽي ڪر، ان بدران يورپ جي جنهن بہ بندرگاهہ ۾ چوندين، تنهنجي ڊيوٽي ڪندس.“

”ڪمال ٿو ڪرين. ميان، هتي جهڙي رات يورپ ۾ بہ نہ ملي سگهندي.“ هن مونکي جهاز تي ئي رڪڻ چاهيو ٿي.

ارباب صاحب کي نہ هلڻ لاءِ ڪو بهانو ٻڌائي ڇڏيم.

ٿورو جهاز اڳتي هليو تہ، اوچتو بنگال بابت تازيون ٻڌل خبرون ياد آيون ۽ ارباب صاحب کان پڪ ڪرڻ چاهيم.

”ڪراچيءَ ۾ هئاسين تہ ٻڌڻ ۾ پئي آيو تہ بنگال جون اڄڪلهہ حالتون خراب ٿينديون وڃن. ايرندي پاڪستان جي رهاڪن کي بنگالين مان خطرو پيدا ٿي پيو آهي، ۽ ڊپ کان ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيا مونن. بنگالي هونءَ تہ مهمانوازي ۽ صلح پسندي جا مجسما سڏائيندا آهن، هاڻ هي ظلم ڇو شروع ڪيا اٿن؟"

"بس سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ڇا ٿي رهيو آهي ۽ ڇا ٿيڻ وارو آهي. ماحول ۾ عجيب گهُٽ پيدا ٿيندي وڃي. بنگالي چون ٿا تہ توهان ايرندي پاڪستان وارا اسان کي حق نٿا ڏيو ۽ هاڻ اسان مغربي پاڪستانين سان پائر ٿي نہ رهنداسين."

"مون تہ ٻڌو تہ ڪيترن اڙدو ڳالهائيندڙن کي چٽگانگ، سلهٽ ۽ نواکلي طرف ماريو بہ اٿن. توهان وٽ تہ اهڙو ڪو واقعو نہ ٿيو آهي؟"

"هيستائين تہ ڪا اهڙي ڳالهہ نہ ٿي آهي پر تازو هڪ اهڙو واقعو ٿيو آهي جنهن هتي سڄي شهر ۾ خوف طاري ڪري ڇڏيو آهي. هڪ ڏينهن اندر ڪيترا لڏي ويا آهن ۽ ٻيا تيارين ۾ آهن. ٿيو ڏينهن هڪ آرميءَ جي ڪئپٽن کي جيئري وڻ ۾ ڪلين سان ٺوڪي ماري ڇڏيائون. ان سان گڏ سندس زال ۽ ٻارن کي پڻ. ايتريقدر جو سندن بورچيءَ ۽ نوڪر کي بہ بي دردي‌ءَ سان ماري ڇڏيائون."

"نوڪر ۽ بورچي تہ سندن بنگالي ئي هوندا انهن کي ڇو ماريئون؟" مون پڇيو.

"اهي بنگالي نہ هئا، نہ تہ شايد انهن کي ڇڏي ڏين ها. هو بہ ڪئپٽن سان گڏ سيالڪوٽ کان آيا هئا." ارباب صاحب ٻڌايو.

مون کي ائين لڳو ڄڻ پسر نديءَ جي پاڻيءَ جو رنگ ميرانجهڙي مان ڦري انساني خون سان ڳاڙهو ٿي ويو هجي.

هي خوف، هي خطرو، هي هراس ۽ غير حفاظت جو احساس. هي پاءُ کي پاءُ جو قتل ڪرڻ. اڄ کان ٻاويهہ سال اڳ جن پائر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي گڏ رهڻ لاءِ قربانيون ڏنيون ۽ وچن ڪيا، سي اڄ جدا ٿيڻ لاءِ هڪ ٻئي جي جان جا دشمن ٿي بيٺا آهن. ايڏي نفرت ايڏي ڌڪار!

ڇهن ٻن ويهه منٽ هوندا جو اسان چالنا بندرگاهه ۾ درياءَ جي پيٽ ۾ اچي لنگر ڪيرايو. پائلٽ ماڳ تي پهچائي الوداع ڪئي. مزور سامان لاهڻ جي تيارين ۾ لڳي ويا.

برج تان لهي هيٺ ڊيڪ تي ٻين انجنيرن ۽ ڊيڪ آفيسرن سان اچي بيٺس. سامهون ڪنارو هو ۽ پري کان ڪيترائي گهر ۽ جهوپڙيون ۽ انهن جي پويان بنگال جو سج ٻڏي رهيو هو. ڪن ڪن جهوپڙن ۽ گهرن جي رڌڻن مان دونهون نڪري رهيو هو. ڪناري وٽ ست اٺ سنهڙيون بنگالي ڇوڪريون ۽ زالون اسان طرف هٿ لوڏڻ لڳيون. سندن اکين ۾ دعوت جو سنهيو هو. سندن رنگين ساڙهين جا پلاند رکي رکي هوا ۾ اڏامي رهيا هئا. جهاز جا سڀ 'آف-ڊيوٽي' همراهه اڪيلا اڪيلا يا ٽولن ۾ سمپان ٻيڙيءَ ذريعي ڪناري طرف وڃڻ لڳا. ڪي انهن عورتن طرف ٻه وڌيا. ڪي هتي جا اڳ آيل هتي جي گهاٽ گهاٽ کان واقف ڪافي پري ويندا رهيا.

منهنجي ڊيوٽي شروع ٿيڻ ۾ اڃا ٻه ٻه ڪلاڪ هئا. فورٿ انجنير چوڌري ڪي اڪيلو ويندو ڏسي ڪناري تي پير رکڻ جي تانگهه وڌي وئي. آخر هن جي ٻه ڊيوٽي مون سان گڏ هئي ۽ هو منهنجو سينئر پڻ هو. اسان ٻئي گڏ ڪناري تي چڪر هڻڻ لڳاسين. گاريون ڏيڻ ۽ سگريٽ ڦوڪڻ نه فقط سندس وندر آهي پر چوويهه ڪلاڪن جي تات آهي. دستور موجب هو دونهين جون گرڙيون ڪندو ايندڙ ويندڙ ماڻهو، جانور، وڻن ٽڻن کي گاريون ڏيندو هلندو

رهيو. اونداهہ تي چڪي هئي پر اسان ڪجهہ اڳتي نڪري وياسين.
اُج ڪي پچڻ لاءِ ڪچا ناريل وٺي انهن جو پاڻي پيتوسين ۽ ڪجهہ
اناناس خريد ڪياسين.

”متان هتي جو پاڻي پيتو اٿئي.“ چوڌريءَ مون کي خبردار ڪيو. ڇڻ منهنجو ڪو بنگال سان پهريون دفعو واسطو پيو هجي. ”هتي جا ماڻهو انهيءَ تالاب ۾ وهنجن. هنگن. ڪپڙا ڌوئن ۽ اهوئي پاڻي پيئن. آبِ حيات هتي ملي تہ اهو بہ اوپاري پيئجي.“

بهرحال چوڌريءَ جي ڪابہ ڳالهہ دل ۾ نہ ڪرڻ کپي. نفرت جو جذبو هن کي هر هڪ لاءِ آهي- پنهنجو پاڻ لاءِ بہ.

واپسيءَ تي ٻي رستي کان ڦري پئي آياسين. رستي تي ٻہ چار گهر ڇگيرڙا نظر آيا. هڪ اڳيان ٻہ ٻار مينهن جي ڪني پاڻيءَ ۾ چيلهہ تائين اندر بيٺا هئا. ۽ چار سان مڇيون ڦاسائڻ جي ڪري رهيا هئا. سڄ لهي چڪو هو. سندن منهن چٽو نظر نہ پئي آيو. سندن پير ۾ هڪ ڪتو پڻ بيٺو هو. جو شايد پاڻي پي رهيو هو. انهن جي پريان ٻہ وڏي عمر جون ڇوڪريون بيٺيون هيون. اسان کي پري کان ايندو ڏسي هڪ اندر وئي ۽ ڏيو ڪڻي آئي. اسان سندن پرسان ڳالهيون ڪندا لنگهياسين. هڪ ڇوڪريءَ بنگاليءَ ۾ ڪجهہ رمارڪ ڏنو. اسان ڪجهہ نہ ڪيو. ٻي ننڍي قد واري ڇوڪريءَ مون کي ٻانهن کان اچي جهليو. آئون بيهي رهيس. سندس چهرو جيتوڻيڪ جذبات کان خالي هو پر سندس نوريڙي جهڙيون اکيون چنجهي روشنيءَ جي باوجود سهڻيون لڳي رهيون هيون. سندس هٿ هڏائان هجڻ جي باوجود. ڇهاءَ مان عجيب ڪيفيت محسوس تي رهي هئي. پاڪستاني فلمن جي روايتي هيرو وانگر بنجڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوشش ڪير، جنهن جي بيڊ روم ۾ رات جو مينهن ۾ پسيل هيروئن ٽپي اچي سڄي رات Erotic ناچ ڪري، پر همراهه جي ڪن تي جونءِ به نه سري؛ پر سڀ مون لاءِ ناڪام رهيو. چوڌري سعيد ٽورو اڪٽي وچي چڪو هو، پر مون کي پنٽي ترسيل ڏسي وري موٽيو. مون کي پنهنجي پراڻي انگريز پرنسپال جو قول ياد آيو.

"When a lady love interferes with a course of duty, either the lady or the duty should be abandoned."

مون پيو نمبر شيءِ کي Abandon ڪرڻ لاءِ پنهنجي سينئر انجنير کي اطلاع ڏيڻ چاهيو ٿي پر ان کان اڳ هن مون کي چڪي هلڻ لاءِ چيو ۽ ان سان گڏ ڏيٺي واري ڇوڪريءَ جي روڪيل هٿن جو ناجائز فائدو وٺي سندس ڇاتيءَ تي زور سان ٻلي وارا رانيوٽا هٽي ڇوڙ لڳس:

"ڊيوٽي هي ڊيوٽي." جواب ۾ هن جي چپن تي فقط مرڪ هٽي پر اکيون آليون هيون. ان وقت مون محسوس ڪيو ته مشرق جي عورت مغرب جي عورت کان ڪيڏو نه ڪمزور آهي. پوءِ ڪٿي چالنا هجي، رنگون يا بئنڪاڪ، مشرقي عورت صدين کان ڪيترو نه هيسيل رهي آهي. مغربي عورت ڪجهه به هجي پر ائين بي عزتي برداشت نه ڪندي.

چوڌري پنهنجن هيڊ جهڙن ڏندن سان مسڪرائي تاڻا ڪري 'هيڊ جو اشتهار ۽ موڪلائڻ جي ادا' هڪ ئي وقت پيش ڪئي. پر نوريٽڙي جي اکين جهڙي ڇوڪريءَ هاڻ ڪيس ڇهٽي به روپيا بخشش طور گهرڻ لڳي. هوءَ به سمجهي وئي ته اسان ۾ وڏو هو آهي ۽ هن جي ٽي هلي. پاڻ ڪيس به رپيا ڏيڻ بدران پنجابيءَ ۾

هڪ وضوءَ ٽوڙ گار ڏيندي چيس:

”او مسلمان جي ڏيءَ ڪجهه شرم ڪر. ڇو پنهنجي عصمت لٽائي ملڪ جو نالو بدنام ٿي ڪرين.“

هن چوڌريءَ جو فلمي ڊائلاگ نه سمجهيو. چٽگانگ واري زبان ۾ چوڻ لڳي ته سندس ماءُ کي سخت بخار آهي. پيءُ جيل ۾ آهي. پنهنجي پيٽ تي هٿ رکي چيائين: ”غريب آهيان، ٻن ڏينهن کان بکايل آهيان.“

”بي غيرت! ان لاءِ تون عصمت وڪڻڻ چاهين ٿي،“ چوڌريءَ ڪيس به شايد جونئر انجنير سمجهي، دڙڪو ڏنو.

”مان ته عصمت ٿي وڪڻان،“ هن ايترو ئي زور سان اڌ اڙدو اڌ بنگاليءَ ۾ وراڻيو، ”منهنجي جاءِ تي تون هجين ته سڄو جسم وڪڻين.“

جهيڙو ٽٽو ڪرڻ لاءِ فورٿ انجنير چوڌريءَ کي گوهي ڪيل گڏهه وانگر هش هش ڪري اڳتي ڌڪڻ لڳس. ڪيسي ۾ جيڪي ڪجهه سڪا هئا سي ڪڍي ڇوڪريءَ کي ڏنم. پنهنجا ۽ چوڌريءَ جا اناس پيءَ کي ڏنم ۽ جهاز طرف وڌڻ لڳاسين. هو ٻئي اسان کي آڱوٺا ڏيکاري چيڙائڻ لڳيون. چوڌريءَ جو پارو هاڻ وڌيڪ مٿي چڙهي ويو ۽ هنن کي ڪجهه چوڻ بدران مون تي ڪاوڙ ڪرڻ لڳو:

”هڪ بنگالڻ ذليل ڪيو پيو تو وري انهن کي اناس به ڏئي ڇڏيا. مفت جا هئا ڇا-؟“

”ان ڪري ڏناماس ’چار صاحب‘ جو آهي هن جي ئي ڌرتيءَ جا هئا. ڦريائين هن کي کائڻ جو حق آهي.“ مون وراڻيو، پر هن کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي.

جهاز تي پهچڻ سان اسان ڊيوٽي تي وڃي چڙهياسين ۽ اڳهين

ڪندڙ ڊيوٽي انجنير کي Relieve ڪيوسين. ٿوري دير تي وئي هئي، پر هن دل ۾ نہ ڪيو. صبح تائين منهنجي اڳيان گذريل ڏينهن جا واقعا ڦرندا رهيا.

چالنا ۾ مينهوڳيءَ جي موسم ۾ هڪ قسم جا جيت ٿيندا آهن، جن جي پيرن مان هڪ پائوڊر ڇڻندو آهي ۽ اهو پائوڊر جتي لڳندو آهي اتي سخت خارش ٿيندي آهي. سڄي رات ڊيوٽي دوران اهو پائوڊر اڏامندو رهيو. صبح جو ڇئين لڳي ڊيوٽي ختم ڪري ڪمري تي آيس. ننڊ ٿي ڪانہ پئي آئي. سڄو بدن پڇي رهيو هو. آخر جهاز جي ڪولڊ اسٽور مان وڏيون برف جون ڇپون ڪٽي اچي ٽب ۾ وڌم. پاڻيءَ جو نلڪو کولي ٽب کي ڀري، ان ۾ ليٽي پيس. ٿڌ مس مس ٻاهہ جهڪي ٿي.

چالنا ۾ اسانِ جو جهاز ڪو گهڻو وقت نہ هو. پنجين ڏينهن چالنا جو بندرگاهہ ڇڏيوسين. چالنا ۾ چانور لاهي، انگلينڊ لاءِ سٽي، جرمنيءَ لاءِ ميچي ۽ بيلجم لاءِ گانگٽ ۽ ڏيڏرن جون ٽنگون کنيونسين.

(سال 69-1968ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## دوحا (قطر)- عربي نار جو هڪ امير ملڪ

دبئي کان پوءِ اسان جي ٻي منزل دوحا هئي. دبئي شهر، شام جو دير سان ڇڏيوسين ۽ دوحا صبح ٿيڻ کان اڳ پهچي وياسين. دوحا بندرگاهه 'قطر' رياست ۾ آهي، جنهن تي حڪومت شيخ حاڪمن جي آهي، پر سِڪو دوحا ۽ دبئي جو ساڳيو آهي. هر نوٽ تي دبئي ۽ قطر لکيل آهي. البت دبئي پوسٽ جون ٽڪليون مختلف آهن. دوحا مڙيئي ڪجهه امير ۽ سهڻو شهر آهي. گهٽ ته دبئي به نه آهي، ڇو جو ٻي انتها تيل هنن غريب ۽ واريا‌سن رڻ پٽن کي هڪ رات اندر امير بنائي ڇڏيو آهي. پيٽرول ڪيڻ ۽ صاف ڪرڻ جو سڄو ڪم انگريزن ۽ امريڪن جي هٿ ۾ آهي. انهيءَ کان علاوه ٻيو واپار وڙو پڻ ڏارين جي هٿن ۾ آهي، جن ۾ ايشيا ۽ افريڪا جا واپاري اڇيو وڃن ٿا.

هتي جا اصلوڪا رهاڪو عرب، اجا ايترو پڙهيل ڪونهن، ۽ نه انهن ڪمن کان واقف آهن. هاڻ مڙيئي اسڪول کلي رهيا آهن، پر ترقي جي رفتار تمام سست آهي. انهيءَ ڪري هتي جي دولت جو گهڻو حصو ڏارين جي هٿن ۾ هليو وڃي، باقي 'ٿورو' هتي جي رهاڪن جي حصي ۾ اچي ٿو، سو به ڪنهن خزاني کان گهٽ ڪونهي. يورپ جي گهڻن ملڪن جي ايتري ڪمائي نه هوندي جيتري هتي جي عربن جي آهي، پر انهيءَ دولت کي اجان تائين چڱيءَ طرح ڪم نه پيو آندو وڃي ۽ نه ئي پورو فائدو ٿو ورتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي. گهڻي پئسي جو استعمال عياشي ڏي آهي.

يورپ ۾ هڪ ڏينهن سخت بارش کان بچڻ لاءِ هڪ هوٽل ۾ اچي پناهه ورتيم. اتي هڪ ڇوڪريءَ سان ملاقات ٿي. کيس جڏهن خبر پيئي ته آءٌ پاڪستان جو آهيان ته هوءَ پنهنجي ٽيبل تان اٿي مون وٽ آئي ۽ پڇيائين:

”توهان جي ملڪ پرسان هڪ ملڪ آهي. مون کان نالو وسري ويو آهي، اهو ملڪ بيحد امير آهي.“

”محترمه، توهان کي غلط فهمي ٿي آهي. اسان جي اوسي پاسي وارا ملڪ، غريب ايشيائي آهن. جن کي کائڻ لاءِ آهي ته پهرڻ لاءِ ڪونهي. پهرڻ لاءِ آهي ته کائڻ لاءِ ڪونهي.“

”نه، نه. توهان انڪساريءَ کان ڪم نه وٺو. اهو هڪ ته ڇا، ٻيا ڪيترا عرب ملڪ امير آهن، پر اهو ملڪ سڀ کان وڌيڪ دولت مند آهي ۽ دنيا ۾ سڀ کان گهڻي اتي جي Income per captia (ڪمائي)آهي.“

سوچيم ته هيءَ سچ تي ڳالهائي ۽ ٻڌايومانس ته ان ملڪ جو نالو ڪويت آهي.

”ڇا مون کي ايتري معلومات ڏئي سگهندا ته اتي پهچڻ جو سولو ۽ سستو ڪهڙو طريقو آهي.“

مون کيس هوائي جهاز ۽ ڪار ذريعي وڃڻ جا سڀ طريقا ۽ رستا ٻڌايا، جن جي مونکي ڄاڻ هئي. هوءَ سڊني (آسٽريليا) کان يورپ آئي هئي، ۽ هاڻ ڪويت وڃڻ تي چاهيائين. مون کي سندس انهيءَ ڏکهي ۽ عجيب سفر تي تعجب لڳو. ٻاهر مينهن جا شپڪا اڃان جاري هئا. وقت گذارڻ خاطر، ذاتي سوال ڪيومانس:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جو خير تہ آهي. هتي يورپ ۾ اچڻ کيئن ٿيو ۽ هاڻ ڪويت جو ارادو ڇو آهي؟“

”هتي آءُ روزگار جي تلاش ۾ آئي هيس. مون سوچيو هو تہ يورپ ۾ مون کي سٺي نوڪري ملي ويندي ۽ ڪافي ڪمائي سگهنديس. پر اڄڪلهہ يورپ خلاص آهي. يورپ...،“ هن سڄي يورپ کي هڪ ناقابل اشاعت گار ڏيئي وسڪيءَ جو گلاس خالي ڪيو ۽ ٻئي جو آرڊر ڪيو. هوءَ ڪجهہ ڪجهہ نشي ۾ هئي ۽ ڏکوئيل پڻ. جملي جملي ڪانپوءِ ڏکهو ساهہ کڻنو ٿي پيس، ”يورپ ختم ٿي چڪو آهي. انگلينڊ، فرانس، جرمني، اسپين، هالنڊ سڀ، فقط ڪالونين تي پئي هليا. آفريڪا ۽ ايشيا جا ملڪ ڇا آزاد ٿيا، يورپ پيِنگيو ٿي ويو آهي.“

”لڳي ٿو اوهان کي ڪا سٺي نوڪري نہ ملي سگهي آهي؟“ مون پڇيو.

”سٺي تہ ڇا، پر معمولي بہ نہ ملي سگهي آهي. اجان سفر جا ئي سڄا پئسا نہ ڪڍي سگهي آهيان.“ هن وراڻيو.

”تہ پوءِ ڪويت وڃڻ مان ڪهڙو فائدو؟ جڏهن توهان کي هتي ئي نوڪري نہ ملي آهي جتي هيترا ڪارخانا، آفيسون، اسڪول ۽ اسپتالون آهن. ڪويت ۾ رکيو ئي ڇا آهي؟“

”رکيو تہ سيڪجهہ آهي،“ هن پولار ۾ گهوريندي ۽ مرڪندي چيو، ”اتي مون لاءِ سڀ ڪجهہ رکيو آهي.“

آءُ سندس اها ڳجهارت سلي نہ سگهيس ۽ نيٺ پڇي وينس، ”انهيءَ ۾ ڪهڙو راز آهي.“

ٿوري منجهندي سنجهندي هيڏانهن هوڏانهن نهاري، آيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسڪيءَ جو ڍڪ ڀي پي، بيباڪ نموني سان جواب ڏنائين: ”بس اتي جو ڪو امير تاڙيندس. رڳو اتي پهچڻو اٿم. پاڻهي ڪو نه ڪو ڪچي ڌاڳي ۾ ٻڌجي هليو ايندو. مهنو ڪن ٻه سندس قبضي ۾ رهيس ته ڪافي آهي... منهنجي من جون مرادو پوريون ٿي ونديون. مايا ديوي منهنجي قبضي ۾ اچي ويندي...“ ٿوري مرڪي راز واري انداز ۾ چيائين، ”جنهن ساهيڙيءَ مونکي اها سهڻي صلاح ڏني آهي، سا پڻ هڪ عرب جي بستر جي سونهن ٿي رهي، ۽ هينئر - هوءَ پاڻ آهي ۽ بي انتها دولت!“

هوٽل ڏانهن نهاريندي چيائين، ”هن ڪان ٻه وڏي هوٽل مٿبرڊ ۾ اچي کولي اٿس.“

مان سندس ڳالهيون ٻڌي وائڙو ٿي ويس. ڪو جواب نه اڪليو. قدرت جڏهن مهربان ٿي، ته واريءَ جون ڍيون ڦري تيل جا تلاءَ ٿي پيا ۽ انهيءَ تيل مان اڻ مٽي ملڪيت جون ڇوليون ڇلڻ لڳيون. پر اسين انهيءَ مان صحيح فائدو حاصل نه ڪري سگهيا آهيون. ڏاڍي افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته مغرب جي نظرن ۾ اڄ جو عرب اجائي سجائي شاپنگ ۽ Sex جو سمبل ٿي پيو آهي. مون کي انهيءَ هوٽل ۾ مليل اجنبي ڇوڪريءَ جو هڪ هڪ لفظ عربن تي ٺٺولي ڪندي محسوس ٿيو. ۽ هينئر جڏهن هتي عرب ملڪن ۾ ڪا يورپ جي حسينا ڏسان ٿو ته اها يورپ جي هوٽل واري اجنبي ڇوڪري ياد ٿي اچي.

O

دبئي کان دوحا ويندي رات جي وقت سمنڊ مان پري کان ڪيترائي باهه جا شعلا نظر آيا. جن بابت پوءِ خبر پئي ته اهي

Oil-Rigs آهن جن ذريعي تيل سمنڊ جي تري مان نڪري صاف ٿي رهيو آهي ۽ مختلف بندرگاهن ۽ جهازن ڏي پائيپن ذريعي وڃي رهيو آهي. دوحا ۽ دبئي ايراني نار جي ڏاکڻي ڪناري تي آهن ۽ ٻي پاسي ايران آهي، جنهن جي ڪري سمنڊ جي انهي حصي کي ايراني نار سڏجي ٿو. جا اڳتي وڃي عربي سمنڊ سان ملي ٿي.

پر اڄڪلهه ڏکڻ پاسي وارن عرب ملڪن - دوحا دبئي وغيره انهيءَ ڳالهه تي جهيڙو لڳايو آهي، ته انهيءَ کي ايراني نار بدران عربي نار سڏيو وڃي. ايتري قدر جو اسان جا ڪيترا خط، جن تي ايراني نار لکيل هو سي ضايع ڪيا ويا. اهو نٿو سمجهه ۾ اچي ته ڇا نالي مٽائڻ سان سمنڊ جو رنگ يا سواد ڦري ويندو. ان حساب سان ته پوءِ ايرانين کي به عربي سمنڊ جي نالي تان وڙهڻ کپي ۽ عربي سمنڊ بدران ڪيس ايراني سمنڊ چوڻ جو حق هجڻ کپي. بهرحال انهن نالن جو تاريخ سان واسطو آهي ۽ ڪو به تاريخ مٽائي نٿو سگهي. عربي سمنڊ کي دنيا عربي سمنڊ ئي سڏيندي، ڇاهي اسان هن کي 'پاڪستاني سمنڊ' سڏيون يا سومالي لئنڊ وارا 'سومالي سمنڊ' سڏين.

دوحا جا عرب ايترو بدو قسم جا نٿا لڳن جيترو دبئيءَ جا. دوحا ۾ يارت، پاڪستان ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو گهٽ نظر اچن ٿا. هتي هرهڪ شيءِ هتي جا اصل باشندا پنهنجي قبضي ۾ ڪري رهيا آهن پر ان هوندي به واپار جو وڏو حصو گجراتين، کوجن، بورين ۽ هندن جي هٿ ۾ آهي. پاڪستان مان پنجاب جا پڻ ڪافي ماڻهو آهن. ڪجهه هوٽلون ۽ دڪان لبنانين ۽ اردني ماڻهن جا آهن.

دوحا ۾ پڻ واريءَ ريتي هئڻ ڪري ڪا پوک ڪانه ٿئي، ۽ نه

ٿي ڪارخانا آهن. انهيءَ ڪري هر شيءِ ٻاهران گهرائي وڃي ٿي. ٽئڪس نہ هئڻ ڪري، هر شيءِ تمام سستي ملي ٿي ۽ واپار خوب هلي ٿو. ننڍا ننڍا معمولي قسم جا دڪان بہ اعليٰ درجي جي ريڊيو، واچن ۽ ڪپڙي سان ڀريا پيا آهن، جن کي ڏسي اسان جون غريب اکيون بند ٿيو وڃن.

عورتن لاءِ اهڙين بازارن ۾ عيد هوندي آهي، سو هر بازار ۾ مردن کان وڌيڪ عورتن جا ميلا متل آهن. هتي جا ڪيترا دڪان يورپي فئشن ۽ معيار جا آهن- خاص ڪري Hygine جي خيال کان. گوشت، مڇي ۽ ڀاڄي جا دڪان ايئرڪنڊيشنڊ ۽ صاف سٿرا ملندا ۽ گهڻو ڪري شيون Deep-Freezers ۾ يا Vacuum-Tight دٻن ۾ ملن ٿيون. آئيس ڪريم، ٿڌا مشروبات ۽ ڪيرٻہ آمريڪا يا يورپ کان درآمد ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪپت مطابق اچي ٿو. ڪو زمانو هو جو دنيا کي اها بہ ڄاڻ نہ هئي تہ ڪا عربي زبان بہ آهي پر هاڻي هر ولايت جي شيءِ تي عربي ۾ ان جو نالو ۽ استعمال جا طريقا لکيل نظر اچن ٿا.

دوحا جو بندرگاهہ تمام معمولي آهي، جتي ٻہ يا ٽي ننڍا جهاز بيهي سگهن ٿا. اسان جو وڏو جهاز آهي، اندر تانگهي پاڻيءَ ۽ ننڍي جيٽيءَ تي اچي نٿي سگهيو انهيءَ ڪري بندرگاهہ کان ڪافي ميل پري، کلي سمنڊ ۾ لنگر ڪيرائي بيٺاسين جتان شهر ۾ گهمڻ لاءِ ايندا هئاسين. هڪ Speed-Boat (تيز رفتار ٻيڙي) پڻ جهاز تي آهي پر ان ۾ ٿورا ماڻهو ويهي سگهيا ٿي. ان کان علاوه دوحا بندرگاهہ جون ٻاڙي جون لانچون بہ ايندڀون رهيون ٿي.

دوحا ۾ خريداري ڪرڻ کان وڌيڪ شوق زمين تي هلڻ چلڻ

جو هٿوسين ڇو تہ سمنڊ تي گهٽا ڏينهن رهڻ کان پوءِ زمين تي پير رکڻ جي سک ٿئي ٿي؛ ٻيو هوندو هو پاڪستاني ۽ هندستاني فلمن تي مارو، جن لاءِ دوحا ۾ اجان سئنيما گهر تہ نہ ٺهيو آهي پر مختلف گهرن، اوطاقن ۽ گئراجن ۾ هلن ٿيون. جتي پاڪستاني ۽ هندستاني ڪلب يا Associations پاڪستان يا هندستان کان فلمون وٺي هلائين ٿا. هڪ ٻہ سئيون جڳهيون هيون اتي پر واري اسڪول مان بينچن رکڻ جو بندوبست هو ۽ سڻو ڪن ماٺهو ويهي سگهيا ٿي، باقي ٻين هنڌن تي وجڻ لاءِ رستي تان سر تڪر ڪٽي وچٽو پيو ٿي ان تي ويهڻ لاءِ. يا امرجنسيءَ لاءِ رومال تہ رکبو ئي هو.

هڪ دفعي مون ڪي ڪاٺ جو وڏو بلاڪ گئريج ٻاهران ملي ويو. ڏاڍو نوابن وانگر ان تي چڙهي ويٺس، پر پويان ويٺلن آرام سان ڏسڻ نہ ڏنو. هڪ تہ جهاز جي ئي انجنير (يعني اهو معلوم رهي تہ هر هنڌ اڌ کان وڌيڪ ڏسڻ وارا جهازن جا هوندا هئاسين) ڪٽي بلاڪ کي لت هنئي تہ بلاڪ ۽ آئون پروجيڪٽر سان وڃي لڳاسين. اڌ ڪلاڪ لاءِ فلم بند ٿي وئي، جيسين پروجيڪٽر وارو ٽيپ سڌو ڪيو وڃي ۽ فلم کي ڳنڍيو وڃي. مون کي ڪاٺ جو بلاڪ چڏي پٽ تي ٻي عوام وانگر ويهڻ لاءِ چيو ويو، پر پوءِ مون بہ ان بلاڪ جي پچر نہ ڇڏي. پڙدي جي پويان اڪيلو ويهي فلم ڏسڻ لڳس، جو پڙدو سنهي ڪپڙي جو هئڻ ڪري ٻنهي پاسي فلم نظر آئي ٿي، فقط اکر ابتا هئا.

ڪي ڪي عرب پاڻ سان ٽيپ رڪارڊر بہ ڪٽي اچن پوءِ ريل بدلائڻ وقت يا انٽرويل ۾ يا واپسي تي گهر وڃڻ تائين اهو ٽيپ رڪارڊر سڄي آواز تي وڄائيندا هلن. اسان جي جهازين مان بہ هڪ

ٻن اها ٽرڙپائي ڪئي، پر پوءِ ترت ئي دل ڪٽي تي پين ۽ جهاز تائين پهچڻ وقت ٻيڙيءَ ۾ ماٺ رهي ٿي. باقي خريداريءَ جو گهٽو شوق ان ڪري نہ هوندو اٿئون، جو هر دفعي ۽ هر بندرگاهہ ۾ اهو فيصلو ڪندا آهيون، تہ ٻئي هنڌان خريداري ڪنداسين. يا ان لاءِ اهي مثال ڪافي آهي تہ: ڪنير جي گهر ۾ سچو ٿانو نہ ملندو آهي.

O

جهاز تي ساڳي ساڳي ماني کائي ورچي پوندا آهيون، تنهن ڪري بندرگاهہ ۾ هجڻ وقت ڪوشش ڪري، ٻاهر هوٽل ۾ کائيندا آهيون ۽ ٻاهر جي ماني ڪيتري بہ سادي هجي مزو ڏيندي آهي. پهرين ئي ڏينهن دوحا جون صاف سٿريون هوٽلون ۽ بيروت وانگر سجيون سجيون ڪڪڙيون سيخن تي پچنديون ڏسي ٻئي ڏينهن هوٽل ۾ ماني کائڻ جو پروگرام ٺاهيوسين.

ٻئي ڏينهن شام جو ٿورو سوير ڪئڊٽ غضنفر، ففٿ انجنير بديع الزمان ۽ آءُ لانچ لاءِ هلڻ وارا هئاسين، تہ ڪئين ٻئاءِ ڊوڙندو آيو ۽ جهاز جي ڊيڪ تان ئي دانهن ڪيائين تہ اجان نہ وڃجو، ٻہ منٽ ترسجو. ڪپتان بہ هلڻ چاهي ٿو، ان ڪي بہ وٺي وڃو. اسان کي ترسندي اڌ ڪلاڪ ٿي ويو. دل جلدي وڃڻ تي پئي ٿي، جو فلم ڏسڻ کان اڳ ماني بہ ٻاهر کائڻي هئي. ايتري ۾ وري نوڪر اچي ٻڌايو تہ: بس ٻہ منٽ ٻيا بہ ترسو، ڪپتان صاحب ماني کائي ختم ڪرڻ وارو آهي. خير سائين، هو آيو. تيسين هڪ ٻہ خلاصي بہ تيار ٿي هلڻ وارا ٿيا. ٻيڙي هلائيسين ۽ بندرگاهہ وٽ ٻيڙي ٻڌي در کان ٻاهر نڪري هرهڪ ٽڙي پکڙي ويو. اڳتي هلي اسان ٽئي دوست ٽئڪسي لاءِ هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ لڳاسين، تہ سامهون

وري ڪپتان اچي لنگهيو. اسان کان پڇيائين تہ ڇو اتي ويٺا آهيو. ۽ پروگرام ڇا آهي. ٻڌايوسين تہ فلم جو پروگرام آهي.

”ڪهڙي فلم جو -؟“

”حبيب بئنڪ جي پرسان ڇا هلي رهي آهي.“

”اڇو اڇو. آءُ بہ اهائي فلم ڏسڻ وڃي رهيو آهيان.“ ڪپتان چيو.

آءُ اڃا ڇوڻ وارو هوس تہ ٽئڪسيءَ جي انتظار ۾ ويٺا آهيون. پر ان کان اڳ پاڻ چيائين:

”ڪو خاص پنڌ ناهي، ٻہ ميل کن مس ٿيندو. پنڌ ٿا هلون. ٽنگ بہ ڏکي ٿي ويندي ۽ ماني بہ هضم ٿي ويندي.“

ظاهر آهي هاڻ ڇا چئون، جڏهن هڪ پوڙهو مڙس پنڌ ڪرڻ لاءِ تيار تہ اسان جوانن لاءِ ڪهڙو عذر. ڳالهيون ڪندا هلياسين. نہ وقت گذري، نہ رستو ڪٽي. پيٽ ۾ ڪٺا ڊوڙي رهيا هئا. اسان جي پيٽ ۾ تہ ماني هئي ڪانہ، هضم وري ڇا ٿئي. ۽ ٽنگون ڏکيون ٿيڻ بدران ڇڀيون ٿيڻ لڳيون. ڪپتان صاحب دوحا تي تبصرو ڪندو رهيو. پنهنجي واقفيت جي پنڌار مان توري معلومات اسان جي حوالي بہ ڪندو هليو.

”... هتي دوحا ۾ ايتريقدر، جو پاڻي بہ ٻاهران گهرايو ٿو وڃي. اسان جيڪي رومانيا مان سيمنٽ جا پائيپ آندا آهن، انهن ذريعي هاڻ پاڻي شهر ۾ آندو ويندو. هي ملڪ پاڪستان مان چانور، ڪپڙو ۽ ڪاٺ درآمد ڪري ٿو...“

ايتري ۾ اسان هڪ خوبصورت هوٽل اڳيان لنگهياسين جنهن جي اڳيان شيشي جي ڪٻٽ ۾ هڪ ئي وقت ڏهہ ڏهہ ڪڪڙيون اليڪٽرڪ ذريعي سيخ تي ڦري پچي رهيون هيون. زمان انهن ڏي

ڏسي مونکي اک هنئي. ڪپتان پنهنجي گفتگو جاري رکي.

”... آءُ چوان ٿو تہ هتي جي هر شيءِ حلال بہ ڪانهي. خاص ڪري هي ڪڪڙيون، جيڪي ڊئنمارڪ کان گُسجيو، برف ۾ بند ٿي اچن ٿيون. هاڻ اهي ڪڪڙيون ڪي حلال ٿيون-؟ آءُ تہ انهن کي هرگز حلال نہ چوندس.“

مون واچ ۾ ڏٺو تہ فلم شروع ٿيڻ ۾ باقي ڪو اڌ ڪلاڪ هو، اجا ٽڪيٽ وٺڻي هئي. هاڻ ماني کيئن کائجي، خاص ڪري ڪڪڙ جي نالي ڪٺڻ جو تہ سوال ئي نٿي پيدا ٿيو. ڪفر جي اڌ فتوئي تہ ملي چڪي هئي. ڪئپٽن غضنفر خان کي ڪپتان جي ڳالهہ ڀڏندو ڇڏي، زمان مونکي ٽورو پڇتي چڪي چيو:

”بيلي مهڙي بک ۾ پاڻ کان فلم ڏٺي ڪانہ ٿيندي. مون منجهند جي ماني بہ ان آسري تي ڇڳيءِ طرح نہ کاڌي آهي.“

”تہ پوءِ ڇا ڪريون. گوريلا جنگ تہ منهنجي پيٽ ۾ ڪڏهوڪو جاري آهي. ڪا پلان سوچ.“

”پلان منهنجي کيسي ۾ آهي.“ اهو چئي اڳتي وڌيو ۽ ڪپتان کي ٻڌايائين تہ سندس، چاچي جي پٽ جي ماسات جو ڪو مائٽ هتي سامهون گهٽيءَ واري دڪان تي ڪم ڪري ٿو. ان سان اسان سيني کي ملڻو آهي. بهانو سٺو رهيو. لعل بہ لڏو پريت بہ رهجي آئي يعني ڪپتان فلم ڏي هليو ويو، اسان گهٽيءَ مان ڦري اچي هوٽل ۾ ويناسين.

مالڪ کي گهرائي گوشت جي حلال ۽ حرام جي پڪ ڪئيسن. تنهن قسم کڻي پڪ ڏني تہ حلال آهي ۽ بي فڪر رهو. پوءِ تہ بس اها ڪانٽن ڇرين جي ويڙهہ ڪئيسين جو منٽ ٿي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٺي ٻاهر نڪتاسين، تہ زمان چيو. ”جي هاڻ ڪپتان جي ڳالهہ سچي آهي، تہ پوءِ چڻ ڪانگ ڪاڏوسين.“

ان ڏينهن کان پوءِ اڄ تائين جهاز تي خميس ۽ آخر ڏينهن جڏهن ڪڪڙ اڳيان ايندي آهي تہ هڪ ٻئي کي چوندا آهيون: ”خيال رکجانءِ، متان ڪڪڙ بدران ڪانگ نہ هجي.“

خميس ۽ آچر ڏينهن ان ڪري جو سيني پاڪستاني جهازن تي انهن ڏينهن تي ڪڪڙ ضرور هوندي آهي پوءِ ڪٿي نموني کهڙي ۾ بہ هجي: چڪن برياني، چڪن ڪري، اسپرنگ چڪن يا روسٽيڊ چڪن.

O

ڪڪڙ تان هڪ ٻي بہ ڳالهہ ياد آئي، جا پڻ عرب ملڪ جي آهي. عرب اصل کان کائڻ جا شوقين ۽ مڙس ماٺهو آهن. بيروت ۾ هئاسين تہ اتي بہ ڪڏهن ڪڏهن تبديلي خاطر جهاز جو کاڌو ڇڏي، هوٽل تي وڃي کائيندا هئاسين. دل تہ روز کائڻ تي چوندي هئي پر پئسن ۾ نوٽ گهٽ هوندا هئا. ڪاڳر ۽ رسيدون گهٽيون هونديون هيون. ففٿ انجنيئر جو پگهار ئي چا ٿو ٿئي. ڪئپٽن غضنفر (جي. يو. خان) جو تہ اجان بہ گهٽ هو. لبنان ۾ اسان ٽئي ڄڻا ان قسم جون ڪڪڙيون، آچار ۽ چٽنيون مشهور آهن. پهرين ڏينهن بيروت جي هڪ هوٽل ۾ وياسين تہ هڪ همراهہ سامهون واري ٽيبل تي سڄي ڪڪڙ هڪ هٿ ۾ ۽ ٻئي ۾ بيئر جي وڏي بوتل جهلي، ڇهتيو پيو هوس. ٿورو پرتي هڪ سنهڙي جسم واري عربياڻي، کائڻ جو ڪم ختم ڪري سليماني چانهہ پي رهي هئي ۽ ڪڪڙ جو سڄو هڏائون پڃرو اڳيان رکيو هوس.

بيرو آرڊر وٺڻ لاءِ اسان جي اڳيان اچي بيٺو. اسان منجهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پياسين ته اسان کان هيڏي ساري ڪڪڙ ته ڪاڏي ڪانه تيندي ۽ اڌ ڪڪڙ هڪ هڪ لاءِ خبر ناهي آئي يا نه جو هتي ته سڄيون ڪڪڙيون پيون پچن. آخر دل ٻڌي چيپوسينس ته، ”هڪ ڪڪڙ آڻ.“

”هر هڪ لاءِ هڪ هڪ؟“ ٻئري ادب سان پڇيو.

”نه، ٽنهي لاءِ فقط هڪ.“ اسان جواب ڏنس.

”هون!“ ٻيرو ٽڌو ساهه کڻي اسان ٽنهي جو منهن ڏسڻ لڳو. شايد اهو ڏسي رهيو جي ته هي پيمر پهلوان ڪٿي جا آهن، جو جانورن جي ڳاڏي کائڻ وارن جي ملڪ ۾ اچي نڪتا آهن.

هتي ۽ ٻين ڪيترن عرب ملڪن ۾ تسبي کڻي هلڻ جو ڏاڍو رواج آهي. خاص ڪري ٽيٽيهو. هلندي ڦرندي، بس ۾، مجلس هوٽل ۾ تسبيءَ جا ڪٽا ضرور ڦيريندا رهندا. ڪڏهن ته ڳالهين ڪندي به عادت طور تسبيءَ جا ڪٽا آڱرين جي آڏار تي ڦرندا رهندا. ۽ پڙهڻ (عبادت) کان وڌيڪ فئشن لڳي ٿو. طرابلس (لبنان) ۾ ته هڪ سئينما هال جو گيٽ ڪيپر، هر وقت ٽڪيٽون به چيڪ ڪندو رهندو هو ته تسبي به گهمائيندو رهندو هو. ائين تسبي ڦيرڻ وارو اسان جي ڳوٺ ۾ فقط هڪ چشمي سان پوڙهو دوڪاندار آهي، جو پڻ هر وقت ڦيريندو رهندو آهي ۽ اها حرڪت ان وقت اڃان تيز ٿي ويندي آهي جڏهن ٻهراڙيءَ جو ڪو مت جو موڙهيل گراهڪ سندس دڪان تي چڙهي ايندو آهي ۽ ابتي ڪل لهرائي ويهندو آهي.

تسبي کان پوءِ ٻيو نمبر هتي شڪرو پکي پالڻ جو رواج آهي. جيئن يورپ ۾ عورتون پاليل ڪتو کڻي جتي ڪٿي هلنديون آهن. ساڳيءَ طرح هتي وري شوقين عرب شام جو گهمڻ وقت يا ڪنهن

مجلس يا محفل ۾ ويھڻ وقت، هت تي شڪرو ويهاري سير تي نڪرن ٿا. انهيءَ پڪيءَ ڪان شڪار جو ئي ڪم ورتو وڃي ٿو. هونءَ هڪڙو شڪرو شير شاهه جو به چوٽين ۾ پڌبو آهي جو شايد گھر جا ڪڪڙ ماريندو هو. بهرحال اهو شوق وڏن ماڻهن جو ئي آهي جيئن اسان وٽ شڪار لاءِ هڪ تتر مارڻ لاءِ بندوق ۽ ڪارتوس وٺجن (سو به الائي نشانو لڳي يا نه. يا تتر ئي ڇيتون ڇيتون ٿي وڃي) تنهن ڪان ته سعيدآباد مان سوا رپئي جيئرو ڪوڙڪي جو ڦاٿل تتر ڇو نه خريد ڪجي- اڃا به ڊزن جي حساب سان سستو.

هتي دوحا ۾ نئين نهيل خوبصورت عمارتن مان پاڪستان جي حبيب بئنڪ ۽ P.I.A جي آفيس پڻ ڏسڻ وٽان آهي ۽ انهن عمارتن وٽان لنگهندي، ڪجهه گهڙين لاءِ پنهنجائپ جو احساس ٿئي ٿو ۽ پنهنجي وطن جي ياد ۾ تانگهه هيڪاندي وڌي ٿي.

دوحا شهر نون ايرنڊز شهرن مان آهي. هر روز اوسي پاسي جي ملڪن جا ڪاروبار يا خريدوفروخت ۽ واپار وڙي لاءِ ماڻهو ايندا رهن ٿا ۽ شهر جي آدمشماري جلدي جلدي وڌي ويجهي رهي آهي. هتي جي اصلوڪي رهاڪن عربن ڪان وڌيڪ هندستان، پاڪستان، ايران، آفريڪا جا نوان آيل ماڻهو ملندا. ڪيترا غريب مڪراني، بروچ ۽ پٺاڻ جاين ۽ رستن ٺاهڻ جي ڪمن تي مزوري ڪندي نظر ايندا. ڪيترا درزي، ڌوبي، ٽئڪسي ڊرائيور پاڪستاني، هندستاني ۽ سلوني ملندا. چانهه جون ننڍڙيون هوٽلون هلائڻ وارا بنگالي، ملباري ۽ ڪوڪني ملندا. بازار ۾ خريدار به يانت يانت جا ملندا. افريڪن، ايشين ڪان وٺي يوربين تائين. ڇو ته هر اها شيءِ جا آمريڪا ۽

يورپ ۾ بہ مهنگي آهي سا هتي سستي ملي ٿي، جو ٽئڪس بلڪل نہ برابر آهي. ان ڪري خريدارن جا هر وقت بازار ۾ انبوهہ آهن. مختلف ملڪن جا مختلف زبانون ڳالهائيندي ملندا ۽ انهن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ دوڪاندار بہ ڪيترين ئي زبانون سکيل آهن. هڪ ئي وقت هڪ گراهڪ کي عربي ۾ جواب پيا ڏيندا تہ ٻئي کي فارسي يا انگريزي ۾"

O

آءُ ۽ ففت انجنير بديع الزمان دوحا جي هڪ دڪان تي خريداري جي خيال کان چڙهياسين. دڪان تي جيڪي بہ چار وڪڻڻ وارا هئا، سي پهرين آيل گراهڪن سان مشغول هئا، سو اسين تيستائين ٻين دير سان آيل گراهڪن وانگر شين جو جائزو وٺڻ لڳاسين. (گڏوگڏ پنهنجي ڪيسي جو بہ). اسان جي بلڪل پير ۾ ٿي ڇوڪريون ڪپڙن ۾ سينگاريل شيون ڏسي رهيون هيون. سندن وار انگريزياڻين وانگر ڪٽيل (بلڪل Continental Style). پوشاڪ ايراني عورتن جهڙي سليوليس، ۽ ميڪ اپ ۾ مصري عورتن کان بہ رتيون وڌيڪ. هيترن ڇٽن ۾ جهجهڪندڙ لباس ۽ ڇهري سبب پري کان نمايان لڳي رهيون هيون. اسان جون بہ نگاهون، بلڪ بيحد سڪايل نگاهون پاڻهي هنن ڏي کڇي ويون. پوءِ زمان مون کان سوالي نگاهن سان پڇيو، "ڪير ٿي سگهن ٿيون؟"

"ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. شايد عرب ڇوڪريون هجن ڪنهن Developed ملڪ جون."

"عرب ملڪ ڪو Developed بہ آهي ڇا؟ عربي ۾ ذرا پڇين تہ ڪٿي جون آهن." بديع الزمان مون کي ٽونٽ هڻي چيو پر ايترو زور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان، جو هو بہ اسان جي اڙدو ۾ ڪسر پسر چڱيءَ طرح ٻڌي رهيون هيون.

منهنجو بنگالي دوست بديع الزمان جنهن ڪي جهازن جي انجڻ سجاڻڻ کان وڌيڪ اونو دنيا جي ڇوڪرين سڃاڻڻ جو آهي، تنهن سان ساڳي ڳالهہ تان هن کان اڳئين Voyage ۾ بہ ڪِٽ پٽ ٿي هئي. جنوريءَ جي سخت سرد ۽ برفاني موسم ۾ بلغاريا جي هڪ هوٽل ۾ ويٺا هئاسين. سڄو هال سنسان هو. فقط سامهون ٽيبل تي هڪ Tourist عورت ويٺي هئي. شڪل ۽ شبيهہ ۾ بلغاري ڇوڪرين کان مختلف، حسن ۽ سونهن جو هڪ مجسمو هئي، جا ساهہ کڻي رهي هئي. زمان سائنس پاڻ Introduce ڪرائڻ لاءِ اتيو، پر پوءِ ٻي گهڙيءَ کو خيال آيس يڪدم ويهي چوڻ لڳو:

”الطاف، ميانءِ جي ان سان دوستي رکي ڏيکارين.“

”ڇڏ يار، ڪنهن ٻي مريد يا سرڪس جي مسخري کي تاڻ. اوپري ماڻهوءَ سان ڳالهائڻ - ’مان نہ مان، مين تيري خالا جان‘ وارو ڪم ڪريان ڇا؟“

منهنجو اهو چوڻ ۽ پوءِ سندس ليڪچر شروع ٿيڻ: ”ڪمال آهي. هڪ عورت سان ملڻ جا Guts نہ آهن. توهان سڀ اديب فقط وڏيون ڳالهيون ڪندا آهيو. باقي عملي زندگيءَ ۾ توهان کان ڪک پڇي ڀيٽو بہ نٿو ٿئي. ڪهاڻيءَ ۾ تہ هڪ ڇوڪريءَ کي هيرو سان ملائڻ جا پنجاهہ طريقا تخليق ڪنداؤ. ڪوهن جا فاصلا منٽن ۾ طيءِ ڪرائيندؤ. سٺن ڪوٺن مان هيروئن کي ڪٽي اچي هيرو جي هنج ۾ ويهاريندؤ. باقي هاڻ ڳالهايو بہ نٿو ٿئي...“

اڄ ضد ڪرڻ بدران مون انهن کان پڇڻ مناسب سمجهيو. آخر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توري ڪھٽي عرب ملڪن مان سڪيل عربي زبان جو بہ مظاھرو ڪرڻ لاءِ سٺو موقعو ھو. عربي ۾ جملو تيار ڪري، ھو تي دفعا دل ۾ ورجائي، پوءِ انھن محترمائن ڏي منھن ڪري ھڪ ٺي ساھہ ۾ چيم، جنھن جو مطلب ھو: ”معاف ڪجو، ڇا توھان عرب چوڪريون آھيو-؟“

تنھي اسان ڏي ڀھرين فلمي دنيا جي ظالم ماتيلي مائن وارين نگاھن سان گھوري ڏٺو، ان ڪان پوءِ ھڪ اڳتي وڌي سرائڪي گڏيل پنجابيءَ ۾ چيو:

”ڇريا چو اڇي تيا آھيو. اسين بہ توھان وانگر پاڪستاني آھيون، ملتان جون.“

O

دوحا (قطر) ۾ اٽڪل پنڌرھن سورھن ڏينھن ٿي ويا ھئا. جيتوڻيڪ پروگرام، ڪم مطابق ٻن ٽن ڏينھن جو ھو. ٻي منزل ڪراچي ھئي. ڪراچيءَ ۾ اسان جي ھن جھاز ”سندر بن“ جو سخت انتظار ٿي رھيو ھو، جو ھي نئون جھاز يوگوسلاويا مان ورتل پھريون دفعو پنھنجي ماءُ مالڪن جي ملڪ ۾ اچي رھيو ھو. اسان ان ڪي وٺڻ يوگوسلاويا ھوائي جھاز رستي ويا ھئاسين. روز ڪراچيءَ ڪان وائرليس ايندي ھئي تہ ڪڏھن تا ڪراچيءَ پھچو. اخبار ۽ ريڊيو بہ ھن جھاز جي چڱي پبلسٽي ڪئي ھئي، سو ڏسڻ وارا تجسس ۾ ھئا. آخر ڪراچي پھچڻ جي تاريخ ۽ ٽائيم موڪليوسين، پر اتفاق اھڙو ٿيو جو ھڪ بارش سبب ۽ ٻيو ھتي جي سست مزورن ڪري اھا تاريخ بہ چڙھي وئي ۽ نئين تاريخ جي ڪا خبر نہ ٿي پيئي.

ھوڏانھن ڪراچي ۾ جھاز جي اچڻ جون خبرون اخبارن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي ويون. جنهن صبح جو ڪراچيءَ پهچڻو هيوسين، ان رات ننڊ ڏسي موٽي رهيا هئاسين، تہ رستي تي ريڊيو پاڪستان تان رات واريون خبرون ڪن تي پيونسين جنهن ۾ ٻڌايو پئي ويو تہ سياڻي صبح جو نئون جهاز ”سندر بن“ ڪراچي پهچي رهيو آهي. سندس تور هيتري، ڊيگهہ هيتري، رفتار وغيره هيتري. جيتوڻيڪ اسان ان اعلان ڪانپوءِ بہ ٻہ ڏينهن دوحا ۾ ترسي، پوءِ ڪراچيءَ لاءِ لنگر کنيوسين، ۽ ٻہ ڏينهن ڪن پنڌ ۾ بہ لڳا. تيسين ڪراچي جي ماڻهن، اسان جي آفيس وارن، جهاز جي عملي جي مائٽن ۽ دوستن کي سخت پريشاني ۽ انتظار ڪرڻو پيو.

(سال 1969ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳالهيون هيوسٽن (ٽيڪساز) جون

امريڪا جو شهر جنهن جي ڏسڻ جو مونکي ڀهرين موقعو مليو سو هيوسٽن آهي. هيوسٽن شهر امريڪا جي ڏکڻ رياست ٽيڪساز جو وڏو شهرُ ۽ بندرگاهه آهي. ٽيڪساز جو نالو ٻڌي ذهن اڳيان، امريڪا جون Western-Movies (جن ۾ ماڻهن کان وڌيڪ گهوڙن جي اداڪاري هوندي آهي)، ڪائو بوائز Cow-Boys، ڇهه ڇهه فٽن کان ڊگها شيدي ۽ گورا، خونريزيون، مال جون چوريون ۽ سهڪندڙ گهوڙا ڦرن ٿا. ٽيڪساز انهن مڙني ڳالهين کان مشهور آهي. هونءَ هتي جي هر شيءِ وڏي آهي. ماڻهو ته اهي به سگهارا ۽ جانٺا آهن، چوپايو مال ته به متارو ۽ تندرست، ميوو ته به وڏو ۽ ڳرَ سان ڀرپور. هتي جون زمينون دنيا جي پلين زمينن ۾ شمار ٿين ٿيون. هر شيءِ سائنس جي جديد اصولن تي پوکي ۽ لٺي وڃي ٿي. صحيح مند ٻر، صحيح ٻج ۽ پاڻ ذريعي ۽ گهڻي محنت سان ڇانٽيءَ کان پٽاڻي ٿائين، مٿرن کان مکٽي ٿائين، هتي هر ميوو ۽ ڀاڄي اعليٰ قسم جي ٿئي ٿي. هونءَ به هن رياست (ٽيڪساز) لاءِ چوٽي مشهور آهي ته هتي جي هر شيءِ وڏي آهي:

Texas-Where evreything is big.

هڪ لطيفو مشهور آهي ته هڪ همراهه ڪنهن عورت جي هيڪاندي وڏين ڇاتين ڏي ڏسي ڪانئس پڇيو:

”ڇا تون ٽيڪساز جي رهاڪو ته نه آهين-؟“

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڪساز امريڪا جي سڀ کان وڏي ۽ امير رياست آهي جنهن ۾ سمجهو تہ وڏا وڏا امير، پير، سردار، وڏيرا رهن ٿا. سابق صدر جانسن بہ ٽيڪساز جو رهاڪو آهي. ۽ ٽيڪساز ئي آهي جنهن جي هڪ ٻئي شهر ’ڊالاس‘ ۾ صدر ڪينيڊيءَ جو قتل ٿيو هو. خونريزن ۽ ڌاڙن کان بہ Texas سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. ايتريقدر جو اسان جو هڪ نواب شاهہ جو دوست اتي جي خونريزين جون ڳالهيون ٻڌائي وڏي فخر سان چوندو آهي تہ ’نواب شاهہ از ٽيڪساز آف سنڌ‘.

ٽيڪساز نقشي تي انهيءَ ويڪرائي ڦاڪ تي آهي، جنهن تي ملتان ۽ سنڌ جو مٿيون حصو آهي. ان ڪري هتي جي آبهوا بہ اهڙي آهي، جهڙي اسان وٽ آهي. مينهن تمام گهٽ پوي ۽ سردي پڻ ايتري نہ ٿئي. اسان اونهاري ۾ ويا هئاسين، سو اهي ئي سنڌ واريون جهُڪون، لڪون، لوهون ۽ چٽ! وڏيون وڏيون عمارتون، صاف سترا ۽ ويڪرا رستا، گلڪاريون ۽ وڏا وڏا ڪارخانا، گورا ماڻهو ۽ راڪاسن جهڙا شيدي نہ ڏسون ها، تہ هرگز اعتبار نہ اچي ها، تہ هيءَ ’امريڪا‘ آهي يا ’جيڪب آباد‘“

هتي جا شيدي پڻ گورن وانگر پوءِ آيا. هتي جا اصل رهاڪو جيئن آسٽريليا ۾ Aborginies آهن تيئن هتي جا ريڊ انڊين آهن. جيئن ئي ڪولمبس 1492ع ۾ امريڪا ڳولي لڌو ۽ اها ڄاڻ ڏنائين تہ الهندي پاسي جتي سمنڊ ختم ٿئي ٿو اتي بہ زمين آهي، تہ نہ فقط ڪولمبس جي ملڪ اسپين جا پر ٻين يورپي ملڪن جا ماڻهو پڻ هيڏانهن اچڻ لڳا، ۽ امريڪا ڪنڊ جون پليون زمينون، ٻيلا، ڪاٺيون نديون، جبل ۽ خوبصورت ڪنارا ڏسي ديرو ڄمائيندا ويا ۽ ويا حصا پٽيون ڪندا. اسپين ڏکڻ امريڪا جو ڳچ حصو پنهنجي قبضي

۾ ڪيو. انگريز ڪئناڊا ۽ اتر امريڪا ۾ ڇانئجي ويا. ان کان علاوه پورچوگالن، فرينچن، ڊچن پنهنجا پنهنجا ملڪ ٺاهيا ۽ اتي جا اصلي باشندا Red-Indians انهن کي سندن جاهليت ۽ تورائي ڪري ختم ڪندا ويا يا قبضي ۾ آڻي ڇڏيائون. نتيجي طور اڄڪلهه ورلي ڪٿي نمائش طور ريڊ انڊين نظر اچن ٿا.

○

يورپين کي امريڪا جون زمينون ته ﭙليون لڳيون پر سوال ٿي پيدا ٿيو ته گرمين، مينهن، سردين ۾ ان کي ڪير ڪيڙي، جبلن کي ٽڪي منجهائنس ڌاتو ڪير ڪڍي. اها سورهين صدي ۽ جي ڳالهه آهي. اڄ کان چار ساڍا چار سؤ سال اڳ جي ڳالهه آهي، تڏهن اجان مشينريون ايجاد نه ٿيون هيون. پاڻيءَ جا جهاز هلندا هئا سي به سڙهن ۽ چپن تي. بهرحال ان محنت جي ڪم لاءِ آفريڪا جو شيدي جواب هو. آفريڪا تي ته يورپين جو قبضو ٿي چڪو هو. سو هرهڪ يورپي ملڪ پنهنجي افريڪي بينڪ مان جهازن جا جهاز شيدين سان ڀوئي پورهئي لاءِ امريڪا پهچايا جن مان ڪيترا ته انهن ڏينهن جي ڏکئي سفر ۾ ٻکن، اڃن ۾ مري ويا ٿي.

جيڪي جيڪي آمريڪا پهتا ٿي، تن کي غلامن وانگر زمينن، ٻيلن، جبلن، کاڻين ۾ ڏينهن رات ڪم ڪرڻو پيو ٿي ۽ اڄ جي هيءَ خوبصورت امريڪا هنن شيدين جي ئي محنت آهي. اهوئي سبب آهي جو اهي ڪارا جن کي يورپي گورا غلام ڪري وٺي آيا سي هاڻ هنن لاءِ جنجال ٿي پيا آهن ۽ آزادي جي روپ ۾ حق گهرن ٿا ته هن راڪيٽي دور ۾ جڏهن ته يورپي، آفريڪي ۽ ايشيائي يا ٻيا جيڪي هتي لڏي اچڻ بعد سڀ امريڪي سڏجن ٿا ته ساڻن قانون ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماج جو سلوڪ بہ هڪجهڙو هئڻ کپي.

هونءَ اسان جهڙي نئين آيل Tourist کي امريڪا ۾ اهو عجيب لڳندو تہ رنگ جي بنياد تي انسان کي ٻن طبقن ۾ ورهائي هڪ کي اتاهون ۽ ٻئي کي هيٺاهون قرار ڏنو ويچي. جهاز تي ڪم هلندو هو تہ گورن ۽ ڪارن جون ٽوليون الڳ الڳ ڪم ڪنديون هيون. ڪارن لاءِ هر شيءِ جدا. ڪيترين اسپتالن، آفيسن، ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ ڪارن کي اچڻ نـتو ڏنو ويچي. ساڳي وقت ساڳي پورهئي ۽ ڪم لاءِ ڪاري کي پگهار گوري جي ڀيٽ ۾ گهٽ ڏنو ويچي ٿو ۽ وري ساڳي ڏوهہ لاءِ ڪاري کي گوري کان وڌيڪ سزا ڏني ويچي ٿي. ڪيترن هنڌن تي گهمڻ جون جڳهيون، سمنڊ جا ڪنارا Beaches ۽ ايتريقدر جو عبادت لاءِ چرچ بہ الڳ آهن. جڻ ڪارن ۽ اڇن جو مختلف خدا هجي.

مهڙي وڏي امير ملڪ ۾ جتي دولت ۽ ڪاڌو اڻ ميو آهي، ايتريقدر جو هر سال انيڪ ٽن اناج سمنڊ ۾ لوڙهيو يا ساڙيو ويچي ٿو (جيئن بازار ۾ اگهہ نہ ڪِرن) پر تہ بہ توهان کي هتي ڪيترائي شيدي جن کي هتي نفرت جي زبان ۾Nigger سڏين ٿا. بکيا ۽ اڌ اگهاڙا ملندا ۽ اسان ايشين کي اها سوچ بي چين ڪندي آهي تہ هي وڏا وڏا ملڪ، جيڪي ٻين اسان جهڙن ڏورانهين غريب ملڪن کي امداد ڏين ٿا، پر پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جو ڇو نٿا خيال رکن. آخر اسان ڪهڙا گورا يورپي آهيون. ۽ اهي هٿ ٺوڪيون امدادون ڪهڙي ڪم جون، جيڪي صحيح نموني ضرورتمند تائين نہ پهچن. ۽ انهيءَ امداد سان گڏ گورن صلاحڪارن جو پَيچُ پڻ شامل هوندو آهي. پوءِ اها امداد مثال طور لک جي آهي، تہ انهن گورن جي پگهار

۽ رهائش تي اسان جو خرچ ڏيڍ لک ايندو. ۽ اها امداد ڪڏهن ڪڏهن اسان جهڙن غريب ملڪن لاءِ ”اڇو هاٿي“ ثابت ٿيندي آهي. هونءَ اسان ايشيا جي رهاڪن کي پنهجي پيرن تي بيهڻ سکڻ کپي. آخرڪار چين جهڙا ملڪ به ته بنا ٻي ملڪ جي مدد جي ترقي ڪري رهيا آهن.

O

ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته امريڪا ۾ ڪارن سان مختلف برتاءُ ڪيو ويجي ٿو ۽ کي ڪي سهوليتون هنن کي موجود نه آهن پر ان هوندي به امريڪا ايترو ته سڌريل ۽ ترقي يافته ملڪ آهي، جنهن جو مثال ڏيئي سگهجي ٿو، پر جيترو چئجي اوترو هتي شيدين ترقي نه ڪئي آهي. تمام گهٽ سنجيده ۽ اعليٰ نوڪرين، سياست، تعليم ۽ واپار ۾ آهن نه ته شايد هنن جي فطرت ۾ ئي مستي پريل آهي جو هو هر نچڻ ٽپڻ، ڳائڻ وڄائڻ ۽ راندين جهڙن ڪمن ۾ فقط اڳيان اڳيان آهن.

شيدي مرد توڙي عورتون رستي تان هلنديون ته به سندن چال ۾ نچڪو ضرور هوندو. ڳالهه ڳالهه تي دانهون، ڪوڪراٽ يا گاريون ڏيندا ۽ جيڪي شيدي شهر کان پري Slum- areas ۾ رهن ٿا اتي ته ڏاڍي گندگي ۽ گدلائي نظر اچي ٿي. شام جي وقت بندرگاهه کان ٻاهر نڪرڻ تي ڪيترا شيدي پيرين اگهاڙا وچ رستي تان ڪائيندا نظر ايندا، پنيان پيلي ڪو شريف ڪار وارو هارن ڏيندو رهي. خالي دٻا بيئر يا ڪوڪا ڪولا جا، يا ڪلون جتي ايندن اڇليندا ويندا. ڪپڙا به عجيب رنگن ۽ نمونن جا پائيندا، جيتوڻيڪ سندن Counter Part جيڪي آفريڪا کان هينئر هتي نوڪري يا

پڙھڻ لاءِ شيدي آيل آھن تن جي حالت تمام سڌريل آھي. پر امريڪا جا ھي ڏاڏا نرالا آھن ۽ توري گھٽي ڳالھہ تي جھيڙو فساد بہ عام اٿن. ڪيترين ان بابت ڳالھيون ٻڌيون.

اسان کي ھيوسٽن ۾ پھچڻ سان پنھنجي آفيس طرفان چيو ويو تہ رات جي وقت ڪو شيدي نشي جي حالت ۾ پئسا گھري تہ مقابلو نہ ڪجي. نيويارڪ ۾ شالامار دڪان جي مسز پروين شاھہ ٻڌايو تہ ڪين اھو چيو ويو آھي تہ ڪو شيدي ڪا شيءِ ڪٿي پئسا نہ ڏئي تہ ضد نہ ڪجيس. پاڻ ٻڌائين تہ ھڪ ڏينھن پاڻ دڪان تي اڪيلي ھئي، ٻہ آفتن جھڙا ڊگھا شيدي سونو ڪنگڻ شو ڪيس مان ڪڍرائي ڏسڻ لڳا.

"ھونءَ اسان اھڙيون قيمتي شيون اڳيان ڪري نہ رکندا آھيون،" پاڻ ٻڌائين، "پر ان ڏينھن توري دير اڳ ڪولمبيا يونيورسٽي جي ڇوڪريءَ ڏسڻ لاءِ گھريو تنھن کي ڏيکاري اتي ئي رکي ڇڏيم. ۽ ھاڻ ھنن شيدين جي خوفناڪ نموني مان ئي سمجھي ويس تہ پئسا تہ ڪونہ ملندا، ھاڻ رڳو اھو ھڪڙو ڪنگڻ ڪٽي وڃن. اڃا اھو سوچيم پئي تہ ھنن مان ھڪ دانھن ڪري ٻئي ڪنگڻ لاءِ پڇيو، جو پڻ اتي ئي پيو ھو ۽ مجبوراً ڏيڻو پيو. ۽ مون پئي سوچيو تہ ھاڻ پڪ ٽيليفون ڪٽي ڇڏيندا يا ائين ئي گولي ٽا ٽين. اتي ٻئي ھمراھہ ڪنگڻ جي قيمت پڇي. مون اڳھہ ٻڌايومان تہ ھڪ سؤ نوي (190) ڊالر آھي. ھن مون ڏي خارن مان ڏسي، ڪنگڻ پنھنجي ڪوٽ جي اندرين کيسي ۾ وڌا ۽ پوءِ سوٽ جي پوئين کيسي مان سؤ سؤ ڊالرن جا ٻہ نوٽ اڳيان رکي 'ٿئنڪ يو' چئي ھليا ويا. منھنجو گلو ايترو خشڪ ٿي چڪو ھو جو ڪين باقي

بچيل ڏھ ڊالر ڪٽي وڃڻ لاءِ بہ چئي نہ سگھيس.“

هڪ ٻيو دلچسپ واقعو هڪ ٻئي دڪاندار دوست ٻڌايو. سندس دڪان ۾ بہ ڪارا شيدي چڙهيا ۽ شيون ڏسندي ئي ڏسندي پيالي ۾ رکيل ٽي چار پٽرن جون منڊيون هڪ ڇٽو ڪٽي وٺي ڀڳو. ”مون وٺي گوڙ ڪيو تہ جھليوس. پر بيٺلن مان ڪنهن بہ نہ جھليو ۽ پوءِ ٻيو بہ ان پٺيان وٺي ڀڳو. تيسين مون پوليس کي فون ڪيو. فون ڪري بس ڪيم تہ سندس ٻيو ساٿي سھڪندو واپس آيو. اچڻ سان مون کي تو چوي: Give Me Five Dollars ” ڀڇيومانس چو خير تہ آهي؟ چوڻ لڳو: ’هن چور کي جھلڻ لاءِ پڳس، سو ان جو اجورو تہ ڏي‘. مون چيومانس: ”چور تہ نہ جھليو.“

وراڻيائين: ”گھٽ ۾ گھٽ مون Try تہ ڪئي.“ بس سائين مٿو ئي ڪائي ويو. دڪان جي شيءِ بہ ويئي، چور بہ نہ جھليو ۽ ويتر هن کي، جو چور جو ساٿي هو، پنج ڊالر انعام بہ ڏيو. چڱو جو ايتري ۾ پوليس اچي ويئي ۽ انعام وٺڻ واري کي تہ ڪنيي وئي.“

O

هيوسٽن ۾ اسان جو جهاز ولائتي ياڻ (Fertilizer) کڻڻ آيو هو. اسان يڪا پندرهن ڏينهن کن اتي هئاسين، تيسين سامان جهاز تي چڙهندو رهيو. هيوسٽن جي بندرگاهہ ۾ گھڙڻ لاءِ پنجاهہ ميل کن سمنڊ کان اندر نديءَ ذي اچڻو پوي ٿو. نديءَ جي ٻنهي ڪپرن تي سوين فئڪٽريون ۽ گدام امريڪا جي بي انتها دولت جو ڏيک ڏين ٿا. هتي گھڻو ڪري هر ڪم آٽوميٽڪ مشينري سان ٿئي ٿو. اسان جو جهاز بلڪل ياڻ جي فئڪٽري جي پرسان اچي بيٺو هو. اتي ياڻ مشينري ذريعي پاڻهي ڳوٽين ۾ بند ٿي، پٽڪ تيڻ کان پوءِ پٽن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذريعي اهي ڳوٺيون ڪچي ٻاهر آيون ٿي. پوءِ ڪرينن ذريعي مٿي ڪچي جهاز ۾ اندر رکيون ويون ٿي.

نہ فقط اهو، پر ٻيون بہ ڪيتريون ئي شيون هتي آٽوميٽڪ آهن. هتي هر وقت پاڻ سان ريزو رکڻ ضروري آهي جو هر هنڌ ٽڪيٽ وٺڻ يا مشين ۾ سڪو وجهڻ سان پاڻهي ڪم ٿيو وڃي. ڪار ڌوئڻي آهي تہ بہ سڪو مشين ۾ وجهي ڪار جا رکو شيشا چاڙهي ڇڏجن. نلڪي مان پهرين صابڻ جي گجي نڪرندي، پوءِ ڌهن منٽن ڪن لاءِ پاڻيءَ جي تکي پچڪاري جنهن سان ڪار جي سروس ٿيو وڃي.

ڪپڙن ڌوئڻ جي دڪانن تي بہ فقط Washing Machines رکيون آهن دڪاندار نهي ڪونہ. ڪپڙا وجهي مشين ۾ اوترا پئسا وجهو، پاڻهي منٽن ۾ ڪپڙا ڌوپجي، نپوڙجي، صاف ٿي سڪل حالت ۾ ٻاهر نڪري ايندا.

جڳهہ جڳهہ تي مختلف شين جا ڪبٽ رستن جي پرسان آهن، جن جي ٻاهران انهن شين جون تصويرون ٺهيل آهن. مثال طور سگريٽ جو پاڪيٽ کپي تہ سگريٽن واري باڪس جي سِير ۾ سڪو وجهي ان خاص سگريٽ جي برانڊ جو بٽڻ دٻائڻ سان اهو پاڪيٽ هيٺ ڪبٽ جي ڪيسي ۾ اچي ڪرندو. ساڳي طرح ڪولڊ-ڊرنڪس Cold-Drinks جا ڪبٽ، مختلف ڪيرن جا ڪبٽ؛ ٿڌو کير، گرم کير، چاڪليٽ وارو، پستن وارو وغيره. کيرن ۾ ٿڌن مشروبات ۾ امريڪا جو انگلنڊ ۾ يورپ بہ مقابلو نہ ڪري سگهندو. نہ فقط کير پر مختلف ڪاڌا پڻ. ٿڌو گوشت، گرم فراءِ ٿيل گوشت، ڀاڄي وغيره وغيره، ايئر ٽائيٽ لفافن ۾ هيٺ اچي ڪِرندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

شام جي وقت پوسٽ آفيس بند هوندي هئي تہ سکو باڪس ۾ وجهي ان سکي جون تڪليون ڪڍندا هئاسين. سڀ ڪان وڌيڪ مزو اسان کي ڪير ڏيندو هو. روز رات جو سمهڻ کان اڳ اسان جونير (انجنير ۽ ڊيڪ آفيسر) بچيل سڪا کڻي جهاز تان هيٺ لهندا هئاسين. بلڪل سامهون ڪير جي مشين لڳل هئي ۽ هرڪو پنهنجي پسند جو ڪير ڪڍي پيئندو هو. منهنجي پر واري ڪئبن ۾ ڪئڊٽ غضنفر خان رهندو هو. ڪنهن رات ڪير پيئڻ جي ڳالهہ وسري ويندي هئي، تہ ننڊ مان اٿاري بہ وٺي هلندو هو تہ ڪير جو وقت ٿي ويو آهي. چوندو هو تہ هڪ ڏينهن جڏهن جهاز جو ڪئپٽن ٿيندس تہ جهاز تي خلاصين لاءِ اها مشين هٽائيندس ۽ پيو ڪوبہ شير شاهہ سوريءَ وارو سڌارو نہ ڪندس.

”۽ تيسين آئون چيف انجنير ٿي تنهنجي ان مشين جا جونيئر انجنيرن هٿان ارزا پرزا ڍلا ڪرائيندس.“ مان کيس تنگ ڪندو هوس ۽ هو معصوم شڪل ٺاهي ڪير جو آخري ڍُڪ ڀي پنهنجي سڪل سيني تي هٿ ڦيريندو هو. هيوسٽن ڇڏڻ کان هڪ رات اڳ ڪير پيئندي ڪئڊٽ غضنفر منهن ٺاهي چيو:

”يار، سياڻ کان مونکي تہ ننڊ نہ ايندي.“

”چو-؟“

”ڇو جو هاڻ بنا چاڪليٽ-مِلڪ جي کهڙيون ننڊون. عادت، جا چاڪليٽ واري ڪير جي ٿي ويئي آهي.“

عادت تان هڪ ڳالهہ ياد آئي تہ موڪلن ۾ ڪراچي جي مينارام هاسٽل ۾ زين پناڻ جي ڪمري ۾ عالم شيخ ۽ آءُ ڪجهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن لاءِ اچي رهياسين. ميٽارام هاسٽل جيڪا ڪاٺ جي ٺهيل آهي (هاڻ ته دوربين سان يا چٽائي ڏسبو ته ڪاٺ ته نظر نه ايندو پر اڏوهي ۽ سندس بيشمار بيضا نظر ايندا) ان جي ڪمرن جون پٽيون (جيڪي هوٽل جي پٽين وانگر سمهڻ وقت سنهيون ٿي وينديون آهن، ۽ پر واري ڪمري ۾ ٿيندڙ هر قسم جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو ۽ سمهڻ نه ڏيندو. پر ساڳي وقت جڏهن معلوم ڪرڻ وقت پٽ تي ڪن رکبو ته پر واري ڪمري ۾ ڪهڙيون ڳالهيون پيون ٿين ته اهي پٽيون ٿلهيون ٿي وينديون آهن ۽ ڪجهه به سمجهه ۾ نه ايندو). سو سائين، زين جي پر واري روم ۾ هڪ اردن جو عرب سڳورو رهندو هو، جنهن کي ريڊيو ٻڌڻ جي پٽَ هئي. اسان يارهين لڳي ڌاري سمهڻ جي ڪندا هئاسين ۽ هن جون ان وقت عربي اسٽيشنون شروع ٿينديون هيون، ۽ هي شخص ريڊيو جو سڄو آواز رکي روز رات جو چئين تائين، نه فقط عربي ڳانا ۽ خبرون ٻڌندو هو، پر 'اڄ جا اڳهه' 'موسم جو حال'، ويندي 'ڇوڪرو گم ٿي ويو آهي ڪيس ڪجهه نه چيو ويندو'، تائين لڳاتار بنا ساهيءَ جي ٻڌندو هو. ٻهريون ٻه چار راتيون اسان ڪيس جهازي سائيز ڳاريون ڏنيون پر هن عرب آڻ نه مڃي ۽ آهستي آواز نه رکيو. آخر اسان به ٺهي وياسين ۽ وقت تي ننڊ اچي ويندي هئي. مهني کن ڪانپوءِ هاسٽل ڇڏي هڪ ٻئي دوست جي گهر وڃي رهياسين، جتي پاڙي ۾ ڪو عرب نه رهندو هو. رات جو ٽين لڳي ڌاري اک کلي ته ڏسان ته عالم اجان پاسا پيو ورائي. پڇيومانس: "ڇو اجان ننڊ نٿي اچئي ڇا-؟" چوڻ لڳو: "يار هاڻ ته عربي ڳانن بنا ننڊ نه ايندي."

سو عادت جي ڇا ڳالهه ڪجي، پوءِ ڪٿي عربي ڳانن ٻڌڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي يا Choclet-Milk پيئڻ جي.

O

سڀ کان مزيدار ڳالهه انهن آٽوميٽڪ ڪيٽن جي اها ته، جيڪڏهن اهو مقرر سِڪو نه هجي ته وڏو به وجهي سگهجي ٿو. پهريون دفعو منهنجو اتفاق ڪوڪا ڪولا وٺڻ جو ٿيو. ڪوڪا ڪولا جي قيمت جو سڪو (پندرهن سينٽ) نه هئا سو ڊڄندي ڊڄندي آسرو لاهي اڌ ڊالر (پنجاهه سينٽ) جو سڪو ان ۾ وڌم، ته ڏڙام سان پهرين بچيل پئسا پنجٽيهه سينٽ اچي ٻاهر ڪريا، ان کان پوءِ ڪوڪا ڪولا جو ڏبو.

امريڪا ۾ جيترو ڪوڪا ڪولا ۽ ان قسم جا اوٽ پٽانگ شربت هلن ٿا، اوترو شايد پاڻي به نٿو پيتو وڃي. ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو آهي به ڪونه. گس پنڌ، هلندي چلندي، ڪٿي به اڃ لڳي ته پاڻي ڪٿان ملي. هتي اسان جي ملڪ وانگر جتي ڪٿي سَبيل جا مَٽ يا رحمدل هوٽل وارا ته نه آهن، جو پاڻي پيارين. ۽ نه فرصت آهي ڪنهن کي. هتي هر شيءِ لاءِ پئسي جي ضرورت آهي پوءِ چاهي پيئڻ لاءِ پاڻي حاصل ڪرڻو هجي يا انساني همدردي.

هونءَ هڪ ٻي به ڳالهه آهي ته گلاس پاڻيءَ لاءِ، جو ڪٿي مفت جو هجي، پر ٻئري کي ويهه سينٽ کن ٽِپ ڏجي ۽ وقت الڳ سيڙائجي، ان کان ته بهتر اهو آهي ته پندرهن سينٽن ۾ ڪوڪا ڪولا جو بند ٽيل ڏبو ڪنهن مشين مان ڪڍي پيئجي، جي مشينون پبلڪ ٽيليفونن جي بُوٿن وانگيان رستن تي جتي ڪٿي نظر اينديون.

سڀ کان وڌيڪ مزيدار امريڪا جون اخبارون آهن. هتي اشتهار بازي ڏاڍي هلي ٿي. ان ڪري اهي فقط اشتهارن سان پريل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. هڪ هڪ اخبار پنجويهہ ٽيهہ صفحن جي. آچر جي اخبار جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي. ڪڏهن ڪڏهن سؤ صفحن کان بہ مٿي ٽپي ويندي آهي. پر رڳو اشتهار ئي اشتهار. اڌائي سيرن جي اخبار ۾ وڏي ڇيهہ سان ڪو ڏيڍ تولو ڪن خبرن جو ملندو.

O

امريڪا جي ٻين شهرن وانگر هيوسٽن ۾ بہ ڊپارٽمينٽل اسٽور (Departmental Stores) جتي ڪٿي نظر اچن ٿا. جن ۾ اڪثر هر قسم جي شيءِ سَئي سڳي کان ٽي-وي، ريڊيو، هنڌ بستري ۽ بورچيخاني جي سامان تائين، ملي ٿي. امريڪا ۾ جيڪڏهن ڪا سستي شيءِ آهي، تہ موٽر ڪارون، بجلي جو سامان، ايئرڪنڊيشنر وغيره يا مشينري جو سامان ۽ سينگار جو سامان، نہ تہ ٻي هر شيءِ اسان جي سڪي جي مقابلي ۾ مهانگي آهي. خاص ڪري اها شيءِ مهانگي آهي جنهن ۾ هٿ جو ڪم ٿيل آهي.

هر دڪان ۾ هر شيءِ جي قيمت ان سان گڏ لکيل رهي ٿي، پوءِ ساڳي شيءِ جي قيمت ٻين دڪانن تي ڪٿي گهٽ وڌ هجي، پر جنهن دڪان تي جا مقرر آهي، ان تي ئي ملي ٿي. ان ڪري اگهن تي گهٽي ريڙه پيڙه نٿي ڪرڻي پوي، جيئن ايشيا ۽ افريڪا جي ملڪن ۾ عام آهي. هر شيءِ دڪان تي اهڙي نموني سان سينگاري رکي وڃي ٿي جو ڏسڻ واري کي ان لاءِ ڪشش ۽ موهہ پيدا ٿئي ٿو. چند سينٽن جي شيءِ بہ رنگين پنين ۽ گلن ڦلن جي وچ ۾ ائين رکي هوندي جڻ ڪا وڏي ڳالهہ هجي.

اسان جي جهاز جو يڪو ٽولو هر دڪان تي گڏ چڙهندو آهي ۽ خريداري کان وڌيڪ ونڊو-شاپنگ ٿيندي آهي ۽ جهڙو هٿين خالي

چڙهندا آهيون تهڙو لهندا آهيون، سيني کي اها شڪايت رهندي آهي تہ امريڪا ۾ مهنگائي آهي. هانگ ڪانگ يا سينگاپور ۾ تہ ساڳي شيءِ هيتري ٿي ملي. هونءَ سنگاپور، هانگ ڪانگ، دبئي، عدن جهڙن ڊيوٽي فري بندرگاهن جي بازارن جي کهڙي ڳالهہ ڪجي جتي خاص ڪري عورتن جون تہ اکيون ۽ پرس کلئي جا کليا رهجي ويندا آهن ۽ دل دماغ ۽ هوش حواس، ڪجهہ بہ ٺڪاڻي نہ هوندا آهن. پر امريڪا جي ٻي ڳالهہ آهي.

اسان بہ ڊپارٽيمينٽل اسٽور ۾ گهٽو ڦرياسين تڏهن اسان جي هڪ انجنير کي خيال آيو تہ هتان خالي هن اسٽور مان نہ نڪرجي. ڪجهہ تہ ونجي. آخري ڪپڙي واري سيڪشن ۾ هڪ ننڍڙي ٻار جو چيني مٽيءَ جو ٺهيل ماڊل پسند اچي ويو جو هڪ ڳاڙهي رنگ جي جهالر واري ڪڇي ۾ هڪ ٻانهن ڊگهي ڪري بيٺو هو. قيمت جي چٽڪي سندس آڱر ۾ لڙڪي رهي هئي، جنهن تي ڏهہ ٻارهن رپين ڪن جيترو امريڪي سڪو لکيل هو. قيمت بلڪل معمولي هئي ۽ اهو گڏو جهاز تائين کڻي هلڻ بہ سولي ڳالهہ هئي. جڏهن دڪاندار کان قيمت جي پڪ ڪئي وئي تہ هن ٺيٺ ميڪسيڪن لهجي واري انگريزيءَ ۾ ٻڌايو: ”جي ها، هن واش اينڊ ويئر ڪڇي جي قيمت اها ئي آهي. توهان کي ٻين رنگن ۾ بہ ملي ويندا.“ ”۽ هي گڏو-؟“ اسان پڇيس.

”اهو تہ هن دڪان جي پراپرٽي آهي ۽ هڪ سؤ ڊالرن کان بہ مٿي جو هوندو.“ اسان ڏاڍو شڪي ٿياسين. ساڳي وقت افسوس بہ ٿيو تہ مس مس تہ اسان شاپنگ لاءِ دل ٻڌي هئي.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن. فقط وڏين بيمارين ۾ يا امير ماڻهو ڊاڪٽر وٽ وڃن. اها ۽ي ڳالهہ آهي تہ هتي جو هر ٻيو ماڻهو انشوئر ٿيل آهي يا امير آهي جنهن ڪي انهن بلن جي پرواهہ ناهي ۽ هتي جي نازڪ مزاج امريڪن لاءِ ۽ ڏينهن تڏ هلڻ بہ وڏي ڳالهہ آهي. ۽ بقول لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽر نسرين قاضيءَ جي، موت کان ڏاڍو ٿا ڪنبن. اسپرو ڪٽي ڇئين آني جي هجي پر ان کي کائڻ جي ڀيڪ ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽرن کي چار سؤ رپيا بہ ڏيڻ لاءِ تيار هوندا.

هوشيار ۽ غريب امريڪن فئمليون دوا درمل ۽ ڳرين فين کان بچڻ ۽ ڊکهي علاج لاءِ، انگلنڊ هليون وينديون آهن، جتي وري هرهڪ جي دوا ذري گهٽ مفت ٿئي. ۽ امريڪن لاءِ گهمڻ جو گهمڻ، دوا جي دوا. خاص ڪري ويمر لاءِ جيئن زال مٿين مهينن کي پهچندي تہ همراهہ (زال مڙس) Holidays ملهائڻ جي بهاني انگلنڊ جو رخ رکندا.

اسان جو جهاز جنهن ڏينهن هيوسٽن پهتو، تنهن کان ٻہ ڏينهن اڳ مونکي سخت زڪام ۽ بخار ٿيو. هيوسٽن پهچڻ سان انشورنس ڪمپني طرفان ڊاڪٽر کي گهرايو ويو. جنهن تپاس ڪري فلو قرار ڏنو ۽ ان جي دوا ڏيئي ويو. بل فقط اچي ڏسڻ جو پنجاهہ ڊالر (پنج سؤ رپيا ڪن) ۽ دوائن جو بل الڳ. چڱو جو اها مصيبت منهنجي انشورنس ڪمپنيءَ جي ڳچيءَ ۾ پيئي نہ تہ مون غريب جي سڄي سفر جو مليل غير ملڪي ناڻو دوائن ۽ ڦيٽن ڦڪين پنيان وڃي ها.

○

امريڪا ۾ ڪپڙن جو هر موسم ۾ مسئلو رهي ٿو. سياري جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپڙا هتي جي Overheated گهرن، آفيسن ۽ دڪانن لاءِ تمام گرم لڳن ٿا ۽ اونهاريءَ ۾ ڪاٽن جي ڪپڙن ۾ هتي جي Airconditioned گهرن ۾ ٿڌ لڳي ٿي. عورتن جي لباس جي ته اڄڪلهہ ڳالهہ ئي نرالي آهي. اسان جي مشرق جا عورت کي وڏي برقعي يا چادر ۾ ڍڪڻ جا قائل، تن کي ته هتي جي عورتن جي چال ڍال ۽ لباس ڏسي ائين لڳندو ڄڻ بي حيائي ۽ بيهودگيءَ جا جنازا اصل ڪفن ڦاڙي، قبرون چيري، وچ رستي تي ڪئبري ڊانس جو آخري منظر پيش ڪري رهيا آهن. عورت جو فئشن مطابق چولي جو مٿيون حصو هيٺ ڍرڪندو اچي ۽ هيٺيون اسڪرٽ مٿي سسندو وڃي. اڄڪلهہ ته مائڪرو مني اسڪرٽ (Micro-Mini-Skirt) جي لهر پٽي هلي جنهن اسڪرٽ کي ته ڪجهہ ئي سمجهڻ کپي ۽ هو مثال ياد ٿو اچي ته هڪ ماڻهوءَ پٽي کي چيو:

”خبر اٿئي اڄ ڪلهہ منهنجي زال ايتري ته بچت ڪري رهي آهي جو پنهنجي پراڻي ڪچي مان مونکي ٽاءِ ٺاهي ڏني ٿي.“

”بس نہ،“ پٽي ورائيس، ”اهو ته ڪجهہ به نہ آهي. منهنجي زال ته منهنجي پراڻي ٽاءِ مان پنهنجي لاءِ ڪچو ٺاهيندي آهي.“

سو هي مني مائڪرو اسڪرٽ به تاين مان ٺهيل ٿا ڏسجن. اڄ ڪلهہ ته ڪن نوجوانن جي لهر ايري آهي جن جو نعرو ئي آهي ته مني اسڪرٽن جو ساٿ ڏيو ۽ امريڪا کي خوبصورت بڻايو.

(Support Mini Skirts And Make America Beautiful)

ڄڻ ڪنهن ملڪ کي خوبصور بنائڻ جو فقط اهوئي طريقو وڃي بچيو آهي. ان ليکي سان، پوءِ ته اڄ کان هزارين سال اڳ هيءَ دنيا خوبصورت هئي. يا اڄ به افريڪا جي گهاٽن جهنگلن ۾ رهندڙ

وحشي شيدين جا علائقا خوبصورت آهن، جتي عورتون مني اسڪرٽن يا ڪچن جي قيد کان بہ آزاد آهن.

O

هتي هيوسٽن شهر ۾ ڪيترين ئي ڏسڻ جون جڳهيون آهن. سڀ کان مشهور هتي جو ائسٽروڊوم (Astrodome) نالي راندين جو اسٽيڊيم آهي. دنيا ۾ هن قسم جو اهو واحد اسٽيڊيم آهي، جنهن کي انون عجوبو پڻ سڏيو ويجي ٿو. هن اسٽيڊيم جي اها خاص ڳالهہ آهي، جو سڄو ڍڪيل آهي. چاهي ٻاهر گرمي هجي يا سخت سردي، ڏينهن هجي يا رات، پر رانديون ۽ تماشا ٿيندا رهن ٿا. اهو ايڏو وڏو آهي جو بہ سؤ چاليهہ ايڪڙن ۾ اچي ويجي ٿو. سندس قبي نما ڇت اوچائيءَ ۾ ارڙهن ماڙ کان بہ مٿي آهي. اندر ڪرسيون اهڙي نموني رکيل آهن، جو هر راند مطابق ويجهيون يا پري ڪري سگهجن ٿيون. اها ڪرسين جي ردوبدل ۽ سناءَ منٽن ۾ آٽوميٽڪ طريقي سان ٿئي ٿو. هڪ ئي وقت بيس-بال Base-ball راند ڏسڻ لاءِ چائيتاليهہ هزار ڪرسيون لڳي سگهن ٿيون ۽ باڪسنگ لاءِ چاهٺ هزار. هي آفت نما اسٽيڊيم پري کان ئي نظر اچي ٿو. فقط پارڪنگ جي جڳهہ ئي ايتري آهي، جو هڪ ئي وقت ٽيهہ هزار موٽر ڪارون بيهي سگهن ٿيون.

ان کان سواءِ ڪراچي جي ’جبيس پلي لئنڊ‘ ۽ ’ڊاجر پارڪ‘ وانگر هتي ’ائسٽرو ورلڊ‘ Astro world آهي جو اسان جي وڃڻ کان فقط هڪ سال اڳ شروع ٿيو هو. ان ۾ هر قسم جي وندر ۽ چوڏول گاڏيون ڦرنديون نظر اچن ٿيون. هي پارڪ ايڏو تہ وڏو آهي، جو هڪ کان ٻئي هنڌ تائين تماشبين کي پهچائڻ ۽ گهمائڻ

لاءِ پراڻي ۽ نئين قسم جون ريل گاڏيون ۽ ٽراموں ٽڪيٽ تي هلن ٿيون. اندر پارڪ ۾ جڳهه جڳهه ايئرڪنڊيشنڊ هوٽلون ۽ ٻارن جي راندين جا بندوبست آهن. ان ۾ اندر وڃڻ جي فقط ٽڪيٽ ساڍا چار ڊالر آهي.

O

هيوسٽن (U.S.A.) جو موبائيل ٽائون پڻ مشهور آهي، جتي سڀ گهر هلندڙ چلندڙ آهن. سڀ گهر ريل جي وڏن گاڏن وانگر آهن، جن هيٺيان ڦيٿا آهن ۽ 'موبائل هائوس' سڏجن ٿا. انهن ۾ رهائش جي هر قسم جو بندوبست آهي. ڪمرا، بورچيخانا، باٿ روم وغيره. انهن گهرن جو اهو فائدو آهي، ته جڏهن به ٻاڙي وارن جي ڪِٽ ڦِٽ ٿئي ته فون تي ٽرالر گهرائي پنهنجو گهر هڪ هنڌان ڇڪرائي ٻئي هنڌ لڳرائي سگهجي ٿو، جنهن لاءِ معمولي في ۽ ٽئڪس رکيل آهي. هي گهر به ٻين وانگر ايئرڪنڊيشن ۽ خوبصورت آهن.

هيوسٽن شهر ۽ سڄي رياست Texas جيئن ته بلڪل ڏکڻ ۾ آهي ۽ ميڪسيڪو ملڪ جي پرسان آهي، ان ڪري هتي ڪيترا علائقا اهڙا آهن، جن ۾ فقط ميڪسيڪن (Spanish) ڳالهائي وڃي ٿي ۽ انگريزي هڪ لفظ به نٿي سمجهي وڃي. هڪ دفعي اسان گهمندي ڦرندي اهڙي علائقي ۾ وڃي نڪتاسين، جو جيتوڻيڪ بندرگاهه کي بلڪل ويجهو هو پر ڪنهن کي به انگريزي سمجهه ۾ نه پئي آئي. ڏاڍو عجب لڳوسين، ته هيترا سال گذري ويا آهن ۽ هيڏي وڏي ملڪ ۾ رهڻ کان پوءِ به ڪين انگريزي سکڻ جي ضرورت محسوس نه ٿي آهي ۽ پنهنجي زبان ۾ ئي ڳالهائيندا رهن

تا. نہ فقط زبان پر گهر ۾ دڪان بہ مختلف نظر آيا. هن علائقي جي دڪانن تي ڳاڙها مرچ، هيڊ، گرم مصالحو ۾ آچار وڪامندو ڏسي حيرت لڳي، پر پوء معلوم ٿيو تہ وچ امريڪا جي ٻين ملڪن؛ ميڪسيڪو، گئاٽي مالا، نڪاراگئا ۾ هانڊرس ۾ بہ اهي شيون هلن ٿيون، جو انهن جي آب و هوا بہ ذري گهٽ اسان جهڙي آهي ۽ مزاج پڻ.

هيوسٽن شهر ۾ سڀ کان وڏي عمارت چوئيتاليهہ ماڙ "همبل بلڊنگ" (Humble buiding) آهي جنهن ۾ مختلف آفيسون آهن جن ۾ اٽڪل ٽيهہ هزار ماڻهو ڪم ڪن ٿا. مٿينءَ ماڙ تي رصدگاهہ Observatory آهي. جتان سڄي شهر جو نظارو ڪري سگهجي ٿو. آءُ رات جي وقت، اها عمارت ڏسڻ ويو هوس. رات جي وقت، شهر جون بتيون هيٺ ائين چمڪنديون نظر آيون ٿي، ڄڻ هڪ تارن سان ڀريل آسمان هيٺ بہ وڇايو پيو هجي.

هتي امريڪا جي ماڻهن جي زبان تہ انگريزي آهي، پر انگلنڊ واري انگريزيءَ کان ڪجهہ نرالي آهي. خاص ڪري لهجي ۾ امريڪي ڏاڍو جهيل سان ۽ نڪان ڳالهائين ٿا. ايتريقدر جو پهريان ڏينهن تہ ڪو تڪڙو ڳالهائيندو هو تہ هن فقير پر تقصير کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي. پر پوء تہ مون کي بہ وات چٻو ڪري ڳالهائڻو پيو. چوندا آهن تہ هڪ ٽنگي جي ملڪ ۾ وڃجي تہ ٻي ٽنگ ورائي ڪلهي تي رکجي سو ڪجهہ اهڙو حساب ٿي پيو. پاڻ وٽ پاڪستان ۾ يا ايشيا جي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ جيڪڏهن ڪو ائين جهيل سان نڪان ڳالهائي تہ ماڻهو مٿس کلن ۽ چون؛ "ڏسو ميان، انگريز ٿيو آهي يا شو پيو هٽي." ان کان علاوه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيا ڪيترا لفظ آهن جيڪي اسان وٽ يا انگلنڊ ۾ مختلف آهن. مثال طور امريڪي فلئٽ کي اپارٽمنٽ سڏين. هوٽل ۾ بڻري کي ’بل‘ آئڻ بدران ’چيڪ‘ آڻڻ لاءِ چون. پيٽرول کي Gas سڏين وغيره.

O

هڪ لڳا رات جو همبل بلڊنگ (چوئيتاليهه ماڙ) ڏسي واپس پئي آيس. هيٺ مين روڊ ڪان ڪجهه پرتي، هڪ مشهور رستو آهي، جتي ڏينهن رات هپي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون مستن وانگر پلٽي ماريو ويٺا هوندا آهن. سيني دوستن جو اهو پروگرام هو، ته رات جو يارهين بجي اتي ملنداسين ۽ هپين کي ڏسي هڪ ٽي ٽئڪسي ۾ واپس جهاز تي اينداسين. جيئن يارهن وڄڻ تي ٿيا ته همبل بلڊنگ جي رصدگاهه تان آءُ هيٺ لهڻ لاءِ لفٽ ۾ آيس. لفٽ خالي بيٺي هئي. لفٽ ۾ ڪير ڪونه هو. بٽڻ کي گرائونڊ فلور لاءِ دٻايم. لفٽ تي ماڙيون ڪن هيٺ ڊرڪي چاليهين ۽ ايڪيتاليهين ماڙ جي وچ ۾ خراب ٿي پئي. آءُ چڻ آسمان ۽ ڌرتيءَ جي وچ ۾ ٽنگجي ويس. چڻ ڪنهن نامعلوم قدرتي طاقت بريڪ هڻي ڇڏيس. لفٽ جو پنکو ۽ بتيون به لفٽ سان بند ٿي ويون ۽ آءُ قبر جي اڪيلائي ۽ عذاب جو سوچڻ لڳس. هڪ جلدي، پي اڪيلائي ٿيون ٿَڪَ، غريب جو پار سوکهو ٿي ويو. ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي. سرڪس جي شينهن وانگر پڃري ۾ چڪر هڻڻ لڳس. سخت منجهي پيس. اونداهه ۾ نظر ڪونه پئي آيو، ته امرجنسي بٽڻ ڪٿي آهي. وس آهر ڪهٽيئي واهون ڪير پر ڪو ڪڙ تيل نه نڪتو. آخر قدرت مهربان ٿي، ڪا نيڪ گهڙي ڪم آئي، ڪنهن جون دعائون لڳيون ۽ امرجنسي بٽڻ هٿ اچي ويو. دٻايم ته بَررررم! مائيڪ تي

آپريٽر جو آواز آيو: ”ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو“ علاوالدين جي جن وانگر هن پڇيو.

”آءُ هتي لفٽ ۾ ڦاسي پيو آهيان.“ مون عجيب گهٻراهٽ جي عالم ۾ پنهنجي سنڌي ڳاڏڙ لهجي ۾ هڪ ئي ساهه ۾ چيو. ”ڇا سائين، توهان ڇا ۾ ڦاسي پيا آهيو-؟“ آپريٽر پڇيو.

”اوهه، هن لفٽ ۾ هن ڪمبخت لفٽ ۾!“ مون زور زور سان رڙيون ڪري چيو. مون کان هاڻ هڪ لمحو به وڌيڪ برداشت ٿي نٿي سگهيو. پوسٽ ۽ مونجهاري ڪان سڄو پگهر ۾ شل ٿي ويو هوس. ڄڻ ڪنهن ٻلي ءَ کي ڪٽي ڳوڻ ۾ بند ڪيو هجي.

”ڇا سائين ڇا؟ آئون توهان جي ڳالهه نه سمجهي سگهيو آهيان.“ آپريٽر وري مزي سان وراڻيو ۽ منهنجي حالت ويتر خراب ٿي ويئي.

”منهنجا ياءَ هن لفٽ ۾ جتان ڳالهائي رهيو آهيان. هن خنزير لف... لف... او... ايليويٽر ۾.“ مون ڏڏو ساهه کڻندي چيو. مونکي اوچتو ياد اچي ويو ته هتي امريڪا ۾ لفٽ Lift کي ايليوٽر Elevator سڏين ٿا. ”اسان هڪ منٽ ۾ ٿا بندوبست ڪريون.“ آپريٽر دلجاءِ ڏني ۽ مون به پوءِ سک جو ساهه کنيو ته پيلي هاڻ اجهو ته اوهي واهي ورپا ۽ هن بند مان مونکي آزاد ڪندا. ڪجهه گهڙيون اڳ، جو آءُ پاڻ کي دنيا کان الڳ ٿلڳ ۽ مارئيءَ جي قيد کان وڌيڪ خوفناڪ قيد ۾ نڌڻڪو محسوس ڪري رهيو هوس، اهو احساس ختم ٿيو ۽ هاڻ مومل جي ڪاڪ ۾ پهچڻ جا خواب لهڻ لڳس.

پنجن ڇهن منٽن بعد لائيٽ اچي ويئي ۽ لفٽ باقي چاليهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کو سڄي رات ڪلب ۾ ويهي پوڪر يا برج کيڏي ۽ پئسا ته ڇا سڀ ڪجهه گروي رکائي اچي، ته به چوندا ته وقت ٽو پاس ڪري.

حقيقت ۾ اهڙن ماڻهن جو امريڪا ۾ به قدر ناهي. باشعور طبقو هنن کي به نفرت جي نگاهه سان ڏسي ٿو. ۽ هي هر روز سوسائٽي ۽ ملڪ لاءِ وڏو مرض ثابت ٿيندا وڃن. ملڪ لاءِ هنن ڪاهل ماڻهن ماڳهين پيچيده مسئلا پيدا ڪيا آهن ۽ زندگيءَ جي مسئلن کان هن ريت فراريت حاصل ڪرڻ ڪا قابل قدر ڳالهه ناهي.

”هي هپي بنجڻ جو فئشن هڪ لهر وانگر آهي،“ ان ٽئڪسي ڊرائيور ٻڌايو، ”جا ڪجهه عرصي کانپوءِ لنگهي ويندي ۽ پنيان کو نشان به نه ڇڏيندي.“

هيوسٽن ۾ سڀ کان وڏي ۽ مشهور شيءِ ڏسڻ جهڙي، جنهن کان اڄڪلهه هيوسٽن مشهور ٿيندو وڃي، سا آهي ’ناسا‘ جو خلائي مرڪز: National Aeronautics & Space Adminstration

جتان امريڪا خلا ۾ چنڊ تي موڪليل راڪيٽن تي ڪنٽرول رکي ٿي ۽ خلابازن کي تعليم ۽ تربيت ڏئي ٿي. هتي نمائش لاءِ پڻ ان قسم سان واسطو رکندڙ هر شيءِ موجود آهي. هي مرڪز وچ شهر کان پنجويهه ميل کن پري آهي. هيوسٽن جي سي مين ڪلب طرفان آچر ڏينهن اسان کي بس ۾ اوڏانهن گهمائڻ وٺي ويا. اتي هنن جا ڪيترائي الڳ الڳ ڊپارٽمينٽ آهن. جتان مختلف طريقن سان خلا ۾ چنڊ تي موڪليل راڪيٽن تي ڪنٽرول ڪن ٿا، نياپا موڪلين ۽ جهيلين ٿا. ان کان علاوه هڪ سئنيما هال پڻ آهي، جتي چنڊ تي وڃڻ بابت هر قسم جون فلمون لڳاتار ڏيکاريون وڃن ٿيون.

اهو آچر جو ڏينهن هو، ويتر انهن ڏينهن ۾ امريڪا ۾ اونهاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون موڪلون Summer Holidays هلي رهيا هئا سو نہ فقط ويجها پر ڏورانهين جڳهين ڪان ڪتڪ ماڻهن جا لٽل هئا. سڀ گهٽو ڪري فئملين سان هئا. نہ فقط گورا پر شيدي، ميڪسيڪن پورٽريڪن ۽ ايشين پڻ مختلف رنگن جي ڪپڙن ۾ ڦري رهيا هئا. مون سان گڏ ڪراچيءَ جو عاشق ميمڻ هو. جيڪڏهن ڏهہ دفعا نہ تہ چار پنج دفعا ضرور منهنجي ٻانهن کي چِڪي چيو هونداٿين:

”يار! چنڊ جي مخلوق تہ الائي ڪهڙي هوندي، پر مونکي تہ هن ڌرتيءَ جي ئي مخلوق ڏسي مزو پيو اچي.“

واقعي هڪ ميلو متل هو. ڪن ڪن ڪمرن ۾ تہ ايڏي ڌڪ ڌڪان ۽ پيهہ پيهان هئي جو تر ڇٽڻ جي جاءِ نہ ملي. نمائش گهرن ۾ چنڊ تي ويل راڪيٽ، چنڊ گاڏيون، ڪئپسول ۽ ٻيو سامان رکيل هو. جيڪي خلاباز ٻاهران راڪيٽن ۾ تي آيا آهن انهن جا بلڪل هوبهو قد ۽ شڪل جا بوتا ان خلائي وڳي ۾ شيشي جي چوديواري ۾ رکيل آهن. پاسن کان هر بوتي ۽ شيءِ اڳيان ڪيترائي ٽيليفون رکيل آهن. وچندڙ ٽيپ رڪارڊر ذريعي ان ٽيليفون ۾ سڄي ڪٿا ٻڌڻ ۾ پئي اچي. جڻ تہ هر بوتو سچو پچو ماڻهو هجي ۽ خود پاڻ بابت، پنهنجي ڊريس بابت، ۽ چنڊ تي وڃڻ ۽ موٽڻ جي مرحلن ۽ مسئلن بابت سمجهائي رهيو هجي.

ان کان علاوه راڪيٽن ۾ جا مختصر ماني، چاڪليٽن ۽ بسڪيٽن جي روپ ۾ خلاباز کائيندا آهن، انهن جا نمونا ۽ سمجهائڻ لاءِ انهن جي ڀر چوگرد ٽيليفون رکيل آهن. جن ذريعي ٻڌايو پيو وڃي تہ انهن ۾ ڪهڙي طاقت رکيل آهي، ڇا مان ٺهيل آهي ۽ ڪڏهن ۽ ڪيتري ڪاڏي ويندي آهي. اهڙي نموني راڪيٽن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئپسولن بابت پڻ. هڪ نقلي چنڊ ڊيڪاريل آهي جنهن تي هڪ راڪيٽ وڃي رهيو آهي. مطلب تہ اهي شيون ۽ فلمون وڏو تہ ڇا پر هڪ ٻار بہ ڏسي سمجهي وڃي، ۽ جيترو جلد انهن فلمن، ماڊلن ۽ سچن پچن راڪيٽن کي ڏسي سمجهي سگهجي ٿو، اوترو جلد ڪو ڪتاب پڙهڻ سان بہ نہ سمجهي سگهجي.

O

شام جو ستين لڳي واپس ورياسين ۽ جهاز تي اچڻ بدران اسان کي Seamens-Club ۾ وٺي آيا، جتي هنن اسان لاءِ چانهہ جي دعوت جو بندوبست ڪيو هو. هيوسٽن شهر جا بہ ڪيترائي شهري آيا هئا. سيني سان گڏ چانهہ پيتيسين. ان کان علاوہ ڪجهہ وقت ٽيبل ٽينس ۽ ڪندا رهيا ۽ کي هڪ ٻئي جي ملڪن جون خبرون چارون ڊيندا وٺندا رهيا. هي ڪافي سهڻو ڪلب آهي جتي لئبرري ۽ راندين جي وڏي هال جي ڀت تي دنيا جي مختلف ملڪن کان آيل جهازين پنهنجي زبان ۾ هن ڪلب بابت پني تي لکي هنيو هو تہ: "هي ڪلب توهان جو پنهنجو آهي. جنهن وقت بہ توهان جو جهاز هن شهر ۾ اچي، تہ پنهنجي فرصت جون گهڙيون هتي گذارڻ لاءِ اچي سگهو ٿا... وغيره.

رومانيا، جپان ۽ اٽلي جي زبانن واري نوٽيس تي خوب گل ڦل ۽ آرٽ ورڪ بہ هو. ڪنهن تي هڪ پني تي اڙدو ۾ بہ ڪنهن ڏنگن ڦڏن اکرن ۾ لکي پاڪستان جو جهنڊو ٺاهي چڙهيو هو، سو بہ غلط سلط. سيني کي اهو ڏسي افسوس ٿيو مون ان ڪلب جي سربراهہ کان اجازت وٺي، اهو پنو اکيڙيو ۽ ٻئي ڏينهن جهاز تي هڪ سٺي پني تي صاف اڙدو، سنڌي ۽ بنگالي زبانن ۾ اهو نوٽيس لکي، ڪنهن

تي پاڪستان جو صحيح رنگن ۾ جھنڊو ٺاهي چوڏاري گلن جو باردر تيار ڪيو. پس منظر ۾ ’سهڻي‘ رسالي جي ٽين يا چوٿين نمبر پرچي جي سرورق جي تصوير ٺاهيو، جنهن ۾ ڇوڪريون مَٽ پاٽيءَ جا مٿي تي کڻيو پيون وڃن ۽ پوءِ سنگاپور ۽ ملايا جي ملڪن وارن پڻ جي پرسان هٽي ڇڏيو. هاڻ ڪلب ۾ گهڙڻ سان اهو سيني ۾ نمايان لڳي ٿو ۽ پهرين ان تي نظر پوي ٿي.

ٽيڪساز رياست پهرين ميڪسيڪو ملڪ جي قبضي ۾ هئي. 1836ع جي ”سان جئسنٽو“ تاريخي جنگ ڪان پوءِ ڪيس آزادي ملي ۽ امريڪا جي ٻين رياستن سان ڳنڍي وئي. ان جنگ جي ياد ۾ پنج سو ست فٽ ڊگهو مينار هيوسٽن شهر کان پاويهه ميل پري ٺهيل آهي جو پڻ سياحن جي ڏسڻ لاءِ باعث ڪشش آهي. ان جي مٿئين حصي ۾ نظاري ڪرڻ لاءِ رصدگاهه آهي ۽ هيٺ تري ۾ نمائش گهر آهي. ان جي پرسان مشهور جنگي جهاز ’ٽيڪساز‘ نالي بيٺل آهي، جو ٻي جنگ عظيم ڪانپوءِ ٽيڪساز رياست کي ڏنو ويو هو ۽ نمائش خاطر اڃان تائين ان حالت ۾ رکيو ويو آهي. هر روز انبوهه ماڻهن جا ان کي ڏسڻ لاءِ اچڻ ٿا.

ان کان علاوه هتي ٻيون به ڪيتريون ئي شيون ڏسڻ جهڙيون آهن. ويهه پاويهه ڏينهن لڳاتار رهڻ ڪانپوءِ سچ ته هيوسٽن ڇڏيندي افسوس پئي ٿيو اهڙا هري ويا هئاسين. پر ڇڏڻ وقت اها به خوشي هئي ته ان کان به وڏا شهر: نيو اورلينس، بالٽيمور ۽ نيويارڪ ڏسڻ پيا وڃون.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪوريا جون ڪجهه يادون

ڏکڻ ڪوريا جو شهر ”چنائي“ جيتوڻيڪ ڪافي وڏو آهي پر سندس بندرگاهه تمام ننڍو آهي. اسان جي جهاز کان سواءِ ٻيو سنڌن ئي ملڪ جو ڪورين جهاز بيٺل هو. سو ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هتي ڌارئين جي شڪل ورلي نظر اچي ٿي ۽ اسان کي ننڍي وڏي، پوڙهي ٻڪي، رستي هلندي، بس ۾، بازار ۾ ائين گهوري ڏٺو ٿي ڄڻ اسان ماڻهو نه پر ڪنهن سائنسدان جي ليبارٽري جا ڪُتا هجون جي ڪنهن خاص تجربي هيٺ هجن ۽ جن جي هر ڪا چرپر وڏي ڌيان سان نيٽي ويجي.

ڏکڻ ڪوريا جي مکيه بندرگاهن: پوسان ۽ هن شهر چنائي ۾ رهڻ سان معلوم ٿيو ته هتي غربت ڏاڍي آهي. ڦاٽل ۽ ميرا ڪپڙا اوڍيل ڪيترا ٻار ته پيرن اگهاڙا ۽ انگ به معمولي طرح ڍڪيل. رستن، گهٽين ۽ بازارين جي صفائي گهٽ. ويتر جو جپان ۾ مهينو کن رهي آيا هئاسين سو هتي توري گدلائي به گهٽي تي لڳي. ٽٽل بسون- جهرڙيون چنگانگ کان فيني، هلنديون آهن يا ڪنهن زماني ۾ ڪيبر کان ٽنڊوآدم هلنديون هيون. چنگانگ وانگر چوڌاري ساوڪ ئي ساوڪ ۽ تمام اوچا جبل- جي پڻ گاهه ۽ وڻن سان ڍڪيل. ڪاراٽيل پٿين ۽ ٽڪيل رستن مان معلوم ٿيو ٿي ته هتي مينهن به ڏاڍو وسي ٿو. باقي سونهن ۾ هتي جا ماڻهو بنگالي ته پري جپانين کان وڌيڪ آهن- جيتوڻيڪ غربت ڪري جپانين جيترو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميڪ اپ يا عطر عنبير استعمال ۾ نٿا ڪن.

صحت ۾ پڻ هتي جون ڪورين ڇوڪريون، جپانين ڪان وڌيڪ تندرست آهن، پر اڪيون جپانين ڪان وڌيڪ چوچيون اٿن. ڪن ڪن جون ته صفا لِتيل اکيون ڏسي ڪتيءَ جا تازا چاول پلونگڙا ياد ٿي آيا. ان ڪري شايد هنن کي (بقول اسانجي هڪ ٻن جهازي انجنيرن جي)، اسان جي ملڪ جي ماڻهن جون وڏيون اکيون ڏاڍيون وڻيون ٿي. پر خدا ڪوڙ نه ڳالهائي ته منهنجيون ته اکيون ڪنهن ٻه نه ڏٺيون. يا شايد:

نه وه ديکهتے هيں نه هم ديکهتے هيں،
حقيقت ميں هم دونوں کم ديکهتے هيں.

پر ڪيترا بيان ٿا ڪن ته سندن اکيون ڪورين ڇوڪرين ائين ٿي ڏٺيون، جيئن عورتون شاديءَ جو ڏيج پڙو غور سان ڏسنديون آهن.

جهاز جو چيف آفيسر شفقت حيات فئملي سان هو. سندس زال ۽ هڪ سال جي ڌيءَ بتول ٿي هڪ ڏينهن واقعي ماڻهن جو ميڙ ڏٺم. هر هڪ ٻيبي بتول کي کڻي کُوڏائي رهيو هو. پر هوءَ ايترن ماڻهن کي ڪيس ائين پٽيندو ڏسي ديسي اسٽائيل ۾ روئي رهي هئي. يعني زمين آسمان هڪ ڪري رهي هئي.

O

هتي جي ڊريس مغربي لباس اسڪرٽ جهڙي آهي. پر گهڻن رنگن کي پسند ڪيو وڃي ٿو. ان ڪري هڪ ئي ڊريس ۾ ڪوآپريٽو سوسائٽي جي مونوگرام وانگر رنگن جو ڳهٽ ٿيل آهي. زيورن پائڻ جو رواج ڪونهي. وڌ ۾ وڌ منڊي يا سونو ڇلو- جو ماءُ يا يار طرفان ڏنل تحفو هوندو آهي. چيف آفيسر جي زال جي

ٻانهن ۾ پيل ڪانچ جون چوڙيون ڏسڻ لڳيون تہ هن هڪ هڪ
ڪري ڪين ورهائي ڏنيون. نڪ ۾ هيرو پيل هوس. هڪ اشارو
ڪيس تہ اهو بہ ڏي.

”دماغ خراب اٿانوَ“، هن پنجابيءَ ۾ چيو، ”چوڙيون تہ هيون
شيشي جون.“

هن ڪجهہ نہ سمجهيو، فقط ڪلنديون رهيون.

ها، اڪين ڪان علاوه راوي تا بيان ڪن تہ سندن چاتي ۽ بدن
جا وار پڻ هتي جي ماڻهن کي پسند آيا ۽ باعث تعجب ان ڪري بہ
آهن جو هن پاسي جي ملڪن: جپان، چين، ٿائلنڊ، ڪوريا وغيره
جي ماڻهن جي چاتي يا ٻانهن ٽنگن تي ڇا پر ڏاڙهيءَ جا وار بہ
ڳڻڻ جيترا ٿين. بهرحال وار هتي جي ماڻهن کي پسند آهن يا نہ.
هتي جون عورتون اسان کي خوبصورت سمجهن ٿيون يا نہ، ان جو
مونکي تہ ڪو ٺوس ثبوت يا مثال نتو سُجهي. ها البتہ ڪالهہ اسلم
زبيري ۽ آءٌ بازار مان لنگهي رهيا هئاسين تہ هڪ دڪان وٽ هڪ
پوڙهي عورت پنهنجي روئنڊز پوتي يا ڏهتي کي مات ڪرائي رهي
هئي. ٻار سخت تيسي جي موڊ ۾ هو ۽ واڪا ڪري روئي رهيو هو
(۽ ٻروچ ٻڌي رهيا هئا ). پوڙهيءَ کي ٻار اصل وٽ نتي ڏنو. اوچتو
پوڙهيءَ جي نظر اسان تي پئي ۽ سرهي ٿي ٻار جو ڌيان اسان ڏي
ڇڪائي ڪيس ڪجهہ اهڙي نموني ۾ چيني‍يو، جيئن اسان وٽ
ڊيڄارڻ وقت ٻار کي چئبو آهي تہ مات ڪر نہ تہ ٻائو (يا
جهوجائو) تو اچنئي. ٻار روئڻ بند ڪري، ڊپ وچان پوڙهيءَ کي
ڄَر وانگر چنبڙي ويو. سو هاڻ پڙهندڙ اسان جي سونهن لاءِ هتي
جي ماڻهن جي Opinion ڪان پلي پٽ واقف ٿي ويا هوندا تہ اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيتري حد تائين خوبصورت آهيون.

O

هتي ڏکڻ ڪوريا ۾ ماڻهو، مستقل جنگي حالتن، غربت، وڏندڙ آدمشماري، بيروزگاري، امريڪن سپاهين جي ويٺل رعب ۽ چيني (اتر ڪوريا جي ڪميونسٽن) جي لڳاتار خوف کان ڏاڍو هيسيل، هراسيل ۽ خوفزده آهن. ان ڪري اسان جهڙي پٺتي پيل ملڪ جا ماڻهو بہ هتي احساس برتري محسوس ڪرن ٿا. هتي جي سڪي جي قيمت ڪريل هئڻ ڪري، اسان لاءِ هتي جي هر شيءِ (جپان ۽ امريڪا جي ملڪن کان) وڌيڪ سستي لڳي ٿي. جپان ۾ بس ۾ چڙهندي بہ ہہ دفعا سوچڻو پوندو هو. پر هتي گهٽ پگهاردار خلاصي بہ ٽئڪسي ۾ جهاز کان شهر ۽ شهر کان جهاز اچي وڃي رهيا هئا. هتي جا سڀ ماڻهو پنهنجي زبان ڪورين ڳالهائين. دڪان آفيسن مٿان پڻ ڪورين زبان ۾ لکت آهي. ورلي ڪنهن هوٽل يا بار جو نالو انگريزيءَ ۾ لکيل آهي. ڪورين زبان جو لهجو ڳالهائڻ ۾ چيني ۽ جپاني زبانن جهڙو آهي ۽ لکت ۾ تامل، ٿائي ۽ جپاني زبان (ڪاتاڪانا ۽ هيرا گانا) لکڻين سان ملي ٿي.

جيتوڻيڪ هي ملڪ (ڏکڻ ڪوريا) جپان جي بلڪل ويجهو آهي (جپان جي ’موجي‘ بندرگاهہ کان ڪوريا جي ’پوسان‘ بندرگاهہ تائين اسان جي جهاز کي ڇهہ ڪلاڪ لڳا يعني ڪراچي کان حيدرآباد جيترو مفاصلو مس ٿيو) پر ان هوندي بہ ڪنهن ورلي پڙهيل ڳڙهيل کي ٿوري جپاني زبان آئي ٿي. ساڳي طرح انگريزي پڻ ڪنهن ورلي کي آئي ٿي. دڪاندار ۽ اسڪول جا شاگرد مڙيئي ٽنل ڦٽل جملا ڳالهائي سگهيا ٿي. ان ڪري هتي هر ڳالهہ اشاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سمجهائڻي پئي ٿي. منهنجي ننڍڙي پاڪيٽ سائيز ٽرانسسٽر medium-Wave تي چار پنج ريڊيو اسٽيشنون لڳيون ٿي، جن تي هر وقت ڪورين زبان ۾ پروگرام آيو ٿي. هڪ تي انگريزي پروگرام پڻ ايندو هو، جو امريڪي فوجين جي ڪري آهي، ۽ سڄو ڏينهن ’ڪوني فرئنڪسز، ٽام جونس، انگل برٽ، ڪلف رچرڊ، ايلوس، ائنڊي وليمس لولو ۽ نئٽ ڪنگ ڪول‘ جهڙن Out Date ڳائڻن جي ڳانن جي ڌم لڳي پئي هوندي هئي.

○

هتي جي ماڻهن جا گهر پڻ جپانين وانگر تمام ننڍا آهن. دروازا سنهي ڪاٺ جا يا ٿلهي پني جا سلائيڊنگ نموني جا. جُتي در کان ٻاهر لاهڻ جو به ساڳيو رواج، پر جپانين جي گهرن کان ڪورين جا گهر گدلا ۽ صحت جي اصولن کان ڏور آهن. خاص ڪري گٽر سسٽم Drainage Sytem ته بلڪل بيڪار ۽ بدتر قسم جو اٿن. (پڪ هتي به ڪو پي. ڊبليو. ڊي. جهڙو کاتو هوندو.)

ڪاڏي ۾ هتي (ڪوريا ۾) بين ڏور اوپر جي ملڪن وانگر چانور ۽ مڇيءَ جو پنڙو پوڙ گهڻو استعمال ٿئي ٿو. مڇيءَ ۾ سڪل ڪاري مڇي وڏيڪ کائين. مڇين جا انيڪ قسم رکيل نظر ايندا ۽ ڪن جي ته ڪکي ۽ ڪاري ڌپ ناقابل برداشت لڳي ٿي. جيتوڻيڪ لڳاتار سالن جا سال سمنڊ تي رهڻ ڪري اسان به مهاڻن، ماڇين، ساٿين وانگر جهڙي تهڙي ککي ڌپ کي ته ليکي ۾ به نه آڻيندا آهيون. پر هتي جي ڪن سڪل مڇين مان اهڙي ته تکي ڌپ نڪري ٿي جو چام تماچيءَ جهڙي ماڻهوءَ جو به دماغ توائي ڪري رکي.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترن دڪانن تي گرم مصالو ۽ خاص ڪري پيتل ڳاڙها مرچ ۽ سڄا پڻ نظر آيا. ڏور اوڀر جي ملڪن ۾ ھي ڪوريا ئي ھڪ ملڪ آھي جتي ان قسم جو مصالو نظر اچي ٿو. ساڳي طرح آمريڪا پاسي ميڪسيڪو ملڪ ۾ ان قسم جا مصالا جام واپرائجن ٿا.

بازار جي چوواٽي تي ھڪ ھمراھ اليڪٽرڪ ھيٽر تي سڄيون سڄيون ڪڪڙيون پچائي رھيو ھو. ان مان ايندڙ خوشبو اسانکي ياد ڏياريو تہ صبح کان بکئي پيٽ تي پيا ھلون ــ بلڪ ان خوشبو بک ويتر وڌائي. مون سان گڏ ڪوئيٽا جو ففت انجنيئر 5th-Engineer عبدالرحمان ڪاسي ۽ جونئر انجنيئر لائلپور جو پٺي ھو. ڪين مون چيو:

"برادر ڇا خيال آھي. بک لڳي آھي يا نہ؟"

"زبردست." ٻنهي وراڻيو.

"پوءِ پلا گرم گرم ڪڪڙ، سلاد، ڊبل روٽي ۽ مکڻ وٺي پيٽ جي باھہ جهڪي ڪريون ــ؟"

ڪاسي، جو اسان سڀني ۾ مذھب جي معاملي ۾ پڪو آھي، تنهن چيو: "پلي وٺو پر آءٌ فقط سلاد ۽ ڊبل روٽي کائيندس. مون لاءِ ھفتي جي بک کان پوءِ بہ ڪڪڙ حرام."

"ڏاڍي ٻڌائي." مون کيس تنگ ڪندي چيو.

"ڇٺبو تہ مرغي حرام رھو حلال. پر مون تہ ٻڌو آھي تہ مفت جو شراب قاضيءَ کي بہ حلال ھوندو آھي."

"نہ يار، جهٽڪي جو گوشت نہ کائڻ کپي." عبدالرحمان ڪاسي ڪجهہ سنجيدو ٿي چوڻ لڳو.

پٺيءَ چيس: "ڇڏ يار. ھوائي جهاز ۾ جڏھن ڪئڊيز (اسپين ھلون تڏھن ايئر ھوسٽس جي ھٿن جو تہ خنزير بہ کاڌو ھئي. پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو چا مسلم ڪلڊ (Killed) هو يا ’جن نہ پيتا تي لڙڪ سي تنهنجي هٿن سان زهر پي ويا‘ وارو قصو سمجهڻ کپي.“

”شراب ۽ سوئر جي ڳالهہ مسلمان اڳيان نہ ڪر.“ ڪاسيءَ سخت ڪاوڙ مان پڇيءَ کي گهوري چيو ۽ ماڳهين چنائي جي وچ بازار ۾ خونريزي ٿي ٿي. پر معاملو چڱو جو چرچي ۾ بدلجي ويو جڏهن پڇيءَ، غالب جو لطيفو ٻڌايو تہ غالب چوندو هو تہ هو اڌ مسلمان آهي. شراب پيئي ٿو پر سوئر نٿو کائي. سو ان وانگر پاڻ بہ ڪٽي ڪڪڙ کاڌي تہ بہ اڌ مسلمان تہ رهنداسين، جو شراب نٿا پيون.

هتي ڪوريا ۾ سماجي آزادي ۽ جنسيات حد درجي جي آهي. ايتري آزادي- ۽ ان قسم جي ۽ ان طرح جپان، سنگاپور، هانگ ڪانگ ۽ امريڪا ۾ بہ نہ آهي. ٿائلنڊ، ڪمبوڊيا ۽ انڊونيشيا وانگر هتي Sex تہ چڻ ڪا ڳالهہ ئي ناهي. هزارن جي تعداد ۾ چوڪريون رستن تي، هوٽلن ۾، مساج گهرن ۾، دڪانن ۾ سيلز گرلس جي روپ ۾، ڊارين جو گهيراءُ ڪندي نظر ايندين. حڪومت ۽ سوسائٽي طرفان ڪلي آزادي آهي. (ان ڪري هتي جي افسانن ۾ ’سماجي پيت‘ جهڙي ڪا شيءِ نہ آهي). ان آزادي ۽ ڪمزوري جا ڪيترائي سبب آهن: مذهب يا سماج طرفان ڪابہ جهل پل نہ، سوسائٽيءَ جو ڪمزور جوڙجڪ، ڳتيل رهائش، عورتن جي گهٽائي، مغربي ملڪن جي فئشن پٺيان انڌي تقليد، بيروزگاري وغيره. بهرحال اهي منهنجا ذاتي خيال آهن. ٿي سگهي ٿو ان کان علاوه ٻيا بہ ڪي سبب هجن يا انهن مان ڪوبہ نہ هجي. يا بقول هڪ ٻئي جهازيءَ جي:

”امريڪن، جنهن ملڪ ۾ پير رکيو ان جي ٻيڙنگ ڪيائون. پوءِ چاهي ويٽنام هجي، ڪمبوڊيا هجي يا ٿائلنڊ. اهڙو ماحول پيدا

ڪيائون جو ان ملڪ جي موملن ۽ سوملن کي ڪير به ملڻ ملائڻ کان روڪي نٿو سگهي. بلڪ ڌيساور کان آيل مسافرن، فوجين، جهازين يا ٽورسٽن سان ملڻ ڳالهائڻ ايترو فئشنيبل آهي جيترو اسان وٽ ڪنهن زماني ۾ انگريزن جي ڏينهن ۾ خاڪي ٽوپلو پائڻ هوندو هو. گرمي هجي يا سردي، بارش هجي يا مٽي پئي اڏامي، پر صاحب لوڪ بنجڻ لاءِ ٽوپلو مٿي تي هجڻ ضروري هوندو هو."

اسان جا جوان (يا جوان دليون رکندڙ پوڙها) جهازي جن کي جپان ۾ صبح شام جپاني جوڙن کي ڏسي اڪيلائي ۽ غريب الوطني جو احساس ٿيندو هو، سي هتي ڪوريا ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد ڪورين ڇوڪريءَ سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي هلي رهيا هئا.

O

ڏکڻ ڪوريا ۾ اڄڪلهه جيتوڻيڪ بقول اسان جي سنڌي اخبارن جي 'ڇتي جنگ' ڪانه هلي رهي آهي پر ان هوندي به ملڪ ۾ جنگي حالتون ڇانيل آهن. رات جو ٻارهين بجي کان ڪرفيو لڳي وڃي ٿو ۽ جيڪو جتي سو تتي سوگهو. وري صبح جو هلچل جي اجازت ٿئي ٿي. شهر ۾ ڪيترائي نوجوان فوجي، آرمي، نيوي ۽ گوريلا فوجي يونيفارم ۾ ڦرندا نظر ايندا.

هتي جپان جو يين Yen ۽ امريڪا جو ڊالر ئي متجي ملي ٿو، سو به بئنڪ تان، يا سرڪاري مقرر ٿيل دڪانن تان. هتي جي سڪي جو نالو وان Won آهي. بئنڪ تان ڊالر جا چار سؤ وان ملن (يعني رپئي ۾ چاليهه کن وان ٿيا). شام جي وقت بئنڪ بند هئڻ ڪري مقرر دڪانن تان ڊالر جا ٽي سؤ پنجاهه کان ٽي سؤ اسي ٽائين وان ملن (پوءِ گراهڪ جتي ڪسي). بئنڪن کان سواءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪار طرفان ڪهڙا ڪهڙا دڪان پئسو مٽي ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل آهن، اهي ڳولڻ لاءِ ڪافي پيچا ۽ مغزماري جي ضرورت آهي. انگلنڊ جي پائونڊ ۽ جرمنيءَ جي مارڪ لاءِ تہ رُکو جواب ملي ٿو.

هڪ ڏينهن اهڙو ڪو دڪان ڪونہ مليو جتان پئسا مٽائجن. آخر هڪ ٽي روم ۾ لنگهي وياسين، حيدرآباد جي المشرق، جبيس، علي بابا ۽ سائينجيز ٽائيپ هوٽلن کي ڪوريا ۾ Tea-Room سڏين. ٽي روم ۾ ڳهڙي ڪائونٽر وٽ بيٺل ڇوڪرين کي اشاري سان سمجهايوسين تہ ڊالر مٽائي ڪورين پئسا وان وٺڻا آهن. پر انهن جواب نہ ڏنو ۽ ماڳهين ائين پئي هٽڻ ۽ ڊڄڻ لڳيون ڄڻ ڪي سي آءِ ڊي وارا سامهون هجن.

اسان بہ ايترو پريشان ۽ مجبور ٿي چڪا هئاسين جو مون نڪا ڪئي هر نڪا تر. ان ٽي روم جي پمپ وٽ بيهي انگريزيءَ ۾ Announcement ڪيم تہ ڪو بندو پئسا مٽي ڏيندو-؟ سڀ چپ هئا. هڪ نوجوان اشارو ڪري پاڻ ڏي سڏيو ۽ آءٌ پين دوستن کي اتي بيهڻ لاءِ ترسائي هن جي پرسان ويهي نوٽ مٽائڻ لڳس. ايتري ۾ هڪ ويٽريس ڇوڪريءَ ڪورين زبان ۾ هن جوان کي سمجهائڻ جي نوع ۾ چيڀڻ لڳي تہ اهو ڏوهہ جو ڪم آهي ڪٿي ڇاپو نہ لڳي. (سندس انداز مان اهو ئي مفهوم نڪتو ٿي) پر هن نوجوان يڪدم کيسي مان Identity card ڪڍي هن کي ڏيکاري ڏاڍي رعب سان ڪجهہ چيس ۽ هوءَ ماٺ ڪري هلي ويئي. ڪارڊ تي انگريزيءَ ۾ سندس نالو ۽ ڏنڊو لکيل هو پر آءٌ يونيفارم ۾ فوٽو ۽ Rank ڏسي سمجهي ويس تہ آرميءَ جو آفيسر آهي. بلڪ فوج جو راڄ آهي. ڪنهن جي مجال جو ڪڇي. دل ۾ چيم وڏي لئہ

آهي توهان جي. ڏوهه جي ڪم لاءِ به ڪو جهلي نٿــــو سگهي.
بهرحال اسان غريبن جو ڪم ٿيو ۽ اسان اتي ئي ويهي چانهه ۽
ڪافيءَ جو آرڊر ڏنو.

هونءَ هتي جا فوجي به ٻين ڪيترن ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن
جي فوجين وانگر پئسي ڏوڪڙ جي معاملي ۾ غريب ۽ بکيا ٿي لڳا.
هڪ ڪان سئنيما هال جو پڇيوسين. به چار ڪهٽيون ڦيرائي سئنيما
وٺي آيو. چوڻ لڳو: ”بيئر جي بوتل وٺي ڏيوم.“

”چو خير ته آهي ڪ؟“ اسان پڇيس.

”رستو جو مون ڏيکاريومانوَ.“

آخر ڪيس به سؤ وان (پنج رپيا ڪن) ڏيئي جان ڇڏائيسين.

O

هڪ دفعي پوسٽ آفيس ڏيکارڻ لاءِ هڪ پيو عام شهري
ٽئڪسي ۾ پوسٽ آفيس وٺي آيو. همراهه چيوته ڪيس اسان واپسيءَ
جو پاڙو به ڏيون. ريڊيو آفيسر مون سان گڏ هو، سو ڪيس پيسا
ڏيڻ لڳو، تيسين آءٌ ٿورو اڳتي وڌي پوسٽ آفيس ۾ گهڙيس. لفافا
وٺي واپس آيس ته ساڳيو همراهه. جي ٽئڪسي جا پئسا ڏي.

”پئسا ته توکي مليا.“ مون چيومانس.

”نه تون ڏي.“ اچي بحث ۾ پيو. ڪيترا ڪوريا جا واندا
چوڏاري تماشــو ڏسڻ لڳا. راڻو هڪ لپـاٽ جو به نه هو پر وري
چوڌاري ميڙ ڪي هن جو Reserved-Force سمجهي ۽ اهو به سوچي
ته هتي ڪهڙو جهانگير جو گهنڊ آهي جنهن ڪي لوڏڻ سان Instant
انصـاف ملندو، ڪـيس سندس چوڻ مطابق چار ســؤ وان ڏنم.
جيتوٽيڪ ميٽر جي حساب سان پاڙو سؤ وان ٿي ٿيو ۽ اوٽ موٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ٻه سؤ. چپ چاپ پئسا ڏيئي سخت نفرت ۽ بيزاريءَ مان اوسي پاسي ګڏ ٿيل ماڻهن ڏي نهاريم ته کهڙي بکئي ملڪ ۾ اچي نڪتا آهيون. پر ڏنم ته منهنجي اڳيان جيڪي ماڻهو بيٺا هئا تن جي چهري تي شرم ۽ احساس جرم بکي رهيو هو، جيتوڻيڪ ان ۾ هنن جو سڌو سنئون ڪو ڏوهه ڪونه هو. هنن مون کان شايد معافي وٺڻ چاهي ٿي پر زبان مسئلو هئي. آخر هڪ همراه وڌيو. عمر ٽيهه پنجيهه سال کن هوندس. پڙهيل ڳڙهيل ٿي لڳو. ميڊيڪل اسٽور جو مالڪ هو.

"ايڪسڪيوز مي، سر." چئي، مونکي ٽٽل ڀڳل انگريزيءَ ۾ سمجهائڻ لڳو ته سائين ڪوريا بابت خراب اثر نه وٺجو. هن لوفر توهان جي ذهن ۾ ڪوريا بابت غلط Image ويهاريا هوندا. پر ڏسو نه سائين، ڪوريا جا سڀ ماڻهو اهڙا ڪونه آهن. هن قسم جا چند، ملڪ جو نالو بدنام ڪرڻ وارا ڪيترن ئي ملڪن ۾ هوندا. افسوس جو ڪوريا پڻ انهن کان پاڪ نه آهي. توهان جي چاهيو ته اسان توهان کي پئسا پورا ڏيون، توهان سان ڏاڍائي ٿي آهي. ڏسو نه سائين، ڪوريا..."

هو ڪنڌ جهڪائي چوندو رهيو. منهنجي سچ ته سچي ڪاوڙ ڪافور ٿي وئي ۽ سوچڻ لڳس ته جنهن ملڪ ۾ جتي هڪ ٻه ڦورو آهن، اتي هن ميڊيڪل اسٽور جي مالڪ جهڙن عظيم انسانن جي به کوٽ نه آهي. مون کيس دلجاءِ ڏني ته آءُ چڱي طرح سمجهان ۽ محسوس ڪريان ٿو ۽ اهو هڪ مثال ڪوريا بابت مونکي غلط سوچڻ لاءِ مجبور نٿو ڪري سگهي. ٻاهر نڪتس ته ريڊيو آفيسر الڳ ان همراهه تي ڪاوڙيو بيٺو هو جو ڪائنس پڻ چار سؤ وان وٺي چڪو هو.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ... ٿڪل ۽ ٿڪل

دريءَ جو پڙدو ريڙهي اسلم چيو: ”سامهون ڏس تہ جبل ڪيڏا سهڻا پيا لڳن. ساوڪ ئي ساوڪ. ليوڊو راند جي نانگن وانگر ور ڪائيندڙ پيچڙا، ننڍڙا ننڍڙا گهر ۽ ٻڪرن جا ٻڪوڙا. جابلو ڍڳا ۽ خچر. جبل جي چوٽين سان ڳالهيون ڪندڙ ڪارا ڪڪر. ڇا تہ نظارو آهي. اٿ تہ هلون.“

ڪوريا جي هن بندرگاهہ ۾ ايندي وقت هتي جي جابلو علائقي مونکي ۾ بہ ڏاڍو متاثر ڪيو هو. جهاز جي ڊيڪ تي بيهي ڪيتري دير تائين جبل تي ٺهيل ’هارٽ اٽئڪ‘ جي ڪارڊيوگرام جهڙا ور وڪڙ ڏسندو رهيو هوس، جي رستا ڪٽي ڪٽي ٽرگناميٽري جي Sine-curve جيان وٽ ڪائي ساوڪ ۾ لڪي ويا ٿي. ساڄي پاسي ماٿريءَ ۾ سمنڊ جي ڪناري تي ڪيترائي ڪورين نوجوان ۽ پوڙها جوڙا ۽ اڪيليون ڇوڪريون هوا خوري ڪري رهيون هيون. جهاز جي هيٺين ڊيڪ تان ڪن خوش مزاج خلاصين ڇوڪرين جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ سيٽيون وڄائي هٿ لوڏيا. جنهن جي ورندي ۾ هنن بہ جهڪي هٿ لوڏيا. هو سڀ سامهون بيچ Beach طرف پڪنڪ يا ترڻ لاءِ وڃي رهيون هيون. ان وقت اسلم منهنجي پرسان بيٺو هو. ڪيس چيو هوم تہ ڪنهن ڏينهن فرصت ملي تہ پاڻ بہ پڪنڪ لاءِ ايڏانهن هلنداسين ۽ سمنگ بہ ڪنداسين. پر اڄ ڪو بهانو ڪري جند ڇڏائڻ تي چاهيم. ڪمري جي ايئرڪنڊيشنر جو سئچ وڌيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏ تي ڊﻫﺎئينديءَ چيومانس: ”نہ يار. اڄ گرمي تمام گهٽ آهي.“
”ڪمال آهي،“ هن مرڪندي چيو، ”تون تہ شايد اهو ٿو سمجهين تہ سائنس ايڏي ترقي ڪئي آهي جو دوزخ بہ ايئرڪنڊيشنڊ ٿي ويو هوندو. سڄي عمر سنڌ جي لڪن ۽ جهولن ۾ گذاريئي ۽ هاڻ توکي ڪوريا جي هيءَ وٽندڙ رُت بہ گرم ٿي لڳي...“
”بس يار. هاڻ وڌيڪ ذليل نہ ڪر. شام جو پڪ پڪنڪ تي هلنداسين.“
ٽي بجي وري اسلم آيو، ”تيار-؟“
”ها تيار. پر ترس ڪجهہ سئنڊوچ کائي هلون. متان بک جو پوت ستائي.“
رڌڻي ۾ گهڙيس تہ ڪئپٽن خالد هڪ هٿ ۾ بيضن جو سئنڊوچ ۽ ٻئي ۾ ماکيءَ ۾ ٻڏل صوف جهلي جلدي جلدي کائي رهيو هو. ڪيس ڪاري رنگ جي بيل باٽمڊ پتلون پيل هئي ۽ آر جي ڪم سان ٿهيل وڏن ڪالرن واري اڇي جپاني قميص. ڳچيءَ ۾ ڳاڙهو رومال- جيتوڻيڪ ڪيسي ڪترڻ واري جي نشاني پر هي اسان جو شهزادو سن گلاسز سان گڏ پلي بواءِ لڳي رهيو هو. چيومانس تہ اسان سان گڏ پڪنڪ تي هل.
”نہ يائو آئون تہ بزي آهيان. توري خريداري ڪرڻي اٿم. ان بعد اڄ منهنجي Date آهي،“ هن ٺيٺ اترادي لهجي ۾ وراڻيو ”لالا، هڪ زبردست قسم جي حسين، مانتو ڪورين ڇوڪريءَ سان ڊيٽ آهي.“ خالد سکر پاسي جو آهي ۽ سال ڏيڍ ٿيو اٿس جو جهاز تي آيو آهي.
مون ﭘﻨﻬﻲ هٿن کي مٿي جهلي رڌڻي جي ڇت ڏي ائين ڏٺو ڄڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇت ڪرڻ واري آهي. يعني اڳلي ڪوڙ ڳالهايو آهي. پوءِ ڏکھو ساهہ کڻي، سندس ڪپڙن مان اينڊڙ ارامس عطر جي خوشبوءِ سونگھي ٽوڪ طور شيخ اياز جو شعر پڙهيو:

”مون هرڪي پنهنجو پانڌ ڏنو،
رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي.“

”ائين ڇا، خالد-؟“

”ڇو پائو، اسان غريبن کي ٽوڪيو ٿا-؟“

”نہ لالا. تو جهڙا غريب تہ جيڪر سڀ ٿين. آئون رڳو اهو معلوم ڪرڻ چاهيان ٿو تہ ’ڪنهن الاپي پيروري اڄ هيءَ سنجهي ويل-؟“

خالد بہ دلچسپ موڊ ۾ هو. منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي رازدارانہ انداز ۾ چوڻ لڳو: ”بس يار ائين سمجهہ تہ هڪ هوءَ ڪٽل تہ هڪ آءٌ ڪٽل. ڪالهہ پگهار بہ مليو تہ هوءَ بہ ملي. ملاقات تي سمجهوسين تہ ڪو سالن کان اسان جي ڊيٽ ويٽ هجي ۽ هڪ ٻئي جو انتظار پئي ڪيوسين. هونءَ ڪا خراب ڇوڪري نہ سمجهجانءِ. اڄان تہ بالغ ئي هاڻ ٿي آهي. هونءَ سستي قسم جي ميڪ اپ ۽ V.D واريون ڇوڪريون تہ مکين کان بہ گهٽيون آهن هتي، پر هن اڄ ڏينهن تائين ڪنهن مرد کي هٿ بہ نہ ڏنو آهي. ڏاڍي شرم واري ۽ حيا...“

مون انهيءَ دوران وري پئنٽري (رڌڻي) جي سنهي ڪاٺ جي ڇت کي ڏٺو ۽ اتفاق سان هڪ پيچ الڙي رهيو هو، تنهن کي هٿ سان ڪشي ڇڏيم. خالد کي منهنجي ان حرڪت تي ڏاڍي چڙ آئي ۽ وڏيڪ تعريف اڌ ۾ بند ڪري ٻاهر نڪري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون اسلم سان گڏ هيٺ لٿس. ڪوريا جي هن بندرگاهہ جو رستو سمنڊ جي ڪپر سان گڏ وهي ٿو. جيئن روهڙي ۽ سکر وٽ رستي جو ڪجهہ حصو درياءَ سان گڏ آهي. اسان جي جهاز کان اڌ فرلانگ پري، ان رستي وٽ ٿي، اونهو سمنڊ يڪدم تانگهو ٿيو وڃي. اتي ٿنڀن هيٺ ننڍڙا چانهہ پاڻيءَ جا هٽڙا ۽ هوٽلون آهن. نظارو سنڌ‎ٻس پٽ يا منهوڙي جي سامونڊي ڪناري جهڙو آهي. ڪي ماڻهو پٿرائين ڪناري تي ليٽيل نظر ايندا ته ڪي ترڻ ۾ مشغول. ڪي سنا تارو اسان جي جهاز وٽ، اونهي پاڻي ۾ پڻ اچي نڪتا ٿي.

”ڪيڏانهن هلون.“

”هلو ته Beach تي هلون.“ اسلم سامهون ڪناري ڏي اشارو ڪندي چيو ۽ اسين سمنڊ جو ڪنارو ڏيئي اڳتي تانگهي پاڻي ڏي وڌڻ لڳاسين. اسان جي اڳيان به ڪورين ڇوڪريون پڻ اوڏانهن وڃي رهيون هيون ۽ اسان جي وچ ۾ پنج اٺ قدمن جو مفاصلو مس ٿيندو- (يا شايد اسان ڄاڻي واڻي تڪو هلي مفاصلو ايترو تي وڃي پهچايو هو.)

ڪڏهن انسان جو اندر اڻنگين خواهشن خاطر عجيب حرڪتون ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندو آهي پر ٻاهران ڏيکاءَ لاءِ پنهنجي شرافت جي ٽريڊ مارڪ قائم رکندو آهي. ٻاهران زبان سان ته خبر ناهي ڪهڙي فلسفي جون ڳالهيون ڪندا وياسين پر دل ٻڌائي رهي هئي ته اهڙن موقعن تي خوبصورت ڇوڪريون نظارن ۽ ماحول کي وڌيڪ ٿي خوبصورت بنائين ٿيون. اسلم بدران انهن ڇوڪرين مان هڪ مون سان گڏ هجي ها ۽ ٻي اسلم سان- هڪ چاهہ! شايد وحشي چاهہ- ڇئي نٿو سگهان)- جو گهڻو وقت سمنڊ تي، امن

جي وقت باربر تي ۽ چانهه جي باغن ۾ اڪيلو رهڻ ڪري پيدا ٿيندو آهي.

ڇوڪريون ڀُئي خوبصورت هيون. (يا شايد اسان ڪي لڳي رهيون هيون. بلڪ مون کي لڳي رهيون هيون. اسلم جي دل جي مون کي ڪهڙي خبر.) هڪ ڪي هٿ ۾ ڇٽي هئي. نيراني هير جهڙيون ڪومل. استاد بخاري ۽ رتن آڏتاڻيءَ جي گيتن جيان مدرتا سان پُرَ ۽ مادرن. تعريف ڪندي زبان ٿي سڪي. ڪهڙي ڳالهه ڪجي سندن فڪر جي. ( هڪ غير جانبدارانہ راءِ).

اسلم ڪان پڇيم: ”ڪڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ جي ڪڍ لڳو آهين.“ هو شرمائڻ لڳو.

”اڙي تون تہ بنهه ڪنواري ڇوڪريءَ وانگر شرمائي رهيو آهين. مضبوط ڪردار يا شرافت جو،“ مون کيس سمجهائيندي چيو، ”پنهنجو ڪوبہ جدا وجود ڪونهي. اهو فقط چاٽندڙ-سجاٽندڙ نظرن جو قيدآهي. جنهن ۾ انسان ڦاٿو رهي ٿو. جهاز پري رهجي ويو آهي. ڪير ڪونہ پيو ڏسي ۽ هونءَ بہ ڳالهائڻ ۾ ڇا آهي.“

ٿوري بوند بوند اتي وٺي تہ اسلم کي بہ ڇڪي ڇوڪرين جي ڇٽيءَ هيٺيان وچي ٿياسين. جنهن جي شايد هنن بہ اميد رکي ٿي. پر جلدي صاحبزاديءَ ڇٽي بند ڪري ڇڏي ۽ پاڻ بہ مينهن ۾ پسڻ لڳيون. بقول وتائي فقير جي ”مٺو سهسايون ٿي پر ڏٺو نہ“ اسان کي پنهنجي هلڪڙائي ۽ ترڙپائي تي افسوس ٿيو تہ ائين ڇو ڪيوسين. پر جيئن تہ چاٽندڙ سجاٽندڙ نظرن کان پري هٽاسين ان ڪري اهو احساس گهٽي دير نہ رهيو.

بيچ تي پهچڻ سان هو اڳتي وڌي ويون ۽ اسان ڪچونءَ واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چال هلندا. رستي تي فٽنٽا پي هڪ ننڍڙي ٽڪريءَ جي پوئين پاسي وڃڻ لڳاسين. رستي تي سڀ پار ٻچا، ننڍا وڏا، اسان کي چتائي ڏسڻ لڳا تہ ڄڻ ڌاريان ڪٿي جا آهن. ننڍا ٻار ”هيلو هيلو“ چئي ڪيڪارڻ لڳا. هڪ ٻن پوڙهن، جن جو تعلق اڄ جي نوجوانن وانگر امريڪن سان نہ پر جپانين سان هو، سي جپاني زبان ۾ ”ڪونيچيوا“ چئي ڪيڪارڻ لڳا. اسان سيني کي ٻنيان ڇڏي ان ٽڪريءَ جي ٻي پاسي کان ڦري، هڪ وڏي پٿر وٽ ڪاٺ جي رکيل بينچ تي ويهي، سمنڊ ۾ ترندڙ ٻارن ۽ ٻيڙين کي ڏسڻ لڳاسين. ان جبل جي هيٺان لاهيءَ تي پيرن وٽ ڏسون تہ اهي ٻئي رستي واريون ساڳيون ڇوڪريون ويٺيون آهن- هو شايد ٽڪريءَ جي ٻئي پاسي کان ڦري اسان کان اڳ، اتفاق سان، اتي اچي ويٺيون هيون (بس جيئن پاڪستاني ۽ هندستاني فلمن ۾ ٿيندو آهي يا اڄڪلھ جيئن رضيہ بٽ، سلميٰ ڪنول اينڊ ڪمپني جي يوٽوپين قسم جي ناولن ۾ ٿيندو آهي.)

”هيلو! واٽ نيم-؟ اناتانو نومائي وا نان ڊيسڪا؟“ مون ڪائن انگريزي ۽ جپاني زبان ۾ نالو پڇيو. (مون کي سندن امتحان جو فارم يا شناختي ڪارڊ پرٽو ڪونہ هو ۽ نہ معلوم ڪري پنهنجي ناليج وڌائڻي هئي. بس ڳالهائڻ خاطر- اميد تہ معزز پڙهندڙ اڪيئي سمجهي ويا هوندا. ان ڪري چپي چپي تي سمجهو پڙهندڙن کي سمجهائڻ وڏيڪ منجهائڻ برابر آهي.)

اهو سوال هڪ دفعو پڇيو ويو. بلڪ مٿان هيٺ اچليو ويو. ٻيو دفعو پڇيو ويو. ان بعد اسلم پڇين پر مجال جو جواب ملي- ڪراچي جي پبلڪ ٽيليفونن وانگر ماٺ. يا شايد جپاني ڇوڪرين

وغيره، پر ’زبان يار من ترکي نمي دانم نمي دانم‘ وارو قصو هو. اسان کين ڪجهہ جواب ڏيڻ بدران کلڻ لڳاسين، تہ اتي ٻيءَ مڙي چيو: Get-out.

اسلم پٽر ڏيکاري چيس: ”وچ ڙيڍ وڏي آئي آهي گيٽ آئوٽ چوڻ واري.“ پوءِ مون کي منع ڪرڻ لڳو تہ هنن سان هاڻ ڪا بہ ڳالهہ نہ ڪجانءِ. اجايو مٿي تي ٽيون چڙهن. ورندو ڪجهہ بہ نہ.

دل ۾ چيم ”نهيل ڪم ٿي ڦٽائي ڇڏئي. عاشقيءَ جي تاريخ ۾ ڪنهن بہ عاشق صاحب پاڻ وانگر عشق نہ فرمايو. مٿي تي هو چڙهيل آهن يا پاڻ-؟“پر ٻاهران ڪيس چوڻ جي غلطي نہ ڪيم جو سڀ ڪان وڏي اها غلطي ڪري ويٺو هوس جو اسلم جهڙو چسو ۽ غلط ماڻهو اهڙي موقعي تي ساڻ آڻڻ جو ڦاهو ڪاڏو هوم.

ٿوري دير بعد هو ڳڏجي ڪورين راڳ جهونگارڻ لڳيون ۽ آءٌ ڪنڌ هيٺ ڪري سنهو ڳاهہ بہ پٽيندو رهيس تہ اسلم جا دستور موجب ليڪچر ۽ نصيحتون بہ ٻڌندو رهيس. عنوان ساڳيا ڳنڌل پيٺل هئا جن تي هو ڳالهائي رهيو هو- شايد سٺائي ۽ خرابي، سچ ۽ ڪوڙ، گناهہ ۽ ثواب، غلط ۽ صحيح ڳالهين بابت- پر ان وقت ڇوڪرين جي اسڪرٽن ۽ انگين ۾ وچڙيل ۽ اوچڙيل منهنجو ذهن، اسلم جي انهن نيڪ ڳالهين سمجهڻ ڪان بلڪل پڙ ڪيڏي بيٺو رهيو. آءٌ سوچڻ لڳس تہ ’هيڏي وڏي شهر ۽ ڪناري تي پهچڻ بعد بہ ڪيڏي تنهائي ۽ اڪيلائپ محسوس ٿي رهي آهي ۽ آئون ڪيڏو جنسي طرح بکايل محسوس ڪري رهيو آهيان. ڪنهن اُجايل سِپ جيان برسات جي هڪ بوند لاءِ واجهائي رهيو آهيان.‘

اسلم کي چيم تہ گهٽو ٿي ٿيو. اٿ تہ شهر هلون. اڄ آخري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات آهي. سيان جهاز هتان لنگر کڻندو. اٺڻ وقت ٻنهي ڪورين ڇوڪرين هٿ لوڏي جپاني زبان ۾ سايونارا چيو. اسلم کي چيم: "ٺهيو واٺئي ڳڙ کٽي نہ ڏنو پر ڳڙ جهڙي مٺي ڳالهہ تہ ڪئي."

ٿورو اڳتي هلي پڪي رستي تي اچي بس ۾ چڙهياسين. بس ۾ چوڏاري عورتون ۽ ڇوڪريون ويٺيو هيون. (مرد بہ هئا پر انهن جو ذڪر غير ضروري سمجهان ٿو، پنهنجي لاءِ بہ تہ پڙهندڙن لاءِ بہ- جيڪي خبر ناهي ڪهڙيون اميدون رکيو ويٺا هوندا.) اسلم بس جي اڳين بينچن مان هڪ تي وڃي ويٺو ۽ ويهڻ سان پنهنجو فلسفو پاڙي وارن کي ٻڌائڻ لڳو. ڪيتريون ئي خالي سيٽون پڻ هيون پر آئون هڪ اڌيڙ قسم جي عورت جي پرسان خالي جڳهہ تي وڃي ويٺس، سندس مسڪراهٽ ڏيڻ ڪري بہ. ڪافي دير چپ چاپ ويٺا رهياسين. هڪ هنڌ بس جي لوڏن تي اسان جا گوڏا هڪ ٻئي سان گسڻ لڳا. (بلڪ بس جي لوڏن ڪان وڌيڪ ان ۾ منهنجي ميري من جو حصو گهٽو هو، شايد.) هن ڪجهہ ڪونہ ڪڇيو. ڇا سمجهان-؟ چور جي همٿ وڌي. پنهنجو هٿ سندس هٿ پرسان رکيم. هن جلدي ۾ پنهنجو هٿ پري ڪري ورتو. منهنجي ڇهين حواس مون کي خطري جو چتاءُ ڏنو. مان چپ چاپ شريف ماڻهو بڻجي ويهي رهيس ۽ منهنجو دوست اسلم تہ ويهڻ سان پير وارن کي شرافت جون ڳالهيون ٻڌائي متاثر ڪري رهيو هو.

وچ شهر ۾ پهچڻ تي بس مان لهي پياسين ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندا رهياسين. پيا بہ ڪيترا جهازي شهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن رلي رهيا هئا. هڪ دڪان اڳيان جهاز جو ڀنڊاري (بورچي) هڪ حسين ڇوڪريءَ سان گڏ نظر آيو. سچ لهي چڪو هو پر اڃا ٿوري روشني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. هڪ ٻن هتي جي ڪورين همراهن ڪلهو هٽي صاف انگريزيءَ ۾ ڳجهي طرح پڇيو تہ "ڪجهہ ڪپي؟" هو هن شهر جا دلال هئا. مون کين اک ۾ رکندي في الحال اسلم جي دل رکڻ لاءِ نہ ڪئي، جو سڄي جهاز تي اسلم ئي هڪ ساک پريو انسان آهي. اسلم Shopping جي موڊ ۾ هو. ڪيس چيم تہ خريداري ڪري وٺ ان بعد ٽوڪي واپس وڃڻ لاءِ بس ۾ ويهاري ڇڏيندس. تون جهاز تي هليو وڃجانءِ. آءٌ دير سان ايندس. جي ان ڪان اڳ هتي دستور موجب ڪرفيو لڳي ويو تہ رات هن هوٽل ۾ گذاري صبح جو جهاز تي ايندس.

هڪ وڏي ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ گهڙياسين. اسلم ان جي در وٽ هڪ ڪائونٽر تي ڊالر ڏيئي ڪوريا جا پئسا مٽائڻ لڳو. تيسين آءٌ اڳين ٽن چئن اسٽالن تي رکيل شين کي درگذر ڪري، انهن اڳيان بيٺل ڇوڪرين کي X-Ray نگاهن سان ڏسندو ڪنڊ واري اسٽال تي فوٽو، ويو ڪارڊ، ۽ هٿ جا ٺهيل رانديڪا ڏسڻ لڳس. ننيڙي قد واري ڇوڪريءَ بيباڪ نموني سان 'هيلو' ڪئي. سڄي اسٽور ۾ اهائي سڊول جسم واري هئي. هن پيا بہ رنگين ڪارڊ اڳيان وڌايا آءٌ سندس توانو ۽ سيڪسي جسم کي ئي تڪيندو رهيس.

ڪجهہ دير اڳ نظر آيل بورچي ۽ ساٿس گڏ بيٺل ڇوڪري وري ڏيان ۾ آيا. هن ڪائونٽر واري ڇوڪريءَ جهڙي ئي سهڻي هئي. پڪ ڪنهن دڪان يا هوٽل تان ڪنئي هوندائين. رستي تي هلندڙ ۽ اڏن تي ويٺل تہ ائين ئي آهن. ڇا ياد ڪندو پنڊاري ٻہ. ۽ ڇا آءٌ بہ ياد ڪندس! گهٽ ۾ گهٽ سياٽي Sailing وقت ڪئڊٽ خالد سان ساڳي عنوان تي مزي سان ڳالهائي سگهندس. حسرت

سان فقط ھن جون ڳالھيون نہ ٻڌندس.

ڪيتري نہ پياري آھي ھيءَ. سندس جسم ڪي وري گھوريم. ”انگ انگ ۾ ڄڻ تہ آڳ اٿس. يا ڪٿي منھنجي آڳ مون کي ساڙي رھي آھي.“ ڇرين وانگر ھڪ دفعو وري ڪارڊن تان اکيون ڪٽي ڇوڪريءَ جي ايامنڊڙ سيني کي ڏسان ٿو... سوچون ۽ وحشي خواھشون ڇرن وانگر دماغ جي ميڄالي کي چنبڙڻ لڳن ٿيون. وحشي خواھشون ؟ ٿي سگھي ٿو خواھشون وحشي نہ پر Sexy ٿينديون ھجن. سيڪس خراب آھي يا سٺو- ڪجھ نٿو چئي سگھان. سخت منجھيل آھيان. سڪيس ضروري آھي، ڪاڏي پيتي وانگر- اھو ھن وقت في الحال خاطريءَ سان چئي سگھان ٿو. يڪا سارا چار مھينا سمنڊ تي رھڻ بعد!

ڪورين ڇوڪريءَ کي آءُ ائين ڏسان ٿو، جيئن ٻڪايل ڪانگ ٻار جي ھٿ ۾ ڪيھ ٻڏل مانيءَ ڳيو ڏسي تڪي. ھوءَ اڳتي ٿورو وڌي مون سان لڳي ويھي ٿي. منھنجي ھمت وڌي ٿي. خواب ٿي سھي پر محسوس ڪريان ٿو تہ ڪجھ ٿيڻ وارو آھي. خاموشي کي ختم ڪرڻ لاءِ ”تنھنجو نالو ڇا آھي ؟“ اھو ئي جملو منھنجي وات مان نڪري ٿو ۽ پڇانس ٿو.

”منھنجو نالو ميومي آھي، جنھن جي معنيٰ ساوڪدار وڻ. ۽ تنھنجو نالو- ؟“

”شريف- يعني نالو شريف آھي، جنھن جي معنيٰ ڪجھ بہ نہ.“ آءُ بيزاريءَ مان وراڻيان ٿو. (ضمير ملامت ڪري ٿو، پر منھنجو ڏوھہ ناھي. مائٽن غلط نالو رکيو.)

”انڊين آھين -؟“ ھوءَ پڇي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بس ائين ئي سمجھ تہ ڪوريا جهڙي، ايشيا جي هڪ ٻئي مسڪين ملڪ جو رهاڪو آهيان.“

ان بعد ”تنهنجو گهر ڪٿي آهي، ڀڳهار گهٽو آهي...“ ۽ ٻيون هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون- جي مقصد واري ڳالهہ تي پهچڻ کان اڳ ڪبيون آهن.

”دڪان ڪڏهن بند ٿيندو- ؟“

”ڏهين بجي. پر آءٌ تو ڪاڻ نائين بجي ئي موڪل وٺنديس پر توکي ڪلاڪ بعد مون کي ڇڏڻو پوندو.“

اسلم خريداري ڪري ويجهو اچي ٿيو هو. اسلم کان لڪي، ساٿس هٿ ملائي في الحال موڪلايم. ان وقت اجا اٺ ٿيا هئا. ڊپارٽمينٽل اسٽور کان ٻاهر نڪري اسلم سان هيڏانهن هوڏانهن ڦري وقت گذارڻ ۽ سندس پئسا جلد ختم ڪرائي کيس واپس جهاز تي موڪلڻ جا سٽ سٽڻ لڳس. اسلم هڪ اڌ ٻڪري شاپنگ ڪئي ۽ آنڊل پئسن جي آنگ لاٿائين. کيس ٽئڪسيءَ جو ڀاڙو ٿي سو وان بہ في الحال مون ڏنو ۽ روانو ٿيو.

واچ ۾ ڏٺم. اجا بہ نون ۾ ويهہ منٽ هئا. ڦري گهري وري ان ساڳي ڇوڪريءَ وٽ وڃي بيٺس جيئن سگهٽا ٻار چلهہ اڳيان ديڳڙي لهڻ جي انتظار ۾ اکيون هٽي ويهندا آهن. هڪ پنجاهہ سالن جي وٽ جو همراهہ ان وقت سندس ڪائونٽر وٽ بيٺو هو. ميوميءَ تعارف ڪرايو تہ سندس پيءُ آهي. اهو ٻڌي منهنجي ڪاڪ محل جا بنياد لڏڻ لڳا. هڪ اڻچاڻ خوف- ڪنهن سڌ پوري نہ ٿيڻ جو، ذهن جي ٻڙڪين مان ليٽا پائي ڊيڄارڻ لڳو ۽ پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪرڻ لڳس. اسلم کي بہ ٻيڙو تي واپس موڪليم ۽ هو جهاز تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيلو بور ٿي رهيو هوندو. شام جو ڪورين همراهه رستي تي مليا هئا. انهن 'سونهن' کي به هٿان وڃايم. ڪرفيو لڳڻ ۾ باقي ٻه ڪلاڪ. بڪايل ڪتي وانگر هاڻ ڪتي نوس نوس ڪرڻي پوندي. نه چاهيندي به تڪلف خاطر ميوميءَ جي پيءُ سان ڳالهائڻ لڳس. انگريزي ڪونه ٿي سمجهيائين. جپاني (نهان گو وڪاري ماس) سمجهيائين ٿي. سندس ڏنڌو ڌاڙي معلوم ڪرڻ لاءِ پڇيومانس:

"انا تانو اوشي گوتوا نان ڊيسڪا؟"

"ڪجهه به نه- !"

اتي ميوميءَ نفرت مان انگريزيءَ ۾ ٻڌايو ته هن جو پيءُ ڏڪڻ اوير ايشيا جي انهن ٽوٽي مردن مان آهي جيڪي سڄو ڏينهن رڳو حقو ويهي پيئن ۽ عورتن جي ڪمائي تي پاڙين.

ميوميءَ کان پڇيم ته پوءِ پلا پروگرام پڪو يا ڪئنسل؟

"پڪو. پر پئسا منهنجي پيءُ کي هينئر ڏي."

"۽ ڏهين کان پوءِ هوٽل تي نه ترسنديس."

"چو پلا."

"بزي آهيان."

ضد ڪرڻ بهتر نه سمجهيم، جو سڄو ڏينهن دڪان تي ڊيوٽي ڏيڻ واري لاءِ ڏهين ڪانپوءِ گهر وڃڻ ضروري آهي. وقت وڃائڻ بدران مون 'اڄ جا اگهه' واري ڪالم تي معلومات وٺي سندس پيءُ جي هٿ تي پئسا رکيا.

نَوَن ۾ اجا پنج منٽ هئا. خوشيءَ ۾ ڀڪي رهيو هوس، ڇڻ ڪنهن بکئي کي ڏينهن بعد يڪو ٻن وقتن جو کاڌو ملي ويو. ڇڻ ڪنهن قيديءَ کي آزادي ملي وئي. آءُ بيپرواهه بادشاهه وانگر

اسٽور ۾ ميومي جي اسٽال اڳيان ڇهل قدمي ڪرڻ لڳس. هاڻ مونکي هن ڪاڪ محل جو طلسم سمجهہ ۾ اچي ويو هو.

ميوميءَ جو ڀيءُ ڪنڌ ۾ وائڙن وانگر هڪ ديسي ردي سگريٽ دکائي رهيو هو. ايتري ۾ سامهون رستي جي پرئين پر ڪنڊٽ خالد تي نظر پئي. هو رستو ٽپي هيڏانهن اچي رهيو هو. مون ۾ اهو ئي چاهيو ٿي تہ جيڪر هو هيڏانهن مون ڏي اچي تہ ڪيس هيءَ حور ڏيکاريان. جنهن جي بقول امداد حسينيءَ جي، جڳمڳ جڳمڳ جسم ڪان اڳتي واقعي 'اوٽنهين جي اونداهيءَ' آهي. خالد منهنجو گهاٽو دوست آهي. جيتوڻيڪ عهدي ۾ننڍ وڏائي آهي پر ڊيوٽي بعد هڪ ٻئي سان ڪو تفاوت نہ رکندا آهيون. هو رستو اُکري ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ ئي آيو پئي. دروازي واري ڪائونٽر وٽ بيٺل ڇوڪريءَ سان ڪيچل ڪندو پنهنجن ئي خيالن ۾ مون طرف وڌيو. اوچتو مون تي نظر پيس تہ وائڙو ٿي پڇڻ لڳو

"اڙي راجا! هتي ڪٿي."

"بس يار جنت، جهنم ۽ هن بناوٽي دنيا جي ٽوانٽي تي. تون ڪر خبر. ڪٿي آهي تنهنجي پري پيڪر. ملئينس؟"

"نہ. هاڻ تہ ملڻ لاءِ واندو ٿيو آهيان. هونئن ۾ دير سان ملڻ جو پروگرام آهي. ڏهين ڪانپوءِ جوانن جون راتيون جوان ٿينديون آهن." هن پنهنجو ڳاڙهو اسڪارف ٺاهيندي اڪ پيچي ڇيو. مون ۾ ٺهڪ ڏيئي (تمام وڏو) هٿ ملائيندي وري پڇيم:

"ڪٿي آهي تنهنجي ڊيٽ؟ يلا يارن کي ۾ نہ ڏيکاريندين ڇا-؟"

"يارن سان تہ سر لڳن. دوستن ڪان اڄ ڏينهن تائين ڪا ڳالهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪائي ٻه اٿم. اها ڀنيان ٿي ته ٻيئي اٿئي."

هن ميوميءَ ڏي اشارو ڪيو. ان جاءِ تي جيڪر ڪو ٻر ڦاٽڻ يا هوائي جهاز Hijack ڪرڻ جي خبر ٻڌائي ها ته ايترو اچرج ۽ صدمو نه رسي ها. ميومي اسان ٻنهي کي ڳل ڏسي ششدر ٿي رهي هئي. دل چيو ته چوانس ته خالد، ڇڏ چرچا. پر هو ته بلڪل سنجيدگيءَ سان چئي رهيو. زبان ڇپ جهڙي ڳري ٿي وئي. ڪجهه ڪچي نه سگهيس، جڏهن ڳالهاير ته مونکي پنهنجي آواز اوپرو ۽ ڏاريون لڳو.

" ڪرفيو کان اڳ ايندين- يا - پوءِ؟"

" يار اڄ رات وري ڇا جو جهاز. ڏهين کان صبح تائين هن جي گهر ٽڪڻ جو پروگرام ٺاهي چڪو آهيان ۽ هونءَ به اڄ ڪهڙو ڪافر جهاز تي هوندو. تون ڏي احوال- ؟"

ڪيس جواب ڏيڻ بدران اسٽور مان نڪرڻ لڳس. خالد شايد تعارف ڪرائڻ لاءِ مونکي سڏڻ لڳو. پر تيسين آءُ دڪان کان ٻاهر نڪري آيس ۽ بس اسٽاپ ڏي هلندو ويس. هلندو ويس. رات جي ڪري ٿڌ وسي رهي هئي، پر مونکي ائين محسوس ٿيو ڇڻ ڪلاڪن کان نٿهڻ اُس ۾ هلندو وڃان- پنڌ ٿي پنڌ. اڪيلو ٿي اڪيلو. ٿڪل ۽ ٿڪل .

1972ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## One is enough

وڏي لڙائي، ٻي جنگ عظيم 1945ع ڌاري ختم ٿي، جا 1939ع جي آخري مهيني کان شروع ٿي هئي جنهن ۾ هڪ دفعو وري دنيا جي ڪيترن ملڪن حصو ورتو هو. ڪمزور ۽ هيٺو هيڻاهون ٿيو هو. طاقت ۽ شوخيءَ انسان کي هڪ دفعو وري هوس جي باهہ ۾ ڌڪي ڇڏيو هو. ڪاميابي ۽ سوڀ جي نشي ۾ جرمني ۽ جپان پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪيو. جرمن فوج، پولينڊ تي حملو ڪري ان کي چيچڙي ڇڏيو. ان بعد برطانيہ ۽ فرانس بہ حرڪت ۾ اچي ويا. جرمن، انگريزن جو جهاز اٿينيا ٻوڙي ڇڏيو ۽ انگريزن جرمني جي 'ڪيل ڪئنال' ۾ بيٺل فوجي جهازن تي گولن جو وسڪارو ڪري ڏنو. روس جي فوج، پولينڊ جي سرحد تي پهچي، ان بعد فنلئينڊ جي اڳين چوڪين تي قبضو ڪري ورتو. بيلجم، هالينڊ ۽ لڪسمبرگ جرمن نازي فوج جي قبضي ۾ اچي ويو. اٽليءَ جرمنيءَ جو پاسو ورتو ۽ انگلينڊ ۽ فرانس تي حملو ڪري ڏنو. جرمن ٽروپ پوءِ رومانيا ۾ ڌوڪي آيا. ان بعد جرمن فوج يونان تي حملو ڪيو. جرمن، جرمن ۽ جرمن... يورپ پاسي جرمن فوج ڌمڪاءَ وجهي ڇڏيو هو، تہ مشرق پاسي جپاني فوج.

O

هڪ ٻئي پٺيان ڏور اوير جا ملڪ، جپاني فوج فتح ڪندي وئي. فلپين، سينگاپور، نيوگني، سولومن ٻيٽ، هانگ ڪانگ، ملايا ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر اچي برما ۾ نڪتا هئا. پر ۾ اسان جو ننڍو ڪنڊ (گڏيل هندستان)هو.

هندستان ۾ واويلا مچي ويئي تہ اجهو ٿا جپاني اچن. اسان کان وڌيڪ انگريزن جو ساهہ مٺ ۾ هو، جو جپاني هڪ ٻئي پٺيان ٻين ٻيٽڪن کي تہ قبضي ۾ ڪندا آيا، هاڻ ماڳهين هندستان جهڙي يلي مينهن، جنهن کي ٽي سؤ سالن کان انگريز سرڪار مهلو ڪمهلو، ڪارائڻ بنا، فقط ڍهندا پئي آيا، سا بہ هٿان ٿي وئي. انگريزن پنهنجي انگريز فوج سان گڏ ننڍي ڪنڊ جا گورڪا، پٺاڻ، پنجابي، مرهٽا ۽ سک سپاهي برما، سنگاپور ۽ ملايا وغيره موڪليا، جيئن جپانين کي مُنهن ڏيئي سگهن. پر جپان ڏينهون ڏينهن وڌ هو.

اسان جي ننڍي ڪنڊ جا فوجي ۽ ماڻهو، انگريزن جي ڏنل ان اميد ۽ ڏڍ تي بہ سندن پاسو وٺي بيٺا تہ وعدي موجب انگريز بادشاهہ، فتحيابي بعد هندستان کي آزادي ڏيندو، ۽ سالن جي غلاميءَ بعد آزاديءَ جو سج ايري سگهندو. بي صورت ۾ اسان لاءِ هڪڙن جي غلاميءَ مان نڪري ٻين حاڪمن (جپانين) جي ور چڙهڻو هو. سيني جي نظرن ۾ جپاني وڌيڪ وحشي لڳا ٿي، جن انسان جو جيئڻ هن ڌرتيءَ تي جنجال ڪري رکيو هو. سندن ظلم ۽ سنگدليءَ جا قصا ٻڌي لڱ ٿي ڪانڊاريا. اسان جو هڪ پاڪستاني دوست اڄ بہ جپاني مردن جو سخت جسم، گورکن جهڙو هڏائون ۽ مضبوط منهن، ويڙهاڪ ۽ رکو نمونو ڏسي چوندو آهي تہ کهڙا تہ رکا ۽ گهمنڊ ڀريا آهن، اچا تہ امريڪن جي قبضي ۾ آهن. جي جنگ کٽين ها يا هيٺر بہ امريڪا هٿ ڪيڍي ۽ فقط کين فوج رکڻ جي موڪل ڏئي تہ هي تہ وري ٻيو دفعو ٻائيتال مچائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

هيءَ لڙائي سال پنيان سال جاري رهي. امريڪا ان جنگ ۾ ڀرپور چڱي طرح شامل نہ هو پر ڇهين ڊسمبر 1941ع ۾ جپانين طاقت جي مستي ۾ اچي هروڀرو پرل هاربر Pearl-Harbour تي بيٺل امريڪن جهازن تي حملو ڪري هن کي سنئون سڌو مقابلي لاءِ آماده ڪيو.

سڀ ملڪ متو هٽي رهيا هئا، پر جپان وٺ ڏيڻ بدران پنهنجن حملن ۾ جنگي ڪيڏن کي وڌائيندو رهيو. خبر ئي نٿي پئي تہ هن جنگ جو انت ڪڏهن ايندو. آخر اوچتو 1945ع جي آخر ۾ هڪ ڏينهن جنگ اوچتو ائين بند تي ويئي جڻ ڪنهن ٻاهه مٿان انيڪ مٽ پاڻيءَ جا وجهي هڪدم وسائي ڇڏي هجي. جپان، جو سڄي دنيا تي فتحيابي جو خواب ڏسي رهيو هو، تنهن جو سڄو فخر ۽ هٺ پل اندر اچي پٽ سان لڳو.

ڇهين آگسٽ 1945ع جي صبح جو سوا اٺين بجي جپان جي موسم صاف هئي ۽ جپانين جي خواب خيال ۾ بہ نہ هو تہ چند گهڙين بعد ڇا ٿيڻو آهي. ماڻهو آفيس ڏي وڃي رهيا هئا. گهرن جون عورتون نيرن جو ڪم لاهي سيڌي لاءِ مارڪيٽ ۾ خريداري ڪري رهيون هيون ۽ ڪي گهر ۾ صفائي ۾ لڳيون پيون هيون. ٻار ڪتابن جا ٿيلها کڻي پنڌ ٽرامن ۽ بسن رستي اسڪولن ڏي وڃي رهيا هئا تہ آمريڪا، جپان جي ٻن وڏن ۽ مکيہ شهرن ناگاساڪي ۽ هيروشيما تي هڪڙو ئي ائٽم بم هوائي جهاز رستي ڪيرائي جپان کي آڻ مڃڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو. ان ڪان وڌيڪ خطرناڪ بم اڄ تائين ڪڏهن ۽ ڪٿي بہ نہ ڪيرايو ويو آهي. ان ائٽم بم جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قطر تي فٽ ۽ ڊيگهہ ڏهہ فٽ هئي. تور هڪ سؤ ويهہ مڻ. جنهن جاءِ تي اهو بم ڪريو هو ان جاءِ تي تہ اونهي کڏ ٿي پئي هئي، پر سڄي شهر ۾ ڄڻ تہ زلزلو اچي ويو هو. وڏيون توڙي ننڍيون عمارتون اچي پٽ تي پيون هيون. شهر ۾ مختلف هنڌن تي بيٺل ۽ هلندڙ ٽراموں پٽي تان لهي وڃي پري ڪريون هيون.

هيروشيما تي جيڪو بم ڪيرايو ويو هو ان جي ڦاٽڻ جي طاقت ويهہ هزار ٽن هئي ۽ گرمائش جو درجو ٻہ هزار سينٽي گريڊ هو. ان گرمائش جو ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اسان وٽ سخت اونهاري ۾ پنجيتاليهہ ڊگريون گرمي ٿي ٿئي ۽ سؤ ڊگرين تي پاڻي ٻاڦ ٿيو وڃي. سو ايڏي گرمائش جو اثر ميلن تائين محسوس ڪيو ويو ۽ پري پري تائين پٿر، شيشو ۽ لوهہ بہ ونڙجي ڇپو ٿي ويو. ۽ اها اٽامڪ لهر (Atomic Wave) جيئن جيئن مرڪز کان پري پکڙندي ويئي تيئن اتي جي ماڻهن جي نہ فقط ٻاهرين جسم تي اثر ٿيو پر اندرين عضون ۽ رتوبت تي پڻ. جيڪي مرڻ کان بچي ويا تن مان ڪيترن کي اکين جي بيماري Glossitis ۽ زبان جي ناسور جي بيماري تہ عام ٿي پئي. ايتري قدر جو پوءِ جيڪو اولاد پيدا ٿيو انهن تي پڻ بم جو اثر قائم رهيو. ڪيترن سالن تائين لولا، لنگڙا ٻار هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ جي ماڻهن کي ڄمندا رهيا.

بم ڪرڻ کانپوءِ علاج لاءِ ڪيتريون ئي عارضي اسپتالون ۽ ڪئمپون کوليون ويون ۽ ڊاڪٽرن جا جٿا مدد لاءِ ڪم ڪندا رهيا پر بم جي گرمائش ۽ ائٽمي لهر جو انسانن جي جسمن تي اهڙو تہ سيڪ آيو جو زخمن جو تاب نہ جهلي مرد، عورتون، ٻار ٻچا هڪ ٻئي پٺيان مرندا ويا جن کي دفن ڪرڻ بدران يڪا ڍيرن جا ڍير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڙي ڦلهير ڪيو ويو. چون ٿا تہ مهيني کان بہ مٿي اهو سڙڻ جو دونهون، سڄي شهر مان، مٿي آسمان طرف اڀرندو رهيو.

O

اسڪولي ڏينهن ۾ Quiz مقابلن ۾ اهو سوال عام هوندو هو تہ ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ ڪهڙن شهرن تي بم ڪيرايو ويو. جواب ’ناگاساڪي‘ ۽ ’هيروشيما‘ هر هڪ کي ياد ٿي ويو هو. ان سان گڏ انهن شهرن جي تاريخي اهميت پڻ. جيتوڻيڪ جپان ۾ ڪيوٽو، نارا، مياجيما، تويوما ۽ نگاتا جهڙا ڪيترائي شهر وڌيڪ پراڻا ۽ تاريخي آهن، پر اسان جهڙن ڌارين جي دماغ ۽ زبان تي جپان جي حوالي سان ٽوڪيو ۽ اوساڪا کانپوءِ هيروشيما ۽ ناگاساڪي شهر هوندا آهن.

جڏهن پهريان بہ چار دفعا جپان آيو هوس تہ منهنجو هر دفعي ٽوڪيو، اوساڪا، ڪوبي، نگويا ۽ يوڪاهاما ۾ اچڻ ٿيو ٿي ۽ هر دفعي هيروشيما يا ناگاساڪي ڏسڻ بنا جپان ڇڏڻ وقت اهو احساس رهندو هو ڄڻ ميلي تي اچجي پر ملاکڙو نہ ڏسجي.

ڪوبي ۾ ڪيترائي جپاني دوست ٿيا. انهن مان هڪ هيروشيما جو آهي. خبر ناهي ڇو هن لاءِ مونکي سڀ کان وڌيڪ پيار ۽ همدردي جا جذبا آهن. هن سان هر دفعي هيروشيما ڏسڻ جي خواهش ڪندو هوس پر ڀري هجڻ ڪري پروگرام نہ ٺهندو هو.

هڪ دفعي اوساڪا جي ريلوي اسٽيشن تي هڪ جپاني عورت سان ملاقات ٿي. بس اها خبر پئي ٿي تہ هوءَ اشرف المخلوقات آهي. باقي هن جو منهن ڏسي ڊپ ٿي لڳو. سڄي منهن ۽ ڳچيءَ تي ڊاڪٽري آپريشن جي ٽانڪن ۽ وڍ ڪٽ جا نشان هئا. سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جسم جي ڪيترن ئي ڀاڱن جي چمڙي ڪڍي جسم جي ٻين حصن تي Transplantڪيل هئي. پاڻ ڪنهن جهازران ڪمپني ۾ هڪ تمام وڏي عهدي تي هئي. ڳاڙيءَ ۾ هڪ ٻئي پرسان ويهڻ ٿيو تہ ڳالهين ڪندي پڇيومانس تہ آيا سندس ڪو حادثو ٿيو آهي. پاڻ ٻڌايائين تہ هوءَ انهن چند بچيل ماڻهن مان آهي جن تي بم جو اثر ٿيو هو، ۽ هوءَ هيروشيما جي آهي. مونکي ان بدنصيب ۽ ڊنل شهر ڏسڻ جو شوق ٿيڻ وڌندو ويو، جنهن تي بم ڪرڻ تي ئي جنگ عظيم ختم ٿي، ۽ هڪ دفعو وري دنيا امن جي فضا ۾ ساهہ کنيو.

ٽوڪيو يا اوساڪا کان گاڏيءَ رستي هيروشيما وڃڻ پري هو جيتوڻيڪ هتي جي تيز رفتار (Bullet Train) سؤ ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي ٿي ۽ جهاز رستي اسان جو ان بندرگاهہ سان ڪو واسطو نہ هو.

پر هن دفعي جڏهن سنگاپور ۾ اسان جي جهاز تي عمارتي ڪاٺ ٻئي رکيو ويو تہ هڪ سنگاپوري بندري قد جي مزور کان پڇيم تہ هي ڪارگو ڪٿي جو اسان جي جهاز تي چاڙهي رهيا آهيو؟
”هيروشيما لاءِ.“

اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيس ۽ سامان جي گهٽائيءَ مان اندازو لڳايم تہ گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ ست ڏينهن هيروشيما ۾ ضرور ترسڻ ٿيندو.

O

۽ اڄ اهو شهر جنهن کي ڏسڻ جو ڪيترن ئي سالن کان ويچار هوم تنهن جي پنجين نمبر اليڪٽرڪ ٽرام ۾ وينو آهيان جا بندرگاهہ کان ’موتو ماچي‘ بازار تائين هلندي. هيءَ بازار شهر جي وچ ۾ آهي ۽ حيدرآباد جي شاهي بازار وانگر ڊگهي آهي. اها بازار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لتاڙڻ بعد آخر ۾ حيدرآباد جي پڪي قلعي وٽ تہ نہ پر هتي جي مشهور باغيچي Peace park کان وچي نڪربو. اهو پارڪ بم جي تباهي جي ياد ۾ ٺهيل آهي. مون کي اڄ سڀ کان پهرين اهو ڏسڻو آهي. ان کانپوءِ هتي جون پيون شيون.

ٽرام چڱو تکو هلي پئي پر ذري ذري ڳاڙهي سگنل (اسٽاپ) اچڻ تي ترسي ٿي . جهاز جو عملو هر روز شهر جو الڳ الڳ حصو ڏسي پنهنجي سڄي ڏينهن جي ڪارگذاري پئي ڏينهن صبح جو ناشتي تي ٻڌائيندو آهي. اسانجو جهاز تہ ڪارگو شپ آهي پر هڪ پئسينجر (مهمان جي صورت ۾) شمس صديقي (مظهر ۽ جهانگير صديقي جو ڀاءُ) پڻ آهي جو ڪراچي تائين اسان سان گڏ هلندو. اسان جي پهرين کان واقفيت هجڻ ڪري اسانجي ڏار پڻ ڪچهري ٿيندي آهي. رات چيومانس:

”يار هيروشيما شهر بابت منهنجو تہ سڄو تاثر غلط ثابت ٿيو. مون تہ سمجهيو پئي تہ هيروشيما جو شهر خدا آباد يا اروڙ جيان کنڊر ۽ ڀڳل عمارتن جو ڍير هوندو. پر هي جپاني تہ پولش، يوگوسلاوين ۽ جرمنن کان بہ تکا نڪتا جو سڄو شهر نئون ۽ وڏيڪ خوبصورت ٺاهي بہ ورتائون. هي وڏا وڏا ڊپارٽمينٽل اسٽور، هي عمارتون، هي پارڪ، هي ماڊرن تيز رفتار گاڏيون ۽ اليڪٽرڪ ٽرامون، ايئرڪنڊيشنڊ زمين دوز ريلوي اسٽيشنون ۽ ڊگهيون پليون- ڪير چوندو تہ ڪجهہ سال اڳ هن شهر تي ائٽم بم ڪريو هو.“

”مان بہ اهو پيو سوچيان ۽ ساڳي وقت جپانين جي محنت ۽ ترقي کي داد تو ڏيان. هونءَ هتي نموني خاطر فقط هڪ ڊٺل جڳهہ ان صورت ۾ ڇڏي ڏني آهي، جيئن ڪٿي مان خرار جو پتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوي. اها عمارت پيس پارڪ (Peace park) ۾ آهي." شمس ٻڌايو.

شمس مڙيئي گھمڻ جي معاملي ۾ اسان کان وڌيڪ خوش قسمت آهي جو هو 'مسافر' آهي ۽ اسان وانگر هن کي هر وقت ڊيوٽيءَ جو فڪر ناهي. سو پهرين ڏينهن ئي هر(Port) ۾ ڪافي سٺي سروي ڪري اسان جو گائيڊ ٿي صلاح مشورو ڏيندو آهي- مفت ۾.

O

۽ هينئر پنجين نمبر ٽرام ۾ اوڏانهن وڃي رهيو آهيان. هتي جي ٽرام ۾ ويهڻ لاءِ سيٽون عام بسين وانگر هڪ ٻئي پٺيان نه آهن پر هڪ ئي سيٽ ٽرام جي چوڏاري آهي. وچ سڄو خالي، جيئن رش جي وقت گھٽ کان گھٽا ماٺهو بيهي سفر ڪري سگھن.

هن وقت صبح جا يارهن ڪن ٿيا آهن. ڪي ٿورا پوڙها ۽ اڌڙوٽ مرد ۽ عورتون ويٺا آهن. جن کي ڪنهن آفيس يا ڪاليج يا ڪنهن ڪم تي وڃڻو نه آهي. اڌ کان وڌيڪ کي انگريزي لباس سوٽ ڪوٽ ۽ عورتن کي اسڪرٽ آهن. ڪن کي هتي جي مشهور روايتي ڊريس ڪمونو پڻ پهريل آهن. 'ڪمونو' (Kimono) گائون وانگر يڪو چوغو ٿئي پر تمام قيمتي ڪپڙي جو ٿئي. ٻيڙن بدران ويڪرو ڪپڙي جو پٽو ٿئي، جنهن کي 'اوبي' سڏجي ٿو. شادي شده عورتن جون ننڍيون ٻانهون ٿين ۽ ڊگھين ٻانهن جي معنيٰ ڇوڪري اڃان ڪنواري آهي. 'ڪمونو' تي هميشه اڇا جوراب ۽ هڪ خاص قسم جو چٽمپل پايو وڃي ٿو جو عام اسپنج جي چپل جھڙو ٿئي. هونءَ عام طرح يورپ ۽ امريڪا وانگر هتي پڻ اڇا جوراب نابالغ هجڻ جي نشاني سمجھيو وڃي ٿو ننڍي عمر جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپ چوڪريون اڇي رنگ جا ڏڳها جوراب پائين. پر اهو قاعدو ڪمونو سان لاڳو ناهي. ڪمونو تي ننڍيون وڏيون اڇا جوراب پائين.

ٽرام ۾ سپ چپ چاپ ويٺا آهن. ٽرام جنهن وقت بيهي ٿي تہ اهڙي ماٺ ڇانئجيو وڃي جو جنهن لاءِ انگريزيءَ ۾ چيو ويندو آهي تہ 'ٽاچني ڪيرائجي تہ ان جو بہ آواز ٻڌي سگهجي.' (والله اعلم. تجربو ڪري پاڻ نہ ڏٺو) ها، باقي هلڻ وقت، ان جي ڪنل ۽ پراڻن ڦيٿن جا چيڪاٽ، ربو چاڪيءَ جي گهاٽي ۽ شاهن جي نار وانگر، وڏا ٿا ٿين. انجڻ تہ مهڙين ٽرامن کي ٿئي ڪونہ، اليڪٽرڪ ذريعي هن جا ڦيٿا اڳيان پويان هلن. ٽرام جنهن رستي تان هلي ان مٿان اليڪٽرڪ جي اگهاڙي تار هوندي آهي. ٽرام جي ڇت تي لڳل لوهي لٺ ان تار سان ٽڪرائيندي ويندي آهي. هيٺ ڊرائيور کي فقط سئچ ON ڪرڻو پوندو ۽ گهربل رفتار مطابق Resistance گهٽائڻو ۽ وڌائڻو پوندو آهي. ڪرنٽ لٺ ذريعي ٽرام ۾ ايندو آهي ۽ موٽر (موٽرڪار نہ پر اها اليڪٽرڪ موٽر، جيڪا فئن، پمپ يا گرائينڊنگ مشين وغيره کي بہ هلائي ٿي)، ذريعي ڦيٿا چرندا آهن.

O

هيءَ ٽرام پڻ هتي جي ٻين ٽرامن ۽ بسن وانگر ايئرڪنڊيشنڊ آهي. يعني هيٽر سياري جي موسم ۾ گرمائش جو بندوبست آهي. (اسان جي ڳوٺ هالا ۾ هڪ ڇت بنا سئينما آهي، ان کي ايئرڪنڊيشنڊ سڏيو وڃي ٿو. ان جي خصوصيت اها آهي تہ سياري ۾ سرد ۽ اونهاري ۾ مڇرن سان ڀريل هوندي آهي. مٿان هر وقت مينهن وسڻ جو خوف ڊيموڪلس جي خنجر وانگر لڙڪندو رهندو آهي). ٽرام جي سيٽن هيٺان هيٽرن واريون تارون (Coils) لڳل آهن

جيڪي ٿلهن ريشمي گاديلن جي نهيل سيٽن کي گرم رکن ٿيون. ٻاهر سخت سردي آهي. نومبر جو هي آخري هفتو آهي. اڄ تہ تکي هوا جي ڪري بہ سيءُ جو اهو عالم آهي جنهن لاءِ اڪثر قصن ڪهاڻين ۾ چيو ويندو آهي - بلڪہ سيءُ پاڻ چوندو آهي تہ: اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن پوان.

منهنجي چوڌاري جيڪي وينا آهن، ڪوٽن سئيٽرن ۾ ويڙهيا پيا آهن. ان ڪانسواءِ اندران بہ گرم گنجيون ۽ جنگهيون ضرور هوندن. باقي ٽنگن جو مسئلو اڄ ڏينهن تائين سمجهہ ۾ نہ آيو آهي تہ ههڙي سيءُ ۾ جڏهن جسم جي مٿين حصي تي تہ گڏهن وارا آٽر چڙهيا پيا آهن پر هيٺ سٿرن ڪان مرين تائين سنهڙا سنهڙا آرپار ڏيک وارا نئلان جا جوراب ڪهڙو ڏک جهلي سگهن ٿا. اهو ڏسي مونکي ميرپورخاص جي ميانجيءَ جون ڪلفيون ياد اينديون آهن جي بہ هنن جي ٽنگن وانگر سنهيون ۽ ڊگهيون ٿين ۽ جست جي سنهي سانچي ۾ ڄميل هونديون آهن ۽ سانچي جي چوڌاري لوڻ مليل برف جا ڍير.

ٽرام جي هڪ ڪنڊ ۾ آءُ ننڍڙي چوپڙيءَ تي جيڪي ڪجهہ ڏيان ۾ اچي ٿو لکي رهيو آهيان. ٽرام ۾ ويٺل ڪي تہ شايد سوچي رهيا هجن تہ آءُ ڇا پيو لکان ۽ ڇو پيو لکان. جي خبر پئين تہ سندن گلائون پيو لکان، خاص ڪري سندن ٽنگن جون، تہ جيڪر ڳالهہ خراب ٿي پوي. بهرحال ههڙا موقعا ئي بهتر موقعا آهن جيڪي لکڻ جي ڪم ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا ۽ ساڳئي وقت، وقت بہ پاس ٿيو وڃي.

ايندڙ اسٽاپ موتو ماچيءَ جو آهي. جتي لهي هتي جو مشهور 'پيس پارڪ' ڏسڻ ويندس. هتي اهو ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’پيس‘ مان منهنجي مراد ’امن‘ آهي. جو تہ انگريزيءَ ۾ هڪڙي Peace جي معنيٰ ’امن‘ آهي تہ ٻئي Piece جو مطلب ’ٽڪرو‘ آهي. (هڪ امريڪن لطيفو ٻڌايو. چيائين: ”اسان امريڪن جڏهن چئون ٿا تہ پيس گهرجي. تہ اسان جو مطلب پهرين سان آهي. پر روس جڏهن چئي ٿو تہ کيس پيس گهرجي تہ هن جو مطلب ٻئي سان آهي. يعني ڪيوبا جو Piece، رومانيا جو Piece، هندي سمنڊ ۾ جپاني ٻيٽن جو پيس ... وغيره وغيره.“)

O

هيروشيما ۾ ڏسڻ جون خاص ٽي جڳهيون آهن جيڪي ملڪي ۽ غير ملڪي سياح اچڻ سان ڏسن ٿا. هتي جون اهي ٽيئي شيون جن بابت جتي ڪٿي (ريلوي اسٽيشن، بس اسٽاپ، ٽورسٽ گائيڊ ڪتابن، پوسٽرن وغيره تي) سرڪاري طرح اشتهار ڏنا ويا آهن، سي آهن: هيروشيما جو قلعو، پيس پارڪ ۽ مياجيما ٻيٽ. ’هيروشيما جو‘ (جپاني زبان ۾قلعي کي ’جو‘ سڏبو آهي) ۽ پيس پارڪ، ٻئي هڪٻئي جي ويجهو آهن، ۽ ڏهن منٽن جو پنڌ آهي. مياجيما چڱو پري آهي. ريل ۽ فيريءَ رستي ڪلاڪ کن ۾ پهچي سگهجي ٿو.

پيس پارڪ ۾ قلعو ڏسي، قلعي جي ئي هڪ ننڍڙي باغيچي جي هڪ ڪنڊ ۾ بينچ تي اچي ويٺو آهيان. ٿڌن ملڪن ۾ سياري جي اُس ائين وڻندڙ لڳي ٿي جيئن دادوءَ پاسي گهٽا ڏينهن چِٽَ رهڻ کان پوءِ ڪنهن رات جو دير سان ٿڌي هير لڳندي آهي.

سامهون پارڪ ۾ ٻار کيڏي رهيا آهن. ڪيترين بينچن ۽ وڻن جي ٿڙن کي ٽيڪ ڏيئي نوجوان جوڙا آهستي آهستي رهاڻيون ڪري رهيا آهن. ڪي سامهون قلعي جي ڏاڪڻين تي پاڪر پايو ويٺا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترا مون جهڙا پرڏيهي Tourist ۽ ڏيهي سياح وائڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن اڪيلا ڦري رهيا آهن. ڪن جي هٿن ۾ ڪئميرا آهي تہ ڪن کي نقشو.

پڙهندڙ هن هيروشيما جي قلعي مان حيدرآباد يا ڪوٽ ڏيجي جهڙو وڏو قلعو نہ سمجهن. بلڪہ اهي قلعا، لٺي جون تاريخي عمارتون، خدا آباد ۽ آمري ۾ ڪلهوڙن جون عمارتون ڏسڻ بعد هي هيروشيما جو قلعو مونکي تہ مسخري لڳي ٿو. موهن جو دڙو، ڀنڀور، سيوهڻ، اروڙ ۽ ڪالڪا ديوي جي مندر سان تہ هن جو مقابلو تہ ڇا پر ذڪر بہ نہ ڪرڻ جڳائي. پر شاباش هجي هتي جي سياڻن ماڻهن ۽ حڪومت کي، جن اهڙي تہ دل فريب ۽ دل لڀائيندڙ انداز ۾ اشتهار بازي ۽ پروپيگنڊه ڪئي آهي جو ڏور ڏور کان ماڻهو کهي هتي اچي ڀي رپئي جي ٽڪيٽ وٺي ڏسن ٿا. مون کان تہ ڪو پڇي تہ جپان ۾ سڀ کان وڏي انڊسٽري ڪهڙي آهي تہ مان اهو چوندس تہ: ٽورزمTourism! ٽورزم مان هتي جو عوام ۽ حڪومت چڱيءَ طرح ڪمائي ٿي. باقي موٽرون، ٽرانسسٽر، ڪئميرائون ۽ جهازن جا ڪارخانا مڙيئي سائيڊ بزنس آهن.

O

هي قلعو چئن ماڙين تي مشتمل هڪ گهر آهي. جنهن ۾ ڪجهہ سؤ سال اڳ ڪو حاڪم- يا وڏيرو رهندو هو، جو هيروشيما ۽ آسپاس جي ڳوٺن تي راڄ ڪندو هو. اندر قلعي ۾ خالي ڪمرن ۾ ڪجهہ سؤ سال اڳ جا ڪجهہ ٽانو، ڪپڙا، هڪ ٻہ اڏوهي کاڌل بندوقون ۽ ڪٽ لڳل تلوارون، هٿ سان چِڪڻ جي ٻڪي (جيڪا اڃا تائين ڍاڪا، چٽگانگ، ملائيشيا ۽ برما ۾ عام

آهي)، بادشاهه سلامت جو ڪڪن مان ٺهيل توپلو، ۽ پيو ان قسم جو پراڻو سامان رکيل آهي.

ساڳيو حال جپان جي ٻين شهرن جي قلعن جو آهي (اوساما، ڪيوتو، نارا - گهڻو ڪري هر وڏي شهر ۾. پيو ڪي ڪجهه هجي يا نه هجي پر "جو" يعني 'قلعو' ضرور آهي. ان قسم جا عجائب گهر ۽ پراڻيون جايون ۽ سامان ته اسان جي ملڪ ۾ ڪوڙ آهن، پر افسوس جو اڃا تائين اسان جي Tourism ڊپارٽمينٽ به ان جي اهميت ۽ قدر نه ڄاتو آهي.

قلعي ۾نمائش لاءِ مختلف شيون ڏسندي ڏسندي هڪ پراڻو ڏيئو ڏسڻ لڳس. ان مٿان لکيل عبارت ڊنل هئي. مون کي گهوريندو ڏسي، پر ۾ بيٺل هڪ جپانيءَ، جپاني عبارت پڙهي مون کي انگريزيءَ ۾ ٻڌايو ته هي ڏيئو تمام قديمي آهي.

"گهڻا سال پراڻو-؟" ظاهر آهي مون تعجب مان پڇيو. پرن کي چڪيندي، مونکي وڏيڪ حيرت ۾ وجهڻ جي ڪوشش جي خيال کان، وڏي انگهه سان "چار سؤ سال" لفظ ائين ڏکيا ڪري اچاريائين جو هن جي خيال موجب آءُ ايڏو وڏو انگ ٻڌي بيهوش ٿي ويندس. پر مون کي حيرت ۾ نه ڏسي هو شڪي ٿيو. ڳالهه بدلائڻ لاءِ پڇڻ لڳو ته مون کي هي هيروشيما جو قلعو ڪيئن ٿو لڳي.

"تمام سٺو." مون هڪ بافضيلت مسافر وانگر ورائيو.

"هتي پيو ڇا ڏٺو اٿوَ-؟"

"پهرين پهرين هتي آيو آهيان سڌو هيروشيما ۾ ۽ سڌو هن قلعي ۾."

ڏاڍو خوش ٿيو. چوڻ لڳو ته، "واقعي هي قلعو آهي ئي اهڙو جو هرڪو ان کي ڏسڻ لاءِ ڇڪجيو اچي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل ۾ چيم تہ ھي قلعو تہ نہ پر توھان جو Tourist Department ۽ اشتھاربازي اھڙي تکي آھي جو ھرڪو ڳھائجيو وڃي. اڪتي چوڻ لڳو، ”جنھن ھيروشيما ۾ اچي ھي قلعو نہ ڏٺو تنھن ڄڻ ھيروشيما ئي نہ ڏٺو.“

دل ۾ آيو پڇانس تہ ڪتي لاھورين جو مائٽ تہ نہ آھين. جو اھي بہ لاھور لاءِ چوندا آھن تہ ”جنھن لاھور نہ ڏٺو سو ڄڻ ڄائو ئي نہ آھي.“ يا لاڙڪاڻي لاءِ چيو ويندو آھي تہ ”ھجئي ناڻو تہ گھم لاڙڪاڻو“ (يا شايد: ڇڏ لاڙڪاڻو)، پر مون پڇيومانس” ”تو موھن جو دڙو جو نالو ٻڌو آھي؟“

”چونہ-؟“

”پر ڏٺو نہ ھوندءِ. ھڪ دفعو جي ان جو ديدار ڪرين تہ پوءِ سڄي عمر ياد ڪندو رھين.“

قلعي ڏسڻ جي ٽڪيٽ پنجاھ Yen (ٻہ رپيا ڪن) آھي ۽ ٽڪيٽ سان گڏ ھڪ ننڍڙو پنو بہ مليو ھو جنھن ۾ قلعي بابت لکيل ھو. قلعي مان نڪرڻ وقت اھو پڙھيم. لکيل ھو تہ اھو اصلي قلعو ناھي. اصلي قلعو ھيروشيما تي بم ڪرڻ وقت ڪافي ڏھي ويو پوءِ 1953ع ڌاري ان اصلي قلعي جي نموني جھڙو ھن ڪي ٺاھيو ويو آھي. اھو پڙھي ان قلعي جي اھميت مون لاءِ اجان بہ گھٽجي وئي.

قلعي ۾ رکيل ڪجھہ سؤ سال اڳ جپان ۾ استعمال ٿيندڙ برتن، ڪرسيون، منجيون، ڪتون، ڏيئا، لالٽين، لوھہ جون آڏيون ڦڏيون پيتيون ۽ صندوقون، ڪلف، ڪنڊا وغيرہ يورپين ۽ امريڪن تہ ٺھي اچن ڏسن پر اسان جھڙن غريب ايشين ملڪن جي ماڻھن لاءِ اھو سڀ ڪجھہ ڏسڻ، وقت ضايع ڪرڻ آھي. جڏھن تہ اسان وٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر گهر ۾ اڄ به اهي شيون نظر اچن ٿيون. جپان ڪي ته فقط هڪ اهڙو قلعو آهي پر هيڏانهن نيدي ڪنڊ ۾ افريڪا جا ڪيترائي گهر هيروشيما جا قلعا آهن جتي هن دؤر ۾ به بجليءَ جون سهولتون نه هجڻ ڪري ڏيا ٽمڪائين ٿا.

O

باقي هتي جو پيس پارڪ واقعي ڏسڻ جهڙو آهي، جيڪو بم جي ڪِرڻ ۾ مري ويلن جي ياد ۾ ٺاهيو ويو آهي. بم جي تباهيءَ جا يادگار شهر ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ نظر نه ايندا، بس هن پارڪ ۾ ئي هڪ ڊنل عمارت ان حالت ۾ ڇڏي ويئي آهي، جنهن کي 'اٽامڪ ڊوم' سڏجي ٿو. اها عمارت پهرين Industrial Promotion بلڊنگ هئي، جتي ڏيهي شيون نمائش لاءِ رکيون وينديون هيون. هيءَ ڪافي مضبوط لوهه ۽ پٿر جي اتاهين عمارت آهي، جا بم ڪرڻ ڪان پوءِ هاڻ فقط لوهي ڇپو ڦڏو پڃرو وڃي بچي آهي. جنهن کي ڏسي ماڻهو بم ڪرڻ جي تباهيءَ جو ڪاٿو لڳائي سگهن ٿا.

پارڪ ۾ مري ويلن جي ياد ۾ ڪيترائي پٿر ۽ لوهه جا بت ٺهيل آهن، جن اِڳيان سون جي تعداد ۾ آيل ماڻهو فوٽا ڪڍائي رهيا هئا. پيس پارڪ جي هڪ پاسي نمائش گهر آهي، جتي بم ڪرڻ ڪان تباهه ٿيل ڪجهه شيون رکيل آهن. مختلف شيون شيشي جي ڪٻٽن ۾ انگريزي ۽ جپاني عبارت هيٺ رکيل آهن. ايٽريقدر جو بم جو ماڻهن تي ڪهڙو اثر ٿيو آهي ان جا بوتا ٺاهي ائين رکيا ويا آهن، جو هوبهو سچا لڳن ٿا.

ميوزيم جي شروع واري حصي ۾ ڪيترن ٻارن ۽ وڏن جا ڪپڙا ڏيکاريا ويا آهن جي ان وقت بم جي گرمائش ڪري سڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا هئا. هڪ اسڪولي ٻار جي سڙيل ڊريس ۾ ڪٽيل پٽو ٽنگيل هو ۽ لکيل هو تہ اسڪول ويندي اهو حادثو ٿيو ۽ ٻار ڊپ کان گهر وڃي ٻيڪا ۽ ڇوڪري جي ماءُ جلدي جلدي ڪپڙا لاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چيلهہ تي ٻڌل پٽو ڪٽيچيءَ سان ڪتري ورتو پر ڇوڪرو زخمن جو تاب نہ جهلي شام جو مري ويو. اهڙيءَ طرح ڪيترن ڇوڪرين ۽ سپاهين جا ڪپڙا ڏيکاريل آهن جي بم ڪرڻ واري جڳهہ کان گهٽو پري هجڻ جي باوجود، اٽامڪ لهر جي لهس ۾ گرمائش ڪري هنن جو جسم ۽ ڪپڙا لهسجي ويا. هڪ عورت جو فوٽو ڏيکاريل آهي، جا ان وقت ڳل تي هٿ رکي ويٺل هئي. گرمائش جي ڪري سندس هٿ، ڳل ۽ ڇاتيءَ جا هڏا وٽڙي هڪ يڪو ڳنڍيو ٿي پيو هو. ڪيترن ماڻهن جا فوٽا هئا جن جو هڪ پاسو سڄو ائين سڙيل هو جيئن پلاسٽڪ جي ڪنهن رانديڪي کي ٽانڊن تي رکڻ سان ٿيندو آهي. ان قسم جون تصويرون، بوٽا ۽ ڪپڙا ڏسي هر هڪ ڏسندڙ سيڪڙاٽ پريندو ٿي ويو. ڪن کان تہ دانهن نڪري وئي ٿي. ۽ جن بہ اها نمائش ڏٺي ٿي انهن کي امريڪن لاءِ نفرت ٿي ٿي. هڪ جپاني ڇوڪري جا اسڪول يا ڪاليج جي لڳي ٿي تنهن زياده ئي شوڪارا پئي پريا. تنهن کان پڇيم: ”آمريڪن وروئي ڊيسڪا.“ (ڇا آمريڪن خراب آهن؟)

”موچيران،“ (ہيو نہ تہ وري) هن وراڻيو.

ڇوڏاري نظر ڪير ڏارين ماڻهن ۾ گهٽا افريڪن ڪارا يا ايشيا جا هئا. دل ۾ چيم تہ جپان جي تہ فقط هڪ ٻن شهرن ۾ بم ڪِريو ۽ ڪجهہ جانيون ۽ عمارتون ناس ٿيون، سو بہ جنگ جي ڏينهن ۾. پر هن امن جي دور ۾ بہ جيڪي اسان جهڙن مظلوم

ايشيائي ۽ افريڪي ملڪن جي ماڻهن، دولت، تهذيب ۽ ثقافت تي بنا ڪنهن سبب جي لڳاتار ڦورن، لٽيرن، سامراجين، بيٺڪي راڄن جا بـم پيا ڪِرن، ان جو تہ ڪو ملهہ ڪَتي. دنيا ان کي بہ تہ ڪجهہ ڏسي. يا ڪو تڏهن ڪڇندو جڏهن اسان جو هن ڌرتي تان نالو نشان ئي متجي ويندو!

O

مون کي اوچتو خيال آيو تہ هن نمائش جي خاص اها ڳالهہ آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪو امريڪن نہ ايندو هوندو. ڪجهہ دير لاءِ آءُ هڪ هنڌ بيهي آيل هجوم کي ڏسڻ لڳس- فرينچ، انگريز، اسڪينڊينيوين، افريڪن، چيني، جپاني تہ نظر آيا پر ويجهڙائيءَ ۾ ٽي امريڪن بہ بيٺا هئا. پڪ ڪرڻ لاءِ ڪين "هيلو" ڪري پڇيومان تہ امريڪن آهيو "Yes" هڪ، جو تمام ويجهو هو تنهن وراڻيو.

ڪلي پڇيومان: "How Do you Feel?" نڪ کي موڙو ڏيئي چوڏاري ڪو جپاني بيٺل نہ ڏسي، جپانين کي هڪ ڪنگ سائيز گار ڏيئي چيائين: "وڏا جپاني لاهہ آهن. جيڪي پاڻ ڪيائون سو تہ بڌائين ڪونہ ٿا. اسان امريڪن کي هرويرو ذليل ڪرڻ ۽ پئسو ڪمائڻ جو سٺو طريقو ڳوليو اٿن. بهرحال اهو بـم ئي هو جنهن هنن کي سڌو ڪيو ۽ مچايل داداگيريءَ کي پنجو ڏنو."

اڳتي هلي ان ساڳئي امريڪن سياح Visitors Book ۾ پنهنجو نالو، پتو، قوميت لکڻ بعد راءِ واري خاني ۾ پٽي معنلي وارو جملو لکيو: One Is Enough هڪ (بـم) ڪافي اٿانو، يا هڪ (ظلم) ڪافي آهي.

O

ميوزيـم جي هڪ ٻئي حصي ۾ نموني لاءِ مختلف شيشا ۽ لوهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا برتن ۽ ٻيو سامان رکيل آهي، جي بم جي گرمائش ڪري وڻڙي چپا ٿي ويا هئا. هڪ لوهي صندوق، ٽجوڙي ۽ سائيڪل سڄي چپي ٿي ويل ڏيکاريل آهن. ڪيترا اهڙا فوٽا آهن جن ۾ بم جي ڪري مري ويل ماڻهن جي لاشن سڙڻ جا آهن. ڪن فوٽن ۾، اسپتالن ۽ ڪئمپن ۾ بيمارن جا انبوهه ڏيکاريل آهن. بم جي اثر ڪري جيڪي پوءِ لولا لنگڙا پار ڄميا آهن انهن مان ڪيترن جون تصويرون ڏيکاريل آهن. وڻ سڙي اڱار ٿي ويا هئا، سي پڻ ڏيکاريل آهن.

بهرحال انسان طرفان انسان جي هيڏي ۽ ههڙي بي درد نموني جي تباهي ڏسي دل ڳوڙها ٿي ڳاڙي. دريءَ مان هيٺ ڏٺم، پارڪ جي هڪ حصي ۾ ڪنهن اسڪول ڪان آيل ننڍا ٻار ڪيڏي رهيا هئا. پر ۾ اسڪول بس بيٺي هئي. پري ڪان هتي جي موتوماچي مارڪيٽ ۾ خريداري جي پيهه لڳي پيئي هئي.

اڄ ڪان اٺاويهه سال اڳ به هڪ ڏينهن ائين ٻار ڪيڏي رهيا هوندا، هتي عورتون ۽ مرد ائين خوش خوش خريداري ڪري رهيا هوندا جو اوچتو بم ڪِريو هوندو ۽ ڇا مان ڇا ٿي ويو. انسان جون انيڪ خواهشون، تمنائون، لطيف جذبات، آسون، امنگ، سندن جسمن سان گڏ سڙي ڀسم ٿي ويا. ڪيترا اڄا پوڙهي رهيا آهن. ڪيترن جو اولاد لولي لنگڙي حالت ۾ ڏکوئيندڙ ياد ڏياري رهيو آهي، پر ظالم جتي ڪٿي بي پرواهه، بي فڪر هلي رهيو آهي.

اڄ (1973ع) به دنيا ۾ بم ٺهي رهيا آهن. ميزائل، ايئر ٽُ ايئر فائيٽنگ مشينون، پري مار ڪندڙ گولا ترقيءَ جي نالي ۾ ايجاد ٿي رهيا آهن. آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ جي سمنڊن ۾ بم ڦاڙي تجربا ڪيا پيا وڃن. مڊل ايسٽ ۽ ويٽنام جي ميدانن ۽ شهرن ۾ معصوم ماڻهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڙاهي وڏيون طاقتون پنهنجن نت نون ايجاد ڪيل خطرناڪ هٿيارن جو جائزو وٺي رهيون آهن ۽ ان ڪان ٻه وڌيڪ خوفناڪ ۽ طاقتور اوزارن جي کوجنا جاري آهي. هڪ ٻئي پٺيان ننڍين وڏين جنگين جون تياريون ٿي رهيون آهن.

آهستي آهستي قدم کڻي مين گيٽ کان ٻاهر نڪري رهيو هوس ته دروازي وٽ جپاني گارڊ جهڪي وزيٽرس بڪ ڏي اشارو ڪيو ته هن تي ڪجهه لکڻو آهي.

ڏاڍو عجيب لڳي رهيو هو. آءُ ئي ظالم، آءُ ئي مظلوم ۽ آءُ ئي لکڻ وارو.

ڪجهه ٻار بال جهڙي ڊوڙي اچي ڏاکڻ جي هيٺين ڏاکي وٽ لڪيا. سامهون ٿلهي ٿڙ واري وڻ پٺيان هڪ نوجوان جوڙو ڳالهائڻ ۾ مشغول هو. هڪ پوڙهو ۽ ڪجهه ٻار گاڏي واري کان گرم گرم گجر وٺي کائي رهيا هئا. ڪجهه اسڪولي ڇوڪريون هڪ پٿر جي بت اڳيان فوٽوءَ لاءِ پوز ٺاهي رهيون هيون. ڪجهه نوجوان پاڻيءَ جي تالاب وٽ هڪ ٻئي کي ڇنڊا هڻي زور زور سان کلي رهيا هئا.

O

هيءَ خوشي. هيءَ زندگي. هيءَ روشني - ڪيڏي پياري آهي، هيءَ امن ڀري حياتي.

"Let There Be No More Hiroshima."

رمارڪ واري ڪالم ۾ لکي، "اٺاويهه سال اڳ" جي دنيا کان ٻاهر نڪري "اڄ" جي دنيا ۾ اچي ساهي پٽيم.

ڪيڏي خوشي آهي هن جيون ۾!

ڪيڏي روشني!!

ڪيڏي زندگي!!!

1973-74ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اطلاع لاءِ ۽ واسطيدارن جي چتاءَ لاءِ ان تي تي چار ڳاڻي توڙ گاريون ضرور لکي ويندو. لڳي ٿو تہ امريڪا ۾ پار پڇو پاڻ سان مارڪنگ پين يا اسپري پينٽ جو ڏٻو کنيو پيو هلي.

O

امريڪا هڪ اهڙو ملڪ آهي جتي دنيا جي هر ملڪ ۽ مذهب جي هوٽل ۽ کاڌو ڪٿي نہ ڪٿي ضرور مليو وڃي. پاڪستاني هندستاني، چيني يورپي هوٽلن کان وٺي، ملئي، ڪئريبين، هوائي ۽ بالڪن هوٽلن تائين آمريڪا ۾ آهن. ۽ هتي جي لوڪل هوٽلن ۾ بہ کاڌن جا دلچسپ ۽ عجيب نالا آهن. گهڻا هتي جي رياستن سان واسطو رکن ٿا. مثال طور: ورجينا هئم اسٽيڪ، ڪنساس سٽي سئنڊوچ، ڪينٽڪي چڪن، فلوريڊا سن-رائيپ گريپ، فورٽ بوني، بيبي پاريج وغيره. جيئن اسان وٽ دهلي جو حليم، نصرپوري کيرپڙا، سنڌي تريل پلو، پنجاب ڪري، دکني آچار وغيره.

اڄ نيويارڪ جي ڊيلنسي اسٽريٽ ۾ هڪ هسپانوي دڪاندار مون کي انڊين سمجهي پڇيو: توهان جي ملڪ ۾ ماٿهو بک مرن پيا، پر ڳئون نتا کائين- ڇو؟ هاڻ ڪيس ڪير ٻڌائي تہ اهي بہ کائي ختم ڪريون تہ ٻارن لاءِ کير ڪٿان ايندو، زمين ڪيئن کيڙي سگهبي، ٻارڻ لاءِ ڇيٽو ڪٿان ايندو، بار ڪير ڍوئيندو.

هونءَ اسان جي دڪانن تي رکيل گوشت ۽ هتي جي گوشت ۾ اهو فرق آهي تہ اسان وٽ گهڻو ڪري وهٽ تڏهن ذبح ڪيو وڃي ٿو. جڏهن صفا پوڙهو ٿئي ٿو، ڪنهن ڪم جو نہ رهي ٿو، يا جڏهن ڏسجي تہ بيماريءَ مان سندس بچڻ مشڪل آهي ۽ مرڻ تي آهي. نتيجي طور ان جو گوشت بہ اهڙو ئي گهٽ سوادي ٿئي ٿو. پر

هن پاسي يا جپان، يورپ ۾ جتي هوٽلن ۾ هڪ گوشت جي چاپ (مثلاً Kobe-Steak وغيره) سو ڏيڍ سو رپئي کن آهي، تہ اها ٿئي بہ ايتري ئي لذيذ ٿي ۽ اهي وهٽ خاص کهڻ لاءِ پاليا ويندا ٿا.

هتي جي ڍڳين کي اسان جي مسڪين ڍڳين وانگر ڪک ڪانا چباڙائڻ بدران وٽامن سان ڀرپور خوراڪ ڏني ويندي ٿي. اليڪٽرڪ مشين ذريعي روزانو مالش ڪئي ويندي ٿي ۽ ماڻهوءَ کان وڌيڪ سندن صحت جو خيال رکيو ويندو ٿو. جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ غور ڪيو وڃي تہ اسان جي ڪيترن شهرن جو پاروٿو ۽ بيمار گوشت لاس اينجلس ۽ ڪئليفورنيا جي ٻلين ۽ ڪتن لاءِ بہ Unhygenic قرار ڏنو وڃي. ۽ اسان جي پاسي (يعني نندي ڪنڌ ۽ ڏکڻ اوير جي) ڪيترن ڳوٺن ۾ بارش يا واٽر ڪورس جو ايڏو گندو پاڻي پيئڻ ۾ اچي ٿو جو اڄ جي سائنسي دور ۾ ڪيترن ترقي يافتہ ملڪن جا ماڻهو سوچي نہ سگهن. هڪ امريڪا ۾ ڇپيل گائيڊ بڪ ۾ اسان جي ملڪن جي پاڻيءَ لاءِ خبردار ڪندي Tourist کي صلاح ڏني وئي آهي تہ "ان کان تہ بهتر آهي تہ وسڪيءَ سان گرڙي ڪري ڇڏجي."

O

اڄ محمود ۽ آءٌ جڏهن 'بالٽيمور گهٽي' ڳولي ڳولي ٿڪجي پياسين تڏهن آخر هڪ ٽرئفڪ پوليس واري کان پڇيوسين. نچاڻ اهائي 'بالٽيمور اسٽريٽ' هئي جتان پوليس واري کان پڇي رهيا هئاسين. پوليس وارو بہ ڪو چرچائي ۽ حاضر جواب هو. تنهن پنهنجي بهترين موڊ جو مظاهرو ڪندي چيو:

You are sailors. Aren't you-?

اسان هائوڪار ۾ جواب ڏنس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"Well" هن ڪلندي چيو، "فور ائنڊ آفٽ".

دراصل اهو ٽرم جهاز تي استعمال ٿيندو آهي. جهاز جي اڳئين حصي کي Fore ۽ پوئين ڪنڊ کي Aft سڏبو آهي جهاز جي ڊيگهه جي ڳالهه ڪرڻ وقت 'فور ائنڊ آفٽ' ٽرم استعمال ڪبو آهي.

بالتيمور گهٽيءَ جي ڪنڊ تي مئڪڊونالڊ جو دڪان آهي جتي هئمبرگر کائڻ لاءِ آياسين. دڪان ۾ ماڻهن جي ڏاڍي پيهه هئي. اسان به قطار ۾ بيهي رهياسين. مس مس جڏهن اسان جو وارو اچڻ وارو ٿيو ته ايتري ۾ هڪ ڦاٽل ڪپڙن ۾ بوٽ پالش ڪرڻ وارو شيدي ڇوڪرو (ڏهه سالن کن جو ٿيندو) ڦڙتائيءَ سان اسان کي ٽورو پوئتي ڪري، پنهنجي بوٽ پالش واري دٻي تي بيهي، پندرهن سينٽ Sales Girl اڳيان اڇلي Cookies جي گهُر ڪئي. هوءَ ۽ ٻيا جيتوڻيڪ ڏسي رهيا هئا ته هي وچ مان اچي بيٺو آهي ۽ ويتر رعب سان ائين آرڊر ڪري رهيو آهي ڄڻ سڄو دڪان خريد ڪندو. پر سيني کي سندس ان ادا تي ڪاوڙ بدران کل آئي. ڇوڪريءَ به سندس اڇلايل پندرهن سينٽ ميڙي ڇونڊي، بسڪٽن جو پاڪيٽ ڏيئي ڪائنٽس جهڪي پڇيو: "What else Sir" (ٻيو ڇا کپي سر؟) ڇوڪري لفٽ نه ڏيندي وراڻيس. "Thats All" (ٻيو ڪجهه نه).

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ هڪ دفعي سئينما هال مان جهڙو نڪتاسين ته محمود چيو ته يار Sir پيو اچي. سامهون ڏسان ته اهو پالش وارو ساڳيو شيدي ڇوڪرو، ساڳين ڦاٽل ڪپڙن ۾ پالش وارو دٻو وڄائيندو ڳائيندو پيو اچي.

شام جو پندرهن سينٽن جون ڪڪيز کائڻ واري هن ڇوڪري جهڙو خوش ۽ فڪرن کان آزاد مون هن وڏي شهر ۾ ٻئي ڪي نه ڏٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

امريڪا ۾ صبح جي خبرن ۾ ٻوڙن لاءِ اشارن ۾ خبرون پيش ڪيون وڃن ٿيون. نئون ماڻهو تہ سمجهندو تہ شايد همراه چريو آهي جو اشارا پيو ڪري.

O

دولت مند امريڪن ڪي هر ڳالهہ لاءِ ڊاڪٽر سان Consult ڪرڻ جي ڏاڍي پِٽَ آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ ٻار جي ٻِب بدلائڻ لاءِ يا پنهنجو نڪ صاف ڪرڻ لاءِ بہ صحيح قسم جي اسپيشلسٽ کان صلاح وٺندا هوندا- پوءِ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ امريڪا ۾ هر ڊاڪٽر Specialist ئي نظر اچي ٿو.

هتي جا ماڻهو موت کان بہ ڏاڍو ڊڄن ٿا. شل نہ ڪا معمولي بيماري بہ لڳين. اڌ ساهہ هليو وينِدن.

هتي جي ماڻهن جي هڪ ٻي ڳالهہ. اسان وانگر يڪدم رکيل پراڻيون دوائون استعمال نہ ڪندا. مٿي جي سور لاءِ دڪان تان ڪٽي Aspirin جي گوري پنجويهن سينٽن جي وٺن پر ڊاڪٽر کي پنجويهہ ڊالر ڏيئي ان کان Confirm ڪندا تہ کائڻ کپي يا نہ.

O

نيو اورلينس ۾ هڪ دڪان تي شينهن جي کل وڪامي رهي هئي. مٿس چار هزار ڊالر (يعني چاليهہ هزار رپيا) قيمت لکيل هئي. اهو ڏسي محمود فرج انجنير چيو ان کان ڪنهن بنگاليءَ کي بہ هزار رپيا نہ ڏجن تہ سندر بن ٻيلي مان جيئرو شينهن آڻي بيهاري.

O

اڄ بالٽيمور گهٽيءَ ۾ بہ پاڪستاني ڇوڪرا مليا. هڪ جو نالو

نثار ۽ پٽي جو عزيز. هڪ بهاولپور جو ۽ ٻيو ملتان جو. نه ڄاڻ نه سڃاڻ، اسان سان وڏي حب سان مليا، ۽ ساڻن چانهه پيئڻ لاءِ چوڻ لڳا. گهٽي ننائڻ بعد ٻه زور ڪرڻ لڳا. اسان ٻه سندن خلوص مان ڏاڍا متاثر ٿياسين ته ههڙن مشغول ملڪن ۾ ته ياءُ ڪي ياءُ لاءِ فرصت ناهي، پر ان هوندي به 'پنج ئي آڱريون برابر ناهن' وارو قصو آهي. اسان هنن سان گڏ چانهه لاءِ هوٽل ۾ ويهي رهياسين. هنن کي ملڪ کان آئي ٻه سال ڪن ٿيا آهن. ڏاڍو ڏکويل لڳا ٿي ۽ وطن کي ياد ڪيائون ٿي. ٻاڻ فارماسسٽ Pharmacist آهن. هڪ Reeds جي ڊرگ اسٽور ۾ ٻيو 'يونين ميموريل اسپتال' ۾ ڪم ٿو ڪري. امريڪا ۽ امريڪن مان ڏاڍو متاثر ٿا ڏسجن. گهٽ ڏينهن کان ڪين هتي ڪو هم وطني نه مليو هو. ڳالهين کان سندن اندر ٺاٺو ٿي. اسان سندن ڳالهيون چپ چاپ ٻڌندا رهياسين جن ۾ ڪي دلچسپ، ڪي غور و فڪر واريون، ڪي سندن ذاتي خيال هئا.

"امريڪن ڪم جي معاملي ۾ ڪتا آهن،" عزيز ٻڌايو، "امريڪن چون ٿا ته اسان هفتي جا پنج ڏينهن گڏهه وانگر ڪم ڪنداسين، آخري ٻه ڏينهن عيش- ۽ ايتري ڪم ڪرڻ واري کي عيش جو حق آهي. هتي جا ماڻهوڪمائين ٿا ته Tax ٻه دل کولي ڏين ٿا- ۽ ان جو ڪيڏو حصو اسان جهڙن غريب ملڪن جي سست ۽ ٽوٽي ماڻهن کي مدد جي صورت ۾ ملي ٿو. مان ته چوان ٿو هيءُ هڪ عظيم قوم آهي. سائين معاف ڪجو، اسان کي حقيقت پسند ٿيڻ کپي. اسان وٽ پاڪستان ۾ ته ڇا پر هتي جي پاڪستاني ايمبسي ۾ به رشوت پٽي هلي. اسان وٽ نه ڪئريڪٽر آهي، نه ايمان، نه دنيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هينئر ڊاڪٽر شريف، جو هتي جو تمام وڏو ڊاڪٽر آهي سو پنهنجي وطن ۾ گهٽ پگهار جي باوجود به وڃڻ تو چاهي، جيئن اتي سندس ذات مان ماڻهو فيضياب ٿين. پر افسوس جو اهڙي ماڻهوءَ ڪان به، ايمبسيءَ جو هڪ ڪلارڪ رشوت وٺڻ جي چڪرن ۾ آهي. پنهنجي ايمبسيءَ جي اها حالت آهي جو سڻئين منهن ڪو ڳالهائي نٿو. داد فرياد به ڪنهن وٽ ڪٿي ويون. عمارت اهڙي آهي جو ڇا ڳالهه ڪجي. چوڌاري گند لڳو پيو آهي. جيڪڏهن چون ته اسين پاڪستاني ڏهه ڏهه ڊالر ڏيون ته به ڏهه هزار ڊالر تي وڃن رنگ روغن لاءِ. آخر هر ملڪ جو سفارتخانو ان ملڪ جي ڪردار جو آئينو آهي. ٻين ملڪن جا ماڻهو ڇا سوچيندا. اسان ته اندر جي ڳالهه اندر ۾ ئي رکيو پيا هلون.“

نثار تعليم بابت ٻڌايو ته، ”پاڪستان ۾ فارميسي اسڪولن جي چوڪرن تي اهو ڪورس ۾ رکيو وڃي ته هو هر سال گهٽ ۾ گهٽ ٽي مهينا موڪل جا ڪنهن اسپتال يا ڊرگ اسٽور ۾ ڪم ڪندا جيئن امريڪا ۾ ٿئي ٿو. پاڪستان ۾ فارمسسٽ فقط انڊسٽري لاءِ تيار ڪيا وڃن ٿا سا به صحيح تعليم نٿي ڏني وڃي، نتيجي طور هتي جڏهن اسان ڊرگ اسٽور ۾ آياسين ته تڪليف ٿي. پيو ته هتي امريڪا ۾ هرڪو مزور آهي، چاهي فئڪٽريءَ جو مالڪ ڇو نه ڪٿي هجي. پر اسان وٽ ايندو همراهه ڪي ڪجهه ڪونه رڳو زور وڏي نالي ۽ لقب سڏائڻ تي. هتي فارمسٽ اهي ٿا سڏائين جيڪي ڊاڪٽرن کي به گائيڊ ڪري سگهن ۽ هرڪو پنهنجي پنهنجي هنر ۽ ڏنڌي ۾ قابل آهي.

Teracycline + Maalox (Antacid)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انٽرائڪشن انهن ڊرگس جو آهي. پر هتي نتا ڏين جو فارماسسٽ هوشيار آهي. يڪدم ڊاڪٽر کي فون ڪندو ته هي غلط آهي ۽ ڊاڪٽر چوندو ته مون کان پل تي وئي، وغيره. پر پاڪستان ۾ ڊسپينسر ڏيئي ڇڏيندو.

هتي ڊسپينسنگ ۾ فارمسسٽ کي ڪرٽي پوي ٿي پر پاڻ وٽ فارمسسٽ کي ڪجھ ڪونہ تو اچي. مثال طور Ampicilliar ڪئپسول ڪيترو به ٻاهر رکيو هجي، ٺيڪ آهي. پر هڪ دفعو Liquid ٺاهڻ کان پوءِ Suspension جي صورت ۾ ٻاهر هفتو ۽ فرج ۾ چوڏهن ڏينهن کان اڳ استعمال ڪرڻو آهي. پر اسان وٽ ڪيترين دوائن جو مدو ختم ٿيو وڃي، پر استعمال پيو ٿئي ۽ ڪا پرواھ ناهي. نتيجي ۾ مريضن ويچارن کي ڪو فائدو نٿو ٿئي، الٽو هو وڌيڪ مصيبت ۾ ڦاسيو وڃن. بهرحال اهي سڀ ڳالهيون سوچڻ، فارماسسٽ جو ڪم آهي."

O

اڄ نيويارڪ جي سب وي ۾ گاڏيءَ جو انتظار ڪندي سوچيندو رهيس ته نيويارڪ شهر ۾ ايڏي صفائي ڇو نہ آهي جيتري هتڻ ڪپي. يا جيتري امريڪا جي ٻين شهرن ۾ آهي.

مان سمجهان ٿو ته ان جو مکيہ سبب اهو آهي ته نيويارڪ ۾ امريڪن کان وڌيڪ ڌاريان رهن ٿا جي ڪمائيءَ خاطر فقط ڪجھ عرصي لاءِ هتي اچن ٿا ۽ هنن کي هتي لاءِ ڪو خيال نہ آهي. شهر صاف رهي يا نہ، ڪين ڪجھ ڏينهن گذاري هليو وڃڻو آهي. آخرڪار هي سندن شهر ناهي. هنن کي پنهنجي ڪمائيءَ سان سروڪار- پوءِ پاڻ ڪٽي افريڪن هجي يا پورٽوريڪن. وينزوئلا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هجي يا ڪئرين پيٽن جو. چيني، ملئي يا انڊونيشين هجي يا فلپينو. هنن جي دل ۾ اهو تہ احساس آهي ڪونہ تہ ”هيءَ منهنجي شيءِ آهي. هي شهر ۽ ان جون گهٽيون منهنجيون آهن.“

جهڙي طرح انگلنڊ ۾ جئميڪن، پاڪستاني ۽ انڊين جو حال آهي. هو پنهنجي وطن ۾ تہ وڏا ۽ صاف گهر ٺهرائي رهن ٿا پر انگلنڊ ۾ هڪ هڪ ڪمري ۾ ڏهہ ڏهہ ڄڻا ٿي رهن ٿا. پنهنجي وطن واپس وڃي ڳوٺن ۾ بہ ڪاڪوس فلئش سسٽم تي ٺهرائين ٿا پر انگلنڊ ۾ سندن ڪو گندا ڪاڪوس، بدبودار گهٽيون ۽ درن درين جا ميرا پڙدا ڏسي- هو اهو ئي سوچين ٿا تہ ڪجهہ بہ هجي انگلنڊ وري بہ هنن لاءِ پرايو آهي. براڊ فورڊ، ريڊس، مانچسٽر وغيره ڪڏهن بہ پاڪستان جو ميرپور، هندستان جو بنگلور يا جئميڪا جو ڪنگسٽن نٿو ٿي سگهي.

O

نيو اورلينس –

اڄ هڪ ڪتاب ۽ رسالا وڪڻڻ واري ڇوڪري، جهاز تي، ڪئپٽن محسن وٽ آئي. تنهن پنهنجي مٿي کي سور ڪان بچائڻ خاطر هن کي مون ڏي موڪليو. هن کي ڪنهن مقرر انگ تائين انسئڪلوپيڊيا، رسالا ۽ ٻيا مختلف ڪتاب وڪڻي اتڪل لک رپين ڪن جو ٽارگيٽ ڏنل هو. جنهن تي هن کي انعام ملڻو هو. هوءَ مون کي خريد ڪرڻ لاءِ زور ڀرڻ لڳي ۽ جهاز تي ۽ پنهنجي ملڪ ۾ ٻيا خريدار بہ ڳاهڻ لاءِ چوڻ لڳي. مون کيس سمجهايو تہ اسان ايشيا جا غريب ماڻهو ان پوزيشن ۾ نہ آهيون جو ايڏي ڳري رقم ڪتابن پٺيان خرچ ڪري سگهون. اسان جي ملڪ ۾ تہ ڪو ٽيهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سينٽ روزانو ڪمائي ٿو ته هو پاڻ کي خوش نصيب سمجهي ٿو ته هن کي ڪو انڌو منڍو روزگار ته آهي. ڪيترا اهڙا به غريب آهن جن کي اهو به نٿو ملي. سو ايشيا ۽ افريڪا جي غريب ملڪن جي جهازن تي وقت وڃائڻ بدران يورپين ۽ امريڪن جهازن تي ڪوشش ڪر.

”ڪيترا ڪتاب اهڙا آهن جي آءُ پڙهڻ چاهيان ٿو پر اڃا تائين هيڏي نوڪري هوندي به انهن جي ڳري قيمت برداشت نٿو ڪري سگهان.“ ڪيس مون پنهنجو ڪتاب ’منهنجو ساگر منهنجو ساحل‘ (ڇاپو 1971ع وارو) سادي ڇئين رپئي وارو ڏيکاريو ته هي پنجٽيهه سينٽن جو به ڪيترا ماٺهو، دل چاهيندي به نٽا وٺي سگهن، جو اها قيمت به ڳري آهي. سو هي هيڏا مهنگا سون رپين وارا ڪتاب، Vogue ۽ ڊڪشنريون ۽ ٻيا هي ٿيٽ فئشن، سائنس ۽ سياست تي ڪتاب، ۽ نيويارڪر جهڙا رسالا ڪير پاڪستان ۾ خريد ڪندو. ۽ جي ڪو ’ووگ‘ جهڙو رسالو ڪنهن کي پڙهڻ لاءِ ملي به وڃي ته به انهن ڪتابن جو ڪهڙو فائدو جنهن ۾ Make - up ۽ نت نئين فئشن جا ڪپڙا پائڻ جا اسٽائيل ڏنل آهن. اسان جي ملڪ جون غريب عورتون ته ’سوجهرو‘ جهڙو پندرهن سينٽن جو رسالو به خريد ڪري نٿيون سگهن، سو ڪير هي رسالا خريد ڪندو.

افسوس جو آءُ سندس ڪا مدد ڪري نه سگهيس.

O

توري دير بعد اسان جو جهاز هتان نيو اورلينس کان Sail ڪندو. دريءَ مان ڊيڪ تي خلاصين کي هئچ بند ڪندو ڏسي رهيو آهيان. ڪي، ڊيرڪون سڌيون ڪري رهيا آهن، جيئن طوفان يا خراب سمنڊ ۾ بچاءُ رهي. هتي جا شيدي مزور ڪپڙا چنڊي، پاٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پي وڃڻ جي تيارين ۾ آهن. جهاز بلڪل مسي سپي نديءَ تي اڏيل پل وٽ لڳل آهي. آفت جيڏي پل مٿان بسون، ٽئڪسيون، موٽرون لاريون گذري رهيون آهن. پل جي هيٺيان رکي رکي جهاز، ٽگ، فيريون، ٻيڙيون ۽ بارجن جا قافلا گذري رهيا آهن. نديءَ جي ڪناري تي ڪارخانن جون چمنيون ۽ پاڻيءَ جون ٽانڪيون ۽ اليڪٽرڪ پول نظر اچي رهيا آهن. مسي سپي Mississippi جو ميرو رَءِ وارو پاڻي ڏسي پنهنجي سنڌو ندي تي ياد اچي. چار شورو جي پل وٽان لنگهندي ههڙو ڏوڙاٽيل پاڻي مستي ۾ وهندو نظر ايندو آهي. پر هن دفعي پاڻيءَ بدران سنڌونديءَ جي پيٽ مان ڏوڙ اڏامندي ڏسي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. پوک ته پري جي ڳالهه تي، ماڻهو پيئڻ لاءِ پاڻيءَ لاءِ آتا هئا.

O

امريڪن ميوزڪ جا ڪوڏيا آهن يا نه. پر اهو ضرور چوندس ته ميوزڪ جا عادي ضرور آهن. ڪين هر وقت ميوزڪ ڪپي. گاڏين ۾ ميوزڪ، هوٽلن ۾ ميوزڪ، هوٽلن جي ڪاڪوسن ۾ ميوزڪ، اسپتالن ۾ ميوزڪ، دڪانن تي ميوزڪ، ڪار ۾ ميوزڪ. ۽ تيسين ڪار هلائڻ جو مزو نه ايندن جيسين ميوزڪ نه هلي. ان ڪري ريڊيو کي اڪثر بند نه رکن. انجڻ جي چاٻي گهمائڻ سان ريڊيو وڄڻ شروع ٿيندو آهي ته انجڻ بند ڪرڻ تي ريڊيو به بند ٿئي. ۽ جيسين ميوزڪ نه وڄي، پاتاڙو محسوس ڪن ٿا. انگلنڊ، يورپ، جپان پاسي به ميوزڪ جام آهي پر امريڪا ۾ جيتريون ريڊيو اسٽيشنون آهن ۽ لڳاتار چوويهه ئي ڪلاڪ (Uninterpreted) ميوزڪ هلي تي اوتري ڪٿي به نه هوندي. خاص ڪري امريڪا ۾

شيدين جي ريڊيو اسٽيشن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. هونءَ به ڪارن کي سچو ڏينهن گوڙ ۽ ميوزڪ کان علاوه ٻيو ڪهڙو ڪم آهي.

ساڳيو حال ٽي وي اسٽيشن جو آهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪهڙو چئنل رکجي. جتي اسان جو جهاز بيٺو آهي ان جي پر واري عمارت I.T.M بلڊنگ ۾ به هڪ ٽي وي اسٽيشن آهي، ۽ فقط ان بلڊنگ ۾ ايترن فرمن ۽ فئڪٽرين جون آفيسون آهن جو رڳو انهن جا اشتهار ان ٽي وي اسٽيشن کي هلائڻ لاءِ ڪافي آهن- پاڻ بچت ٿيندي هوندن.

O

نيو اورلينس ۾ هر سال ماردي گراس نالي فنڪشن ٿئي ٿو. جيڪو ڏهه ڏينهن کن هلي ٿو، ۽ ان کي ڏسڻ لاءِ سڄي امريڪا کان ته ڇا پر يورپ کان به ماڻهو اچيو نڪرن. عاشوري جي ڏينهن وانگر هر گهٽيءَ جا پٽي پاسا ماڻهن سان جهنجهيل هوندا آهن ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ اڳ جاءِ والارڻ لاءِ ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن ته جيئن جلوس نڪري ته ويجهڙائيءَ کان ڏسون.

هي خوشيءَ جو جلوس (Mardi Gras) فرينچن جي ڏينهن کان هلندو اچي، جڏهن هن جو U.S.A. جي هن رياست لوزيانا تي راڄ هو. جلوس فرينچ ڪوارٽرز کان نڪرندو آهي. مختلف اسڪولن، ڪاليجن، يونين، ائسوسيئشن ۽ ڪلبن جا ماڻهو الڳ الڳ فلوٽ ڪڍن. پنجاهه سٺ کن مختلف گروپ هوندا آهن. هر گروپ سان گڏ هڪ آفت جيڏو فلوٽ ترڪن ۽ جيپن تي هلندو آهي. مثال طور ڪنهن تي باهه ٻئي ٻرندي ۽ لکيل هوندو "Fire of Hell" (دوزخ جي باهه)، ڪنهن تي پري نهيل هوندي ۽ وڏن اکرن ۾ "سندريلا"

لکيل. اهڙي طرح ڪنهن تي پانڊورا، ڪنهن تي قلوپطره تہ ڪنهن تي گلئڊيئٽر يا هرڪيوليس. ڪيترن تي تہ جوڙا جوڙا ۽ انهن تي ”روميو جوليٽ“ جهڙا نالا. هڪ تي تہ ”ممتاز محل ۽ شاهجهان“ بہ هو. هر هڪ جي اڳيان پويان ميوزڪ، بئنڊ ۽ سون جي تعداد ۾ نچندڙ ڇوڪريون ۽ مسخرا. بت جي پرسان پليٽ فارم تي ڇوڪريون مختلف يونيفارمن ۾ بيهي، چاڪليٽ، موتين جا هار، چاپين جا ڇلا، سڪا، بئج ۽ ٻيون ننڍيون ننڍيون شيون مٿيون پري ڊسندڙن ڏي اڇلائينديون آهن. شين جون هڪڙيون ڳوٺيون ڪپنديون آهن تہ ٻيون ايندديون آهن. گهٽو ڪري ڏسڻ وارن جو زور سڪن ۽ ٻلن (بيجن) چونڊڻ تي هوندو آهي. پوءِ جتي بہ ڪِرن تہ اتي چونڊڻ وارا ڪريو پون. ڪڏهن تہ هڪ ئي وقت چار پنج هٿ ۾ اچيو وڃن، ڪڏهن تہ ڪجهہ بہ نہ. ڪڏهن تہ ماٿهو ڇيپاڻجيو بہ پون.

اڄ ڪان ٽي سال اڳ جڏهن ماردي گراس جي ڏينهن ۾ آيا هئاسين، تہ اسان جي جهازين ڪي بہ اهي شيون گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو. جهاز تي روز شام جو گڏ ڪيل مال هڪ ٻئي سان پيٽي داد وصول ڪندا هئاسين. هڪ جلوس لنگهيو. سڪن جي مٺ اڇليائين. هڪ سڪو اسان جي اڳيان اچي ڪِريو هو. سڀ جهڪيا، سڀ ڪان تکو آءُ تي سِڪي ڪي پاڻ ڏي ڇڪي ان مٿان هٿ ڪٽي رکيم- يعني منهنجو ٿيو. ٻيا آڻ مجي پري ٿي ويا پر هڪ حبشڻ، ٿلهي عورت، سئنڊل سوڌو پير ڪٽي منهنجي هٿ تي رکيو ۽ پنهنجو چار مڻ وزن منهنجي هٿ تي Transfer ڪندي وئي. مون ڪي اچي جان جي لڳي. جڏهن حد ڪان وڌيڪ هٿ چيڀجي ويو تہ آخر هٿ ڪڍي ساٽس وڙهڻ لڳس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

” مون سڪي تي ٻهرين هٿ رکيو.“ مون هٿ مهٽيندي چيومانس.

” پر ڏنو ٻهرين مون.“ سانَ جهڙي عورت چيو.

” قاعدي موجب منهنجو ٿيو.“

”هيءَ ڪا بيس بال راند ناهي، مسٽر.“ هن وراڻيو ۽ سڪي کي کڻي پنهنجي ڪيسي ۾ وڌو.

ماردي گراس واري ڏينهن شراب به ڏاڍو هلندو آهي. بيئر جا دٻا ته هرهڪ جي هٿن ۾ هوندا آهن. ڪي چمڙي جي ننڍين پڃالن ۾ وسڪي، يا ٻيو پسند جو شراب وجهي هلندي چلندي پيئندا آهن. نتيجي طور ڪيترا ته نشي ۾ ڌت ٿي ٿڌي فٽ پاٿ تي ڪريا پيا هوندا آهن جن کي پوليس جي گاڏين ۾ ڀري هڪ Dump House ۾ گڏ ڪيو ويندو آهي. ڪي نشي ۾ اچي گاريون بڪندا آهن. ڪي هڪ ٻئي کي خالي بوتلون هڻي متا ڦاڙيو ويٺا هوندا آهن. جيتوڻيڪ سوَن جي تعداد ۾ پوليس ۽ فوج هنن ڏينهن ۾ پيٽرولنگ ڪندي آهي، تڏهن به ڪجهه نه ڪجهه گهمسان متو رهندو آهي.

انهن ڏينهن ۾ عربن ۽ اسرائيلن جو جهيڳڙو هلي رهيو هو ۽ امريڪن جون عربن تي خارون هيون. پر واري بار مان هڪ شرابين جو گروپ، عربن کي گاريون ڏيندو ٻاهر نڪتو ۽ اسانجي سامهون بيهي، رستو روڪيو. انهن مان هڪ پنهنجو سينو تاڻي فورٿ انجنير عباس کان پڇيو:

”ڇا توهان عرب آهيو-؟“

اسانجو ’چار صاحب‘ جيسين جواب ڏئي، يا ڪو سندس يا منهنجي منهن تي ٺونشو هڻي، ان کان اڳ مون دانهن ڪري انهن موالين جي جٺي کي چيو: “

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"No Sir, we are not from Arab Countries ."

تڏهن وڃي هو ٽڙا ٿيا، نہ تہ عرب اسرائيل جنگ جو فيصلو نيو اورلينس جي ڪئنال اسٽريٽ تي، اسانجي لاشن مٿان ٿئي ها.

O

شپ چانڊلر عورت جيڪا اسان جي آفيس طرفان جهاز جو اسٽور ڊيڻ ايندي آهي تنهن ٻڌايو تہ ماردي گراس بعد روزو رکڻو پوندو آهي، چاليهن ڏينهن لاءِ شراب ڇڏڻو پوندو ۽ Sex کان پرهيز ڪبي آهي. ۽ پوءِ خوب کلي.

ڪئپٽن محسن خان چيس: "توهان وٽ غمي ٿئي تہ بہ شراب پيو. خوشي ۾ بہ شراب. ڪوڪا ڪولا ۽ Sex جو ساٿ مرڻ تائين نہ ڇڏيو. چاليهہ ڏينهن تائين ڪو روزو بہ رکي سگهندو آهي؟"

"ان ڪري تہ کلي رهي آهيان." هن چيو.

پاڻ، يعني مٿين پوڙهي شاهوڪار عورت، اسان جي چيف آفيسر مظهر زيديءَ کي پٽ ٺاهيو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ٻيا جهازي هر بندرگاهہ تي گرل فرينڊ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر اسانجو مظهر شل نہ ڪا مرڻ جي قريب امير پوڙهي ڏسي، يڪدم ماءُ ٺاهيندس.

هڪ ڏينهن منهنجا پئسا ختم ٿي ويا. سنجيدو ٿي مظهر کان پڇيم: "امريڪا جي ڪنهن بندرگاهہ ۾ تنهنجي ڪا ماءُ اڃا نہ مئي آهي-؟"

"ڇامطلب-؟"

"مطلب هي تہ ڪجهہ پئسا تہ توکي بہ ورثي ۾ ضرور ملي ويندا ۽ توکان اسان Simple يا Compound انٽريسٽ تي 'اڌار' وٺي سگهنداسين. گهٽ ۾ گهٽ 'پنڻ' ۽ 'چورائڻ' کان تہ بچي پونداسين."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ماردي گراس ۾ ٻين فلوٽن کان علاوه ڪجهه هي به هئا:
مصري حُور، تارن سان ڇنڀيل آسمان، Winged Dragon، مغرور مور، انڊلٽ ۽ ڊڇٽو شينهن.

○

بوربن اسٽريٽ ۾ به نيم اگهاڙيون ڇوڪريون، نشي ۾ ڌت هڪ ٻئي سان وڙهي رهيون هيون. سندن هر ٻيو جملو اها ڪچي گار هئي جيڪا مردن کي ڏيڻ کپي. اينڊڙ ويندڙ هپي کين ڇڏائڻ بدران به ڌريون ڏاهي پنهنجي پنهنجي ڌر کي Cheer-up ڪرڻ لڳا. ڪي جوڙا ته پير ۾ بيٺي به اهو گوڙ محسوس نه ڪري رهيا هئا ۽ ڏاڍو آرام سان هڪ ٻئي جا چپ چٽي رهيا هئا ته رهاٽيون به ڪري رهيا هئا. مٿيون جهيڙو اوچتو بنا اطلاع جي زباني گارين مان ڦري هٿين لتين تي ويو. حبشي ڇوڪريءَ جو هٿ گوريءَ جي برئزير ۾ ڦڃي ويو ۽ سٽ سان برئزير ڇڄڻ تي، ان ۾ رکيل ڪليا پئسا ۽ لپ اسٽڪ وغيره بوربن اسٽريٽ ۾ پکڙجي ويا. ڪجهه تماشبين چونڊڻ لڳا. گوريءَ ڇوڪريءَ گاريون ڏيندي سيني کان اوڳڙ ڪئي. ايتري ۾ پوليس جي گاڏي ڳاڙهي بتي ٻاريندي 'رُون رُون' ڪندي اچي پهتي ۽ ٻنهي ڇوڪرين کي ڪنيي ڪٽي ڪتن واري گاڏيءَ ۾ هنيو. هاڻ ٻئي ڇوڪريون هڪ تي پوليس وارن کي گاريون ڏينديون رهيون. گاڏي رواني ٿي، باقي هجوم پوليس وارن کي "Pig - Pig" چئي چيڙائڻ لڳو. پوليس وارا رستو خالي ڪرائڻ لڳا، جو ٽرئفڪ جئم ٿي ٿي. آخر ٽرئفڪ جاري ٿي ته عين ان وقت هڪ شرابيءَ کي رستو ٽپڻ جو خيال آيو. پوليس واري دانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيبريو ۾ پوسٽرن تي لکي آهستي آهستي گهٽي ۾ هلڻ لڳا. پر جتان تي لنگهيا ڇوڪرن ڇوڪرين متائن هوٽنگ ڪئي ٿي. هڪ پن ته ڪين بيئر جي گلاسن مان برف ڪيري هنئي.

O

هڪ ڏينهن Desire اسٽريٽ ڪان پنجاهه سٺ شيدي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هڪ ٻئي جي پتلونن ۾ هٿ وجهي 'ڪوڪ-گاڏي' ٺاهي ڊوڙڻ لڳا ته اڃي ڪئنال اسٽريٽ ۾ نڪتا ۽ ماردي گراس جو جلوس روڪڻ لڳا. پوليس ڪين اها گاڏي ٽوڙڻ لاءِ ڇيو پر هنن نه مڃيو. آخر گهوڙي سوار پوليس هنن جي وچ ۾ گهوڙن کي ڊوڙايو ۽ انهن جي خيالي ڪوڪ گاڏي ڇيتون ڇيتون ٿي وئي.

O

هڪ ڏينهن ماردي گراس ڏسي جهاز تي موٽياسين پئي ته هڪ همراهه اسان کي سندس ڪار ۾ لفٽ ڏني. اتفاق سان هو ڪنهن جهاز تي خلاصي رهي چڪو هو، سو پاڻ ۾ خبرون ڪندا آياسين.
پاڻ سڄي واٽ ڊرائيونگ به ڪندو رهيو ته اسان سان ڳالهيون به ۽ ساڳي وقت پنهنجي زال کي ياڪر پائي چميون به ڏيندو رهيو.
زيدي، ساٿس ڳالهائيندي ڳالهائيندي وچ ۾ مون کي اڙدوءَ ۾ چيو ته پاڻ کي ڏيکارڻ لاءِ شو پيو هٽي. گهر پهچڻ سان سندس ۽ جوٽس جو هڪ ٻئي کي گار جو ٿهڪو هوندو. باقي هتي رڳو ڏيکاءَ لاءِ ڪوڙو پيار پيو ڪري.

هڪ دفعو اڳ به ٻڌائي چڪو آهيان ته امريڪا ۾ ڦيريان ڏينهن ته نه اسان جي انگريزي ڪنهن کي سمجهه ۾ آئي ٿي ۽ نه وري ڪنهن امريڪن جي اسان کي ۽ پوءِ ڪيترا لفظ رهجي ويندا

هئا. ان جو هڪ مثال اهو به آهي ته متين همراهن جي ڪار ۾ لفٽ ونندي، زيدي ۽ آئون پوئين سيٽ تي ويٺاسين ۽ سندن ٻن سالن جو پٽ پڻ اسان سان گڏ ويٺو جو سڄي واٽ مستي ڪندو رهيو. هڪ دفعو ته در جي هئنڊل ۾ هٿ پئجي ويس ۽ در کلي ويو. پاڻ مون کي چاڪليٽ کولڻ لاءِ ڏنائين. جا ڳالهه مون نه سمجهي ۽ ماٺ ڪري چاڪليٽ ڪائي ڇڏيم. خبر پوءِ تڏهن پئي جڏهن هو واڪا ڪري روئڻ لڳو ۽ پيو چاڪليٽ هو به ڪونه جو ايمرجنسي ۾ ڪيس ڏئي چپ ڪرائجي.

جهاز اچان پري هو. اسان هڪ هنڌ ڪرنل سئنڊرس جي تصوير ڏسي ڪينٽڪي چڪن کائڻ لاءِ لهي پياسين. امريڪا- جتي وري به ڪاڏا سستا آهن، سو ڪينٽڪي جي اڳهه جي نه به پر سواد جي ته تعريف ڪري سگهجي ٿي. پر جپان جهڙن ملڪن ۾ جتي هر شيءِ جي قيمت آسمان سان ڳالهيون ڪري ٿي، اسان جهڙن غريب پرديسين لاءِ ڪينٽڪي، ميڪڊونالڊ هئمبرگر ۽ بي اينڊ ڊبليو جهڙا انٽرنيشنل دڪان، وڏو ڏيڌ آهن. ڪپتان محسن ته چوندو آهي ته انهن جا مالڪ سڌو جنت ۾ ويندا.

○

هڪ دلچسپ ڳالهه ڪينٽڪي چڪن تان ياد آئي. گذريل سال ممباسا (ڪينيا) ۾ به ان دڪان جي شاخ کلي. زيديءَ چيو ته ڊيوٽيءَ بعد جهاز تان اوڏانهن هلبو ۽ پوءِ فلم تي. وقت ٿورو هو، سو لفافن ۾ چڪن، پٽاٽو چپس، ۽ سلاد وٺي اچي ممباسا جي نيو مئجسٽڪ سئنيما ۾ نڪتاسين.

قومي ترانو وڄي چڪو هو ۽ پنج ڏهه منٽ اڳ فلم شروع ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڪي هئي. در ۾ اندر گهڙڻ وارا هئاسين تہ اسان جي جهاز جا ٻہ سڪاني تڪو تڪو ٻاهر نڪري رهيا هئا. بهرحال اندر سيٽون ڪافي خالي هيون. ٻہ وچي والاريونسين ۽ فلم ڏسڻ لڳاسين. زيديءَ ڪي چيم تہ استاد ڪائڻ بہ شروع ڪر.

"يار سئنيما هال ۾-؟"

"ميان، هتي افريڪا ۾ ڪير تو پڇي. ڪائڻ تہ ڇا پيشاب لڳنئي تہ اهو بہ اتي ڪنڊ پاسي ۾ ويهي ڪجانءِ."

ان جلدي جلدي ڪائي هڏا، پنا، لفافا وغيره سيٽن هيٺيان اڇلي، ٽنگون ٽيڙي بالر تي فلم ڏسڻ لڳاسين. انهيءَ دوران، اڃڻ وقت در تي مليل سڪاني وري واپس هال ۾ آيا. ٻاڻ ڪي پهرين اسان وارين سيٽن تي ويٺل هئا جو سندن لفافو اسان وارين سيٽن وٽ پيو هو. پر پوءِ اسان کي ويٺل ڏسي، اهو لفافو کڻي پري ڪنڊ ۾ وڃي ويٺا.

ڪن دير بعد ٽارچ سان سئنيما جو ايشين مالڪ سئنيما ۾ آيو. سڌو اسان وٽ پيهي اسان کي چوڻ لڳو: "ڏسو سائين اها توهان جي ڳالهہ درست ناهي-" اسان يڪدم سمجهي وياسين تہ هو اسان کي سئنيما ۾ ڪائڻ، ڪچرو ڪرڻ لاءِ چئي رهيو آهي- خاص ڪري مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو جو زيديءَ تہ منع پئي ڪئي پر منهنجي زور پرڻ تي هن بہ کاڌو. سو مون يڪدم کائنس معافي ورتي تہ اسان پنهنجي غلطي تي پشيمان آهيون.

"پر ڏسو نہ، هونءَ اسان کي تہ ڪو اعتراض ناهي پر هتي جا افريڪن جيڪي اسان تي اڃڪلهہ هونءَ بہ ڏمريا هلن، تن کي ڪاوڙ ٿي وني." مالڪ چيو.

"We are Sorry" مون هڪ دفعو وري چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”خير سائين مڙيئي خير آهي. آئنده خيال رکجو.“ ۽ هو هليو ويو. مون کي ڏاڍو افسوس ۽ تعجب لڳو جو هتي ڪيترا دفعا اچڻ ڪري پاڻ کي افريڪا جو سياڻو سمجهي رهيو هوس. زيدي ته پهريون دفعو آيو هو. هو ته منهنجي پٺيان پٺيان سڀ ڪجهه ڪري رهيو هو.

ٿوري دير مس گذري ۽ هال ۾ هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي ته اڌ کن هال جا ماڻهو ته دستور موجب چونئرا ڪائي رهيا هئا. ڪي ڳنڊيريون ڪائي چوپا هيڏانهن هوڏانهن اڇلي رهيا هئا. بلڪ اسان جي پٺيان هڪ سک فئملي- فئملي مان منهنجي مراد زال مڙس، سالا ساليون، ٻٽان ۽ اڌ ڊزن ٻارن جو لشڪر، ڪچوريون، انب ۽ الائي ڇا ڇا کائي رهيا هئا. ايتري ۾ مون کي يڪدم ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي. زيدي کي چيم استاد ڳالهه ٻي آهي. پاڻ مفت ۾ قربانيءَ جا ٻڪرا ٿيا آهيون. پر هاڻ ترس ته انٽرول ٿئي ته پڪ ڪريون.

انٽرول ۾ ٻاهر انهن ٻن خلاصن جو اڳ ٻڌي پڇيم. ”سئنيما هال ۾ اچڻ سان توهان کهڙو ڦڏو لڳايو؟“ ٿورو منجهي آخر هڪ ٻڌايو ته ”فلم شروع ٿيڻ وقت اسان ڪينيا جي قومي جهنڊي ۽ ٽي اٿي کونه بيٺا هئاسين سو گيٽ ڪيپر اسان کي اٿي بيهڻ لاءِ چيو ته اسان چيس ته ڪينيا اسان جو ملڪ ناهي، بڪواس نه ڪر. ته هن چيو ته ترسو ته پوليس جو بندوبست ٿو ڪريان. سو اسان پوليس جي ڊپ کان ٻاهر ڀڄي وياسين. پر پوءِ فلم ڪافي هلي وئي ته پري لڪي وچي ويناسين. هونءَ به اسان جي سيٽن تي توهان اچي وينا هئائو.“

”چڱو هاڻ اڳتي ائين نه ڪجو،“ مون نقلي رعب رکي

سمجهايومان، ”پوليس جو ماڻهو اسان وٽ آيو هو ۽ توهان جا نالا پڇي رهيو هو. پر اسان ڪيس چيو ته آئندي ائين نه ٿيندو.“

”سائين مهرباني.“ هن چيو.

۽ دل ۾ چيم، توهان کي ڪهڙي خبر ته توهان بدران ذليل اسان ٿيا آهيون.

O

امريڪا ۾ انشورنس ملڻ جو وڏو چڪر آهي، ڪنهن جي ڪتي توهان کي چڪ هنيو ته يڪدم ان جو مالڪ (يا جي انشورنس ٿيل هوندو ته اها ڪمپني) توهان کي پنج سؤ ڊالر ڪن پري ڏيندي. ڪنهن جي دڪان اڳيان برف تي ترڪي پيا ته دڪاندار ڦاٿو، علاج ۽ مقرر ڏنڊ توهان کي ڀري ڏيندو. رستي تي ڪنهن جي ڪار توهان کي ڌڪ هنيو ته هزارن جي تعداد ۾ ڊالر Claim ڪري سگهو ٿا. هڪ اسان جي دوست جو به حادثو ٿي پيو. رستي تي ٻه ڪارون ٽڪرائجي ويون. هو فٽ پاٿ تان پئي ويو- پوءِ ٽڪرايل گاڏيون هن کي لڳيون يا هو وڃي هنن ۾ پيو. هڏي وغيره ڪا ڀڄي پيس. (يا شايد مڙي پيس.) ڪورٽ ڪيس ڏيڍ لک رپيا ڏياريا.

جهاز تي اينڊڙ امريڪن مزور ڪم ڪندا ته به پوري حفاظت گهرندا. Life-Buoy رکيا ويندا متان ڪير ترڪي سمنڊ ۾ وڃي ڪري. مٿي تي لوهي ٽوپلو، هٿن تي جوراب ۽ جي ڪنهن کي ان هوندي به ڪم ڪندي ڪجهه ڌڪ يا زخم رسي ويو ته انشورنس هن کي گهرا پئسا ڏيندي.

O

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو اورلينس ۾ جهاز جي ڊيرڪ ڀڄي پئي. لڳي ته ڪنهن کي ٻه ڪانه، پر هرهڪ شيدي مزور تنگ منڊڪائڻ لڳو ڇڻ ته ڪيس ڏڪ لڳي ويو هجي. پر پوءِ سيني جو ڪوڙ ثابت ٿيو. هڪ ته Claim ڪيو ته ڪيس ڀڳل ڊيرڪ ته ڪانه لڳي پر ڊيرڪ ڪرڻ تي ڊپ ۾ پنتي جو ڀڳو ته ڪائين جي ڍير تي ڪِري پيو ۽ هڪ ڪاني چيلهه ۾ لڳي وئي ۽ سائين چيلهه کي جهلي ويهي رهيو ته اندر زخم رسيو اٿم. هاڻ ڪليم جا پئسا الڳ، روز جو پگهار الڳ ملندو رهندس، جيسين هو ٺيڪ ٿي پورهئي لائق ٿئي ۽ هتي جي مزور جو روز جو پگهار ٻه چاليهه ڊالر- يعني چار سؤ روپيا- مطلب ته عياشي ٿي ويس.

O

## بالٽيمور - آمريڪا

بالٽيمور اسٽريٽ ۾ ڪيٽريون ٿي هٿ ڏسڻ واريون اسپينش ۽ پورٽوريڪن جوڳياڻيون شيشي جي ڪمرن ۾ ٽيبل اڳيان رکي، وينل نظر ايندين. ٽيبل تي وڇايل ريشمي ڪپڙي مٿان هڪ عدد دنيا جو گولو. ڪنهن ميڊيڪل ڪاليج مان چورايل انساني کوپڙي، مختلف هٿن جي ليڪن جا چارٽ، ڍارا ۽ ٻيون ان قسم جون شيون رکيل هونديون. ڪوبه ان رستي تان لنگهندو آهي ته سندن ٻه ڪن ڇمڇيون ان کي زوريءَ ڇڪي اندر وٺي ايندين ۽ پئسا ڦريندين آهن.

هڪ اهڙي جوتشياڻيءَ منهنجو هٿ ڏسي وڏي غور ۽ ائڪٽنگ سان، ڪجهه دير ڇپ وانگر اکيون بند ڪري (شايد مستقبل ۽ ماضيءَ جي ڳڙڪين ۾ جهاتي پائي) اکيون ناز سان کولي هٿ ڏي ٿي گهوريندي ٻوليو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون اداس آهين،“ هن ٻڌايو. ”تنهنجي گرل فرينڊ مان چاڻ تہ جان ڇٽي. توکي جلدي هڪ ٻي بلونڊ Blonde ڇوڪري ملندي جا ڊانسنگ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هوندي، پر اڳتي هلي ان جو ڪار ڊرائيونگ ۾ ائڪسيڊنٽ ٿيندو. مون کي ڏسڻ ۾ صاف پيو اچي تہ سندس حادثو فورڊ، پونيٽڪ يا مستنگ ڪار هلائيندي ٿيندو. ان ڪري ڪيس اهي گاڏيون هلائڻ کان پرهيز ڪرائجانءِ، ۽ ها جلد ڪار ريس ۾ توکي ڪافي ڊالر ملڻ وارا آهن ۽ ايندڙ ڪرسمس ڏي تي توکي هڪ پراڻي دوست وٽان تمام پراڻو شراب ملندو، جو حاصل ڪري توکي خوشي ٿيندي...“

هوءَ لڳاتار هٿ ۾ اکيون کپائي ڳالهائيندي وئي. مون مٿي پٽ تي لڳل نوٽيس تي سندس هٿ ڏسڻ جي في پڙهي، ٻي هٿ سان کيسي مان ٻہ ڊالر ڪڍي کيس ڏنم ۽ پنهنجو هٿ ڇڏائي چيومانس:

”مونکي معاف ڪر، فقيرا ڪجهہ اکيون مٿي کڻ ۽ پنهنجي اپر چئمبر کان ڪم وٺ تہ هٿ ڪنهن امريڪن يا يورپين جو پٽي ڏسين يا هڪ ڪنگال ايشين جو. تنهنجي اهڙن ڪوڙن تي امريڪن تہ ضرور اعتبار ڪندو پر ڪهڙو پاڪستان، هندستان، سلون، برما، ٿائلنڊ، نيپال يا افغانستان جو ڪندو؟ ڪوڙ ئي هڻو اٿئي تہ انهن ڳالهين کان هي ٻڌاءِ تہ منهنجي بيمار ماءُ ڪڏهن چاق ٿيندي، منهنجي پوڙهي پيءُ جو قرض ڪيئن ۽ ڪڏهن لهندو، منهنجي بيروزگار ڀاءُ کي ڪڏهن نوڪري ملندي، ڳوٺ جي وڏيري يا صوبيدار جيڪا منهنجي مامي جي گهران چوري ڪرائي آهي سا واپس ملندي يا نہ؟ منهنجي ڀيڻ جي شاديءَ لاءِ ڏاج جو خرچ ڪٿان ايندو، منهنجو چاچو، جيڪو دشمني هيٺ ڪوڙي ڪيس ۾

جيل ڪاٽي رهيو آهي سو ڪڏهن ڇٽندو...؟"
جوڳياٽي- جنهن جو منهن خزاني مان نڪتل نئين سڪي وانگر چلڪي رهيو هو ۽ ميڪ اپ ۾ پڪدلي جي ڪنهن ٿيٽر ائڪٽريس کان گهٽ نہ هئي، سا وائڙي وچ وانگر وات کولي ٻڌندي رهي ۽ جنهن وقت وچڻ لاءِ اٿڻ لڳس تہ هن ڏڪندڙ هٿن سان منهنجا ٻئي ڊالر ڪٽي منهنجي هٿ تي رکيا.

O

ڪنهن ڪار جو ڪو اسپيئر پارٽ گهرجي يا ڪو سيڪنڊ هئنڊ ٽيڙ، تہ ان لاءِ بهترين جڳهہ جنڪ يارڊ آهي. جنڪ يارڊ- جنهن کي يورپ پاسي ڊمپ هائوس سڏين، ۾ ڪيترين ئي ائڪسيڊنٽ ۽ ڦٽل ڪارن جو ڍير تيل هوندو. در وٽ مالڪ کان پانو ۽ پيچ ڪش وٺي ضرورت واري ڪار ڳولهي اهو گهربل ٽيڙ- ڪاربيوريٽر، بتي، هب ڪئپ، ريڊيو يا ڪجهہ بيو ڪڍي سگهجي ٿو جنهن لاءِ ہہ ٽي ڊالر مس ڏيڻا پوندا آهن.
جنڪ يارڊ وارن کي اهي پراڻيون ۽ حادثي واريون ڪارون ذري گهٽ مفت ۾ پون. ڪنهن گهرجائو جو ڪم ٿو ٿئي ان کان مٿئين ريت پئسا الڳ وٺن، پر جنهن جي گاڏي ائڪسيڊنٽ ٿي پوي يا گهر مان ڪو سامان: ڪبٽ، ڪرسي، ريفريجريٽر وغيره خارج ڪرڻ ٿو چاهي تہ ان کان سامان ڪٽي اچڻ يا ڪار ڇڪي آڻڻ جو ياڙو الڳ وٺن ڇو جو هو در کان ٻاهر اڇلي نٿو سگهي جو ان لاءِ سخت ڏنڊ آهي. يا ڪنهن جي ڪار سپر هاءِ وي تي ايڪسيڊنٽ ٿي پئي تہ اتي ڪنهن وٽ ايترو وقت ڪٿي آهي جو وٺي مستري ڳوليندو ۽ صحيح ڪرائيندو. جي وقت ہہ هجيس تہ مستري کان

ڪا شيءِ نهرائڻ ڪان بهتر آهي تہ نئين خريد ڪجي جو مهڙن ملڪن ۾ Repair بدران Replacement کي ترجيح ڏيڻ بهتر آهي. نتيجي طور جنڪ يارڊ وارن کي فون ڪري اهو بيڪار سامان يا گاڏي هٽائڻي پوندي آهي ۽ جنڪ يارڊ وارا ٽرڪ رستي يا Towing رستي اهو بيڪار سامان جنڪ يارڊ ۾ اچي اڇلين. ان پورهئي لاءِ جنڪ يارڊ وارا سامان جي مالڪ ڪان ڪٽائي جا پئسا الڳ وٺن. ڪيترا ماڻهو تہ ان ڪٽائي جي پئسن ڪان بچڻ خاطر هلڪيون ڦلڪيون شيون رات جي سانت ۾ ماٺ ماٺ ۾ ٻاهر اڇلي ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ اهي ننڍڙيون شيون صبح جو رستن جي صفائي وقت سرڪاري ٽرڪ ۾ کڄي وڃن.

نيويارڪ ۾ جيسين جهاز هوندو آهي تہ موڪل وارا ڏينهن آئون پنهنجي پراڻي ڪاليج (ڪئڊٽ ڪاليج) جي دوست نوراحمد نظاماڻي ۽ جهڏي جي مير مبارڪ ٽالپر وارن جي فليٽ ۾ رهندو آهيان. نيويارڪ ۾ پهرين دفعي صبح جو نوراحمد نظاماڻي سان گڏ سندس فليٽ مان نڪتاسين تہ هيٺ ڪنهن جو ائين اڇلايل ننڍڙو ايئرڪنڊيشنر پيو هو. سرڪاري ڪچري جي ٽرڪ اچا نہ آئي هئي. ايئرڪنڊيشنر اهڙي خراب حالت ۾ نہ هو پر شايد ڪنهن نئين ماڊل جي شوق ۾ هن کي ردي ڪري اڇلايو هو. لفٽ ۾ رکي مٿي ستين ماڙ تي گهر کڻي آياسين ۽ تورو ئي ٺهل ٺڪور ڪرڻ سان اڄ تائين هلي رهيو آهي.

اها ڳالهہ ان ڪري ياد آئي جو نيويارڪ ۾ رهندڙ هڪ همراهہ عبدالرزاق شيخ، سندس گهر بدلجڻ تي هڪ نئون پلنگ اسانکي مٿين جاءِ ۾ ڏئي ويو ۽ پراڻي کي اڇلڻ لاءِ اسان پئسا ڏئي ٽرڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِرائڻ نٿي چاهي. سو آڌي رات جو مٺن هٽن (نيويارڪ) جي چند ساعتن جي ماٺ ۾، اهو پلنگ هيٺ رستي تي وجهي ڦٽو ڪري آياسين. صبح جو ستين بجي جهاز تي وڃڻ وقت ڏسون ته ۾ پورٽريڪن همراهه ان پلنگ کي ڪلهو ڏئي ڪٽي پيئي ويا. نظاماڻي کي جهازي زبان ۾ چيم: "استاد ڪارگو جي Transhipment پئي ٿئي."

O

عربن اڄڪلهه امريڪن، يورپين وغيره جو تيل بند ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري رستي تي جنهن به ملڪ مان جهاز لنگهيو ٿي اتي تيل جي بچت جي لڳي پئي هئي. گرميءَ ۾ به ايئرڪنڊيشنر نه هلائڻ جي نصيحت. ٿڌ ۾ هروپرو ڪمرو گهٽو گرم رکڻ لاءِ جهَل. ڪارون، گاڏيون، جهاز تکي اسپيڊ تي هلائڻ لاءِ منع، ايتري قدر جو گرم پاڻي بچائڻ لاءِ اڪيلي سر وهنجڻ بدران، گڏ وهنجڻ جي صلاح- پوسٽرن، رسالن، ريڊيو ۽ ٽيليويزن ذريعي ڏني پئي وئي.

امريڪا پهچڻ کان اڳ چيف انجنير اڪبر غازيءَ اڳ ئي چيو ته امريڪن تي ان Oil-Crisis جو ڪو خاص اثر نه ٿيو هوندو.

واقعي هو به ائين. امريڪا پهچڻ تي هر ڳالهه نارمل لڳي. ساڳيون وڏيون ڪارون. دڪانن، آفيسن ۽ بسن ۾ دل کولي ماٺهو Air-Conditioners هلائي رهيا هئا ۽ دروازن جا پٽ طاق ڪليل.

وائڙو ٿي چيف انجنيئر کي چيم ته هن کان وڌيڪ ته پنهنجي ملڪ ۾ بصر، پٽاٽي، گاسليٽ ۽ اٽي جا Crisis آهن.

O

## سوانا (ورجينا رياست)- امريڪا

رات اڄڪلهه جي ٽاپ فلم Exorcist ڏٺيسين. جڏهن اسان وٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڻ، پوتن ۽ بدروحن جون ڳالهيون ذري گهٽ ختم ٿي ويون آهن ته هيڏانهن ثابت پيون ٿين ته انهن ۾ ڪيتريقدر حقيقت آهي. ان جو مثال مٿين فلم آهي جيڪا آمريڪا ۾ God-Father فلم کان به وڌيڪ رش ڪٽي وئي آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪابه ايڏي مشهور فلم نه ٿي جنهن کي ڏسڻ لاءِ نانگڻ جهڙيون قطارون سئنيما گهرن اڳيان ڪلاڪن جا ڪلاڪ اڳ لڳي وڃن. ۽ Exorcist ڪتاب، جنهن تان اها فلم ٺهي آهي، ان جون هڪ ڪروڙ کان به مٿي ڪاپيون هيستائين وڪامي چڪيون آهن.

Exorcist فلم ۾ ڏيکارين ٿا ته هڪ ننڍڙي ٻارهن سالن جي ڇوڪري ريگان (Linda-Blair) کي جِن پوي ٿو- جيڪو پوءِ اڳتي هلي ثابت ٿئي ٿو. پر شروع ۾ اوچتو ئي اوچتو ڪلندي ڪڏندي، بنا ڪنهن سبب جي ڇوڪريءَ جي حالت غير ٿي وڃي ٿي، بستر سان گڏ پاڻ به اڇلندي رهي ٿي ۽ سندس ڪمري جو فرنيچر ڪڏهن ڪڏهن چرندو نظر اچي ٿو.

فلم ۾ ڪئپٽن محسن مون سان گڏ هو. تنهن کي مون ان وقت ئي چرچي ۾ چيو ته هن ڪم لاءِ ڪپي ته تنبي ٺوڙهي جو جهاڙ ڦوڪ وارو جيڪو درا هٽي منجهانئس جِن ڪڍي. ريگان جي ماءُ (ايلن برسٽائين) پنهنجي ڌيءَ جي اها حالت ڏسي پهرين دماغي سرجن (Brain-Specialists) وٽ وڃي ٿي، جيڪي هن جو علاج دوائن ۽ آپريشن ذريعي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پر ڪو فائدو نٿو ٿئي. ان بعد هوءَ ڌيءَ کي ماهر نفسيات وٽ وٺي وڃي ٿي. پر 'مرض وڌندو رهيو، جيئن جيئن دوا ٿي' وانگر ڇوڪريءَ جي حالت ويتر خراب ٿيندي وئي. ڦٿڪڻ، ڏندڻ پوڻ، جوش ۾ اچي وقلڻ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچيون ڳاريون ڏيڻ. ڪڏهن ڪڏهن سندس منهن رت سان يا چيڻ سان پرجي ويو ٿو. هڪ دفعي تہ Psychiatrist کي سوگهو ڪٽي جهليائين. سندس ماءُ جيڪا فلم ۾ ائڪٽريس ڏيکاري وئي آهي ۽ فلم جي شوٽنگ ڪري رهي آهي، ان جي ڊائريڪٽر کي دريءَ مان ٻاهر اڇلي ڇڏيائين. هڪ پادريءَ دعا ٿي پڙهيس تہ ان مٿان الٽيون ڪري ڏنائين. سڀ کان عجيب خوفناڪ يا فاحش سين ڏيکاري وئي آهي تنهن ۾ ڇوڪري Crucifix (عيسائين جو منڊيٽڙي جهڙو پاڪ ڪراس) سان Masturbate ٿي ڪري.

سڀ ڊاڪٽر، ماهر نفسيات وغيره هڪا ٻڪا رهجيو وڃن ۽ شڪست محسوس ڪن ٿا تہ هنن کان هن ڇوڪريءَ جو علاج ٿي نٿو سگهي. آخر ۾ سڀ اها صلاح ڏين ٿا تہ هن کي بدروح جو اثر آهي ۽ جِن ڪڍڻ واري کي سڏايو وڃي.

پهرين تہ جهاڙ پڙهڻ وارو 'فادر ڪاراس' (جئمسن ملر) ان لاءِ انڪار ٿو ڪري، ۽ فادر ميرن (ماڪس وان سائڊو) ذري گهٽ جِن ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ وارو هو تہ ڪيس ٻنا ڪنهن سبب جي دل جو دورو پوڻ ڪري موت ٿو ٿئي. ان بعد وري فادر ڪاراس اهو ڪم پنهنجي سپرد ڪري ٿو ۽ ايمان ۽ قربانيءَ جي جذبي هيٺ بدروح کي پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏئي ٿو تہ معصوم ٻار کي ڇڏي ڪيس چهٽي، جيئن ٻار هن دنيا ۾ جيئرو رهي سگهي. جِن اها دعوت قبول ڪري ٿو ۽ ٻار کي ڇڏي فادر ڪاراس ۾ اچي ٿو ۽ عين ان وقت فادر ڪاراس ماڙيءَ جي دريءَ مان ٽپ ڏئي خودڪشي ڪري ٿو ۽ ڇوڪري ڄڻ تہ ڪنهن خوفناڪ خواب مان سجاڳ ٿي ٿئي ۽ هيترو عرصو هن تي ڇا وهيو واپريو ان جي هن کي ڪا خبر ناهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهرحال متين ڪهاڻي تہ فلم جو تت آهي. صحيح معنيٰ ۾ هن فلم کي ڪهاڻيءَ کان وڌيڪCinematic-Effects ٿي خوفناڪ ۽ ڊيجارينڊڙ بنائين ٿا. جڏهن کان هيءَ فلم امريڪا جي ٻاويهن شهرن جي مختلف سئنيمائن ۾ هلڻ شروع ٿي آهي، ڪيترا اهڙا واقعا ٿيا آهن جو ڊپ کان ماڻهو فلم ڏسندي بيهوش ٿي ويا آهن، الٽيون ڪيون اٿن، دانهون ڪري ٻاهر ڀڳا آهن.

فلم بابت مختلف نقادن جو مختلف رايو آهي. ڪي هن فلم کي فاحش سڏي رهيا آهن، ڪي Horror فلم، ڪي مذهبي، ڪي افسانوي وغيره. ۽ جِن ڪيڏڻ جو علم- آرٽ، جادو، رسم يا جو ڪجھ بہ سمجهيو وڃي، جيڪو آهستي آهستي گهٽجي چڪو هو سو هڪ دفعو وري ظاهر ٿي رهيو آهي. اهي مذهبي عالم جيڪي ان قسم جون ڳالهيون پهرين سئڪوٽراپيءَ جو ڪيس سمجهي سئڪاٽرسٽ يا نيوروسرجن ڏي رجوع ڪندا هئا، سي هڪ دفعو وري جهاڙ ۽ جِن ڪيڏڻ جي چاڻ جي اهميت بابت سوچي رهيا آهن.

فلم جي شروعات ٻانگ سان ٿئي ٿي ۽ ڏيکارين ٿا تہ عراق جو شهر آهي، ۽ اڳئين نماز جو وقت آهي. هڪ دڙي جي کوٽائي Excavation هلي رهي آهي، جتان اهو بدروح جو بت ٿو نڪري ۽ بلڪل ان وقت امريڪا ۾ لاس اينجلس ۾ ان ڇوڪريءَ تي ان بدروح جو اثر ٿو ٿئي. عراق واري سين ۾ ڏيکارين ٿا تہ گهٽين ۽ دڪانن ۾ عرب ڊگهن جبن ۾ هلي رهيا آهن. ڪئپٽن محسن چيو تہ هن وقت فلم ۾ آيل سڀ امريڪن اهو سوچي رهيا هوندا تہ هي آهن اهي بدو عرب جن اڄ ڪلھ تيل بند ڪري باقي دنيا جي زندگي زهر ڪئي آهي. واقعي ان وقت سڄي هال ۾ سُس پُس ٿيڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي. اسان جي پر ۾ ويٺل نوجوان جوڙي عربن کي گار ڏني. ٻين پر وارن اڳين پوين ٻڌي، ٺهڪ ڏنا.

بالٽيمور ۾ رهندڙ لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽر نسرين قاضيءَ سان ان رات ٽيليفون تي ان فلم جي ڳالهه ڪيم. تنهن ٻڌايو ته هن پڻ ان بابت ٻڌو آهي ته اها ڳالهه حقيقت آهي ۽ اهو واقعو آمريڪا ۾ ويجهڙائيءَ ۾ درپيش آيو هو. ۽ چوڪريءَ بدران ڇوڪري کي جن پيو هو، ۽ ڇوڪرو واشنگٽن جو رهاڪو آهي.

”ڇا ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ تون جنن ڀوتن ۾ يقين رکين ٿي-؟“

”ها. ۽ هتي جا ماڻهو به ڪن ٿا. قرآن ۾ به ان بابت آهي ته جن Exist ڪن ٿا.“ ڊاڪٽر نسرين وراڻيو.

هڪ لطيفو يا ڪهاڻي ياد پئي اچي. جنهن بابت چيو وڃي ٿو ته دنيا جي ننڍي ۾ ننڍي Short-Story (افسانو) آهي:

هلندڙ گاڏيءَ ۾ هڪ مسافر ٻئي کان پڇيو، ”ڇا تون جنن ڀوتن ۾ يقين رکين ٿو-؟“

”نه.“ ٻئي وراڻيو ۽ اکين کان غائب ٿي ويو.

O

آمريڪا جي گهڻو ڪري سڀني بندرگاهن ۾ جهازن جي سهوليت ۽ وندر لاءِ ”سي- مين ڪلب“ ٺهيل آهن، جيڪي ان شهر جي ميونسپل ڪميٽي، چرچ يا پراڻن جهازين جي مدد ۽ آڌار تي هلي رهيا آهن. انهن ڪلبن ۾ جهازين جي دلچسپيءَ لاءِ رانديون، سستي اگهه تي تحفن جو دڪان، هوٽل، ريڊيو، ٽي وي، رسالا هوندا آهن. انهن Sea-Mens ڪلبن ۾ گهڻو ڪري پاڪستان، هندستان، سلون، انڊونيشيا، فلپين ۽ ٻين غريب ملڪن جي جهازن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا خلاصي نظر ايندا، جو هو مهڙن مهانگن ملڪن ۾ توري پگهار تي پيو ڪيڏانهن وڃن. ڪي ڪي 'سي- مين ڪلب' تہ جهازين لاءِ مفت ۾ يا تورن پئسن تي ٽوئر، پڪنڪ يا دعوتن جو بہ بندوبست ڪن ٿا.

رات دير سان گهمندا ڦرندا سي- مئن ڪلب ۾ اچي نڪتاسين. ڪلب جي ٻاهران Home away from home لکيل آهي. اسان اندر وڃڻ بدران ٻاهران دريءَ مان ڏسڻ لڳاسين. زيديءَ چيو تہ اندر هلبو تہ خلاصين جو مزو خراب ٿيندو.

جهاز جو ٽوپس (ينگي) پيانو وڄائي رهيو هو، جيئن پاڪستاني فلمن ۾ هيرو، هيروئن جي برٿ ڊي تي غمگين گانو ڳائيندو آهي- جهاز جو هي ٽوپس جنهن جي Eye Sight ايتري تہ گهٽ آهي جو ٿانوَ ڏوئندي ڇمڇا، ڇريون پٽ تي ڪِري پوندا آهن تہ انهن جو فقط آواز ٻڌي سگهندو آهي، گهٽ نظر ڪري ڪٽي نہ سگهندو آهي. ۽ منهنجو 'ڪئبن ٻٹاءُ' قاسم جنهن ڪڏهن قوالي يا ڍولڪ بہ Appreciate نہ ڪيو هوندو، سو آرام ڪرسيءَ تي بالم ٿي، اکيون بند ڪري سگريٽ جا ڊگها ڪَش بہ هڻي رهيو هو تہ سرور مان پيانو بہ ٻڌي رهيو هو. ڪاٻي هٿ جي آڱرين سان ڪرسيءَ جي ڪاٻي ٻانهن تي ائڊيشنل ميوزڪ پڻ رکي رکي Supplement ڪري رهيو هو. جهاز جو ڊيڪ ڪسب (اسٽور ڪيپر) ۽ ڇيپي (واڊو) ٻن گورين ڇوڪرين سان غلط سلط انگريزي ڳالهائي رهيا هئا. ۽ پياني مان دم جي مريض جيان نڪتل ميوزڪ تي ٿلهو پئنٽري مئن ڪمپليٽ سوٽ ۾ هڪ اڌڙوٽ عمر جي عورت سان ڊانس گهٽ ڀاڪر وڌيڪ پائي رهيو هو. انجڻ سرنگ، جنهن جي چال (چاهي نشي ۾ هجي يا هوش ۾) شطرنج جي گهوڙي وانگر آهي (يعني بہ قدم اڳيان تہ اڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدم ڪاٻي يا ساڄي پيو پير ويندس) هڪ نيگرو (شيدي) ڇوڪريءَ ڪان شطرنج جي راند سکي رهيو هو. ان شيدياڻيءَ جو سڄو مٿو پُنيل هو ۽ وار ائين وڪوڙيل ۽ ڳنڍيون ڏنل هئا ڄڻ چِڪسالي تيل هجي. زيديءَ ٻڌايو تہ اڄڪلهہ امريڪا ۾ وارن ٺاهڻ جو اهو فئشن هلي رهيو آهي ۽ آرٽ ۾ شمار ٿئي ٿو.

O

## موبائيل - امريڪا

اڄ وارسڪ جهاز وارن اسان جي جهاز وارن کي دعوت ڪئي. وارسڪ جهاز پڻ اسانجي جهازران ڪمپني- نئشنل شپنگ ڪارپوريشن جي ٽيهارو کن جهازن مان هڪ آهي. وارسڪ جهاز جو چيف آفيسر ڏاڍيون مزيدار ڳالهيون ٻڌايون. پاڻ هٽو ڪٽو ڇهن فوٽن جو جوان آهي. ڏسڻ ۾ ملهہ، پهلوان يا جپاني ساموري لڳي ٿو. گهر جون ڳالهيون ڪندي چوڻ لڳو:

"منهنجو پيءُ ڏاڍو ماريندو هو. بس ڪاسائي هو ڪاسائي. هڪ ڏينهن وڏي ياءَ کي ماريائين. هو موچڙن جي ڊپ کان ڪلڪتي ڀڄي ويو. بابي لکي موڪليس: "ڇورا موٽي اڄ نہ تہ قيمون ٺاهي ڇڏيندوسانءِ."

"هونءَ جن جا پيءُ ظالم ٿين،" ڪئپٽن محسن خان چيس، "انهن جون مائرون نرم دل ٿين."

"ماءُ-!" چيف آفيسر دانهن ڪري تعجب مان چيو، "اسان جي ماءُ تہ بستر مرگ تي بہ اسان کي ماريو. ٻنهي پائرن کي ويجهو سڏائي، ٺڪا ڪٽي ويٺو هنيائين."

O

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نيو جرسي - امريڪا

امريڪا ۾ ڪي ڪي .T.V پروگرام تمام دلچسپ اچن ٿا. هڪ ڏين مارٽن شو نالي آهي. جنهن ۾ هر دفعي ڪا تاريخي هستي ڏيکاريندا آهن ۽ ان جو تعارف ڪرائي ان کان سوال ڪندا آهن.

هن هفتي جي شخصيت جارج واشنگٽن هو. جنهن جهڙو شڪل ۽ ڊريس ۾ هڪ همراهہ ويهاريو ويو. ڪجهہ دلچسپ ڳالهيون ان بابت؛

- هي ويچارو (جارج واشنگٽن)، اڄڪلهہ جي صدر نڪسن وانگر اڳين حڪومتن تي ڏوهہ ٿاڦي نٿي سگهيو.
- هي امريڪا جو صدر ٿيو ڇاڪاڻ جو هن کي اڄڪلهہ وانگر گهٽن صدرن جا نالا ياد ڪرڻا ڪونہ پيا هئا.
- جڏهن هن کان پڇيو ويو تہ وڻ ڪنهن ڪٽيو تہ هي ڪوڙ ڳالهائي نہ سگهيو- ڇاڪاڻ جو ڪهاڙي اڃا ٿائين هن جي هٿن ۾ هئي.
- هن جو پيءُ ڪيس ڪجهہ بہ ان لاءِ چئي نہ سگهيو- ڇاڪاڻ جو ڪهاڙي اڃان ٿائين هن جي هٿن ۾ هئي.

ان بعد جارج واشنگٽن جي زال اچي سندس مزاحيہ تعارف ڪرايو.

- منهنجي مڙس کي ملڪ ڏاڍو پسند هو. هن کي ورجينا تمام گهڻي پسند هئي. (ورجينا ڇوڪرين جو بہ نالو آهي تہ امريڪا جي هڪ رياست جو بہ.) ورجينا جو تيسين هڪ هڪ انچ پسند ڪندو هو. جيسين ورجينا جي مڙس هن کي موچڙا نہ هنيا.
- جارج ڪڏهن بہ نڪسن وانگر Scandal ۾ ڦاٿو ڪونہ- تمام ذهين هو.
- جارج کي رعيت جو ڏاڍو خيال هو. چمڙا پوش ڪري رعيت جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکن سورن جي خبر لهندو هو ۽ جوڳي مدد ڪندو هو. مثال طور هڪ ڏينهن مينهن ۾ هڪ جوان عورت پڪاري رهي هئي ته ڪيس مارڪيٽ مان ياڄي ڳهراٽي آهي ۽ هن وقت سندس مڙس به گهر ۾ نہ آهي. سو جارج هن سان سندس گهر هليو ويو.

- اسان پنهي فلاڊلفيا ۾ 'هني مون' ملهايو ۽ اتي ڪجهه به نہ ٿيو. ۽ اڄ ڏينهن تائين اتي ڪجهه نہ ٿيو آهي.

O

اڄ نيويارڪ جي سب-وي ۾ گاڏي بدلائيندي هڪ پوڙهي عورت ملي. پاڻ ٻڌائين ته هوءَ فقط ٽيهه سالن جي آهي (شايد سندس عمر 'U' يو ٽرن ڪري اتي پهتي هجي.) پاڻ ڪنهن اسڪول ۾ ٽيچر آهي.

- خبرچار ڪندي چوڻ لڳي: ماڻهو (فارينرس) امريڪا ۾ ڏينهن اڏ لاءِ اچن ٿا ۽ نيويارڪ جي 42-Street ٻائيتالهين گهٽيءَ جو چڪر ڏئي اهو ئي اثر وٺن ٿا تہ سڄو امريڪا (U.S.A.) اهڙو آهي.
- امريڪن ۾ خرچڻ جي ڏاڍي عادت آهي. بس هرويرو خرچڻ. ڪيڏو بہ ڪٿي پگهار هجين تڏهن بہ بچت ڪجهه بہ نہ، ويتر قرضي. ڪيترين اهڙين ڪمپنيون ۽ دڪان آهن جتي Take Now Pay Latter وارو حساب آهي. تن تہ هٽي هتي جي ماڻهن کي هٿين خالي ڪري ڇڏيو آهي.
- آءُ پاڻ کي ڪڏهن بہ پوڙهو محسوس نٿي ڪريان. دراصل اها عمر ناهي جيڪا ماڻهوءَ کي پوڙهو ڪري ٿي پر اها نفسياتي Feeling آهي، جيڪا وڏيڪ پوڙهو ڪري ٿي. جي آءُ چپ چاپ گهر اچي ويهنديس تہ ظاهر آهي ڦيڪي ٿي وينديس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

## نيويارڪ - امريڪا

سليم شاھہ جي گھر ڪالھہ لنچ ھئي. ڊاڪٽر اي. ڊبليو. قاضي، سندس ڪنوار، آغا ۽ انور مجيد شيخ پڻ آيل ھئا. اٽيڪا کان لطيف شيخ بہ آيو ھو. عبدالقدوس علوي بہ ھتي نيويارڪ ۾ ھو پر اچي نہ سگھيو. سليم شاھہ جي زال- پروين ڀاڀيءَ چڪن برياني ۽ پاوا ٺاھيا ھئا- جي ھتي لاءِ وڏي ڳالھہ آھي. (ڪجھہ تہ مدد ضرور سليم شاھہ بہ ڪرائي ھوندي. ٻيو نہ تہ بصر ڪٽيو ھوندائين، پاپڙ پچايا ھوندائين ۽ ڪسٽرڊ ٺاھيو ھوندائين- ائين ٿي ھتي امريڪا ۾ ھر گھر ۾ ٿئي ٿو.)

پاوا سيني کي ڏاڍو پسند آيا. لطيف شيخ چيو تہ پاوا جيڪڏھن ھر آچر تي ٺاھيو تہ اٽيڪا کان بہ اچان. پاون لاءِ اھي اڍائي سؤ ميل ڊرائيونگ جا ماريندا ڪونہ.

ڊاڪٽر قاضيءَ چيس تہ چو توھان جي گھر پاوا ڪونہ ٺھن ڇا-؟

وات مان ڇباڙيل ھڏا ڪڍي لطيف وراڻيس: ”نہ ادا. اسان جي گھر ۾ ڪٽ ٿي ڪانھي، پاوا وري ڪٿان ايندا.“

”پر ھي آھن تہ ٻڪري (حلال)جا پاوا نہ-؟“ انور پڇيو.

”تہ ٻيو سوئر جا بہ ٿيندا آھن ڇا-؟“ سليم وراڻيس.

”جي ھوندا تہ بہ M.K. ھوندا.“ لطيف ٻڌايس.

”يار لطيف تون فيلسوف وري ڪڏھن کان ٿيو آھين؟“

”بس ادا جڏھن کان ڪوئيٽا جا صوف کاڌا اٿم.“

آءُ ھتن پراڻن يارن ۾ ٺٺون، چپ چاپ سندن ڳالھيون ٻڌي ڪلندو رھيس. چيومان تہ ڪيترن ڏينھن کان پوءِ سنڌي ٻڌي اٿم.

لطيف چيو تہ اڃا تو عبدالرزاق جي سنڌي نہ پڙهي آهي. ان ڏينهن ايئر هوسٽس کي ڪار ۾ لفٽ ڏنائين. گرمي ڏاڍي هئي سو چيائين تہ ڪانچ هيٺ ڪري ويهو. هن جو مطلب 'ڪانچ' مان دريءَ جو شيشو هو، پر هوءَ ماڳهين ڪاوڙجي ڪار مان لهي ٽيوب ذريعي هلي وئي.

سليم شاهہ چيو، "لطيف جا مزا اڃا دڪان تي نہ ڏٺا اٿئي. جن ڏينهن ۾ هتي نيويارڪ ۾ دڪان هوس، امريڪي گراهڪن تي ڏاڍا نالا رکيا هئائين. ڪولمبيا يونيورسٽي جي آرٽ ڊپارٽمينٽ جون هڪڙيون چار ڇوڪريون ٽلنڊيون اينديون هيون. چوندو هو تہ اهي قاضياڻيون پيون اچن. يا ٻين نالي چوندو هو ميمڻاڻيون پيون اچن. هي عرس شيدي آهي، هيءَ قائمان مڱڻهار آهي. هي چاچو ــ ڏتو پيو دڪان تي چڙهي- ہہ شيون کيسي ۾ وجهندو تہ هڪڙي خريد ڪندو. 'ڪجهہ توراڻيو ڪجهہ چوراڻيو' وارو اصول اٿس.

پر هڪ ڏينهن لطيف شيخ کي هڪ اهڙو ڏاڏو (شيدي) دڪان تي ڦري آيو جو جيسين سوچي ان جو نالو رکي، ڏاڏي ڪوڙو ڏهين ڊالر جو نوٽ اڇلي چيس تہ هي بدلائي ڏي، ڏنو ئي تو آهي. لطيف چيس تہ بڪواس بند ڪر نہ تہ پوليس کي فون ٿو ڪريان. تہ ماڳهين ڏاڏي پاڻ فون کڻي پنهنجي آفيس ۾ ڪرڻ لڳو تہ، 'آفيس دير سان پهچندس جو دڪاندار ڦڏو پيو ڪري.' سو هتي جا ڪي اهڙا بہ ڏنگا ماٺهو آهن. هونءَ تہ خير اسان جو لطيف پنهنجو مٺ پاڻ آهي..."

"پر يار ان ڏينهن مٺ بدران دلو ٿي پيس." لطيف اڌ ۾ ڳالهہ ڪٽي چيو.

پروين پاپيءَ ڪان پارن جي پڙهائيءَ جو حال پڇيم تہ هتي جي اسڪولن ۾ امريڪي پارن جو مقابلو ڪري سگهن ٿا يا نہ.

”نندو ڇوڪرو تہ هتي رهي منهنجا بہ ڪن ٿو ڪتري. هڪ ڏينهن چيومانس تہ:

"Why are you laughing?"

چوڻ لڳو اماں ’لافنگ‘ نہ چئہ ’لئفنگ‘ چئہ.

واپار بابت پروين پاپيءَ ٻڌايو تہ ماڻهو سمجهن ٿا تہ واپار آسان آهي- جو پاهران ائين ٿو لڳي. پر حقيقت ۾ ان ۾ تمام گهڻي محنت ۽ جوکم آهي. خاص ڪري اڄڪلهہ جي زماني ۾ جڏهن ڇپي ڇپي تي Competition آهي. اسان جي ملڪ جا ماڻهو گهڻو ڪري Risk نٿا کڻن ۽ نہ چڱيءَ طرح ان بابت پروڙ رکن ٿا تہ مارڪيٽ ۾ ڪهڙي شيءِ گهرجي. انڊين سياڻا آهن. هو اڌار (Credit) تي بہ مال ڏئي ويندا. جيئن ئي ڪو فئشن بدلبو تہ انڊيا کان Fly ڪري اچي چيڪ ڪندا ۽ ان مطابق سامان موڪليندا. هو خرچ ڪن ٿا تہ ڪمائين بہ ائين ئي ٿا. اسان کي هتان نيويارڪ مان ئي انڊين کان ڪريڊٽ تي ونڻ ۾ فائدو آهي جو ڪين واپس بہ ڪري سگهون ٿا ۽ پئسا بہ اڳواٽ ڏيڻا ڪونہ ٿا پون. سو پاڪستان مان ڪيئن گهرايون. جو ان لاءِ پئسا اڳواٽ ڏئي مال ڇڏايون. پوءِ اسان کي يا گراهڪن کي پسند نہ اچي تہ ڪيڏانهن ڪريون. هڪ همراهہ پاڪستان کان اهڙو سامان موڪليو جنهن جو هتي فئشن نہ هو. اهو سامان Basement (بهري) ۾ ئي هن اچلي ڇڏيو.“

” ڪراچي جي ’شهزادي‘ دڪان جو سامان ڪيئن آهي؟“ مون پڇيومانس.

”اهو تمام اوچو ۽ ميناڪاري وارو آهي. اهڙو سامان ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ئي هلي سگهندو جو مهانگو بہ ڏاڍو آهي. اسان جي دڪان تي هلڪو ڦلڪو شاگردن لاءِ ٿو هلي. هي ڏسو سوسيءَ جون ڏهين ٻارهين ڊالرن واريون آڏيون، ابتيون سبتيون سبيل قميصون ۽ ڪدڙ جا اسڪرٽ وغيره. هتي ڪولمبيا يونيورسٽي جي ويجهو هجڻ ڪري اسانجون نوي سيڪڙو گراهڪ شاگرديائيون آهن. ۽ هتي آمريڪا ۾ جيسين امريڪن شاگرد آهن، ان قسم جا ڪپڙا فئشن طور پائين. چون تہ Materialism يا اوچا ڪپڙا پائڻ اجايا آهن.

اسان جو ڇوڪرو بہ ڪاليج جي ٻين ڇوڪرن کي ڏسي پنهنجي نئين پتلون ۾ چتي هڻي رهيو هو. ڇيومانس تہ جي چتي ئي هڻي اٿئي تہ بلو رنگ جي جين تي بلو ئي هڻ. ڪاري ڇو ٿو هڻين. جوڻ لڳو: "امان پوءِ ماٺهن کي ڪيئن خبر پوندي تہ چتي لڳل آهي."

سو اهو آهي اڄ ڪلهہ جي شاگردن جو فئشن (Trend) يعني چتين لڳل ۽ ڦاٽل ڪپڙا پائڻ! ٻئي پٽ وري پتلون کي ڪپ سان گوڏي وٽان ڪرچي ڪرچي ڦاڙي ڇڏي آهي. هاڻ ڏيو منهن! جيتوڻيڪ اهي ساڳيا شاگرد تعليم بعد جڏهن Executive-Post تي اچن ٿا تہ ساڳيا اعليٰ ڪپڙا پائين ٿا."

O

لنچ بعد شام جو ڪولمبيا يونيورسٽي ۾ انڊين فلم ڏسڻ لاءِ سڀ هلياسين. اسان دير سان پهتاسين. مس مس جڳهہ ملي. ڪولمبيا يونيورسٽيءَ جو هڪ ڊنل ليڪچر هال هو تنهن ۾ ڪنهن پاڪستاني ڪميونٽيءَ فلم جو بندوبست ڪيو هو. هال جو پَٽ هڪ ئي ليول تي هجڻ ڪري پوين کي پڙدي بدران اڳين جا مٿا نظر اچي رهيا هئا. پارن جو گوڙ، پوسٽ ۽ گرمي، ڪوڪا ڪولا جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بوتلن ۽ دہن کلڻ جا رکي رکي نڪاءِ، ماڻهن جي باٿ روم ۽ ٻاهر آئيس ڪريم جي دڪان ڏي اچ وڃ، هر پندرهين ويهين منٽن کان پوءِ ڪو ٻار روئندو ماءُ کي پيو ڳولي يا ماءُ ٻار جا بوٽ هٿ ۾ کڻي ڪيس پٺي ڳولي. بس پڙدي تي فلم ڏسڻ بدران هال ۾ جيئرن جو ميلو ڏسڻ وٽان هو. ان کان علاوه ڳالهہ تي رکي رکي ماڻهن جو جهڳڙو. اسان جي ٻہ هڪ ڏر سان خوب ڏي وٺ ٿي. پر اسان جي نمائندگي لطيف تمام اثرائتي انداز ۾ ڪئي. مخالف ڌر ڪجهہ مغز ماري ڪري تنهن کان اڳ ڏيکهہ ڪي ٻنجو ڏيڻ لاءِ اسان جي نمائندي اتندي ئي اهڙي تہ ناقابل اشاعت ڪين گار ڏني جو سڀ چپ ٿي ويا. چو تہ ان کان پوءِ مٿي جواب وات سان تہ نہ پر ٿري ناٽ ٿري بندوق سان ئي ڏئي سگهجي ٿو.

بهرحال اهو ڏاڍو سٺو امريڪا ۾ تجربو هو. منهنجا ميزبان پريشان ضرور هئا تہ آئون ڇا سوچيندو هوندس. پر ڪين کهڙي خبر تہ مون ان قسم جون فلمون ۽ ان ۾ آيل پاڪستاني ۽ هندستانين جو ميلو نہ فقط نيويارڪ ۾ ڏٺو آهي، پر ساڳيو رنگ ڪيترا دفعا مانچسٽر، براڊفورڊ، هل، لنڊن، ٽوڪيو، اوساڪا، بئنڪاڪ، بيروت ۽ يورپ ۽ افريڪا جي ڪيترن شهرن ۾ ڏسي چڪو آهيان.

فلم بعد موڪلائي جهاز تي پئي آيس. رات ڪافي گذري چڪي هئي. ڏاڍو ٿڪل هوس. جهاز تي پهچڻ لاءِ اجان ٽائيمس اسڪوائر پهچڻو هو، اتان ئي ٽرين جهلڻي هئي. ٻن اسٽيشنن بعد هڪ گهٽيءَ جو ويجهو اسٽاپ هو. مبارڪ ٽالپر جهڙي ويل هو، پر پڪ هيم تہ '319 West' ۾ ڪونہ ڪو ضرور هوندو جو در

ڪوليندو. نيويارڪ جي سڄي شهر ۾ اهو ئي ته هڪ وڏيري جي اوطاق آهي.

حيدرآباد جي پروفيسر نذير مغل جو ڀاءُ بشير مغل نيويارڪ ڇڏي شايد شڪاگو ويل هو. هالا وارو عبداللطيف انصاري ويڪ-اينڊ جي موڪلن تي ميامي (فلوريڊا) ۾ هو. ٽنڊو جان محمد جي يوسف ڏاهريءَ در ڪوليو. ٽن سالن بعد به گهر جو ساڳيو نقشو هو. فرج مان بيضا ڪڍي پچائي، ڪائي، آئون ته اچي ليٽي پيس. يوسف امريڪا ۾ ڳوٺ جون خبرون ڪندو رهيو. ننڍ اصل منهنجن ڇپرن تي ڇپ وانگر ويٺي هئي. سو مونکي سندس ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي. بس ايترو ياد اٿم ته هن جي سيني ڳالهين جو اهو شارٽ فارم هو ته هن سان مسئلو هي آهي ته ٽنڊو جان محمد ۾ آهي ته نيويارڪ تو ياد اچيس. جي هتي نيويارڪ ۾ آهي ته ٽنڊو جان محمد جي سڪ تي ستائيس.

ٻئي ڏينهن صبح جو جهاز تي اچڻ وقت ڪيس به ساڻ وٺي آيس- رهيل خبرون وٺڻ لاءِ.

O

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com